# مسلم عورت

(جدا جدا مذهبن – تهذيبن ۽ سوشل قانونن
۾ عورت جي پوزيشن)

از

پنهنور محمد حسين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

M.H. Panhwar Trust Library

# مسلم عورت

جدا جدا مذهبن، تهذيبن ۽ سوشل قانونن

۾ عورت جي پوزيشن)

از

پنهور محمد حسين

الجيمرلڪ ڪاليج ڪراچي

مع تقرير قائد اعظم

محمد علي جناح

مقدمه از

علامه آء. آء. قاضي

بار ايٽ لا.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مصنف جا حق واسطا قائم:-

تعداد اشاعت          قيمت

١٠٠٠          ٠-٠-٢

"چاھو ڀھريون"
پبلشر
پنھور محمد حسن

ملڻ جو پتہ:-
عباسي بڪ ڊپو
جھونا مارڪيٽ ڪراچي.

M.H. Panhwar Trust Library
5026
5/01/2019

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

M.H. Panhwar Trust Library

# "فاطمه جناح"

جنهن دختران اسلام جي
تنظيم واسطي هر ممڪن
طريقي سان جهاد چالو
رکيو
آهي.

ان بزرگ هستيءَ جي نالي
لي هن ننڍڙي ڪتاب
موسوم مسلم عورت جو
"انتساب"
ڪريان
ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست مضامين


| | صفحه |
|---|---|
| ١- مقدمه از علامه آءِ ٓ قاضي بارايت لا. | ١ |
| ٢- تقرير علامه آء-آء قاضي | ٤ |
| ٣- پيش لفظ | ١٣ |
| ٤- عورت ۽ هندو مذهب | ٢٠ |
| ٥- عورت ۽ ٻڌ مذهب | ٢٩ |
| ٦- عورت ۽ يهوديت | ٣٣ |
| ٧- عورت ۽ مسيحيت | ٣٨ |
| ٨- عورت ۽ اسلام | ٤٣ |
| ٩- ڪثرة الازواج | ٦٨ |
| ١٠- تاريخ پرده | ٧٧ |
| ١١- پرده ۽ علم صحت | ٨٤ |
| ١٢- اسلام ۽ پرده | ٩٤ |
| ١٣- طلاق | ١٢٢ |
| ١٤- مسلم تهذيب ۽ عورت | ١٢٦ |
| ١٥- امر الخبائث (مغربي عورت) | ١٥٤ |
| ١٦- وچ ايشيا (چيني ترڪستان، روسي ترڪستان ايران ۽ ڪوه ڪاف وغيره) ۾ مسلم عورت جي حالت | ١٦٨ |
| ١٧- الٽي گنگا | ١٨٣ |
| ١٨- عورت جي سنڌ جي تهذيب ۾ حالت | ١٨٦ |
| ١٩- مسلم عورت جي سنڌ ۾ حالت | ١٩٤ |
| ٢٠- فهرست ڪتب | ٢٣٨ |
| ٢١- تقرير قائد اعظم | ٢٤٣ |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

M.H. Panhwar Trust Library

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٦٧ | ١٤ | حير سدي | حمر اٹ سدي |
| ٩٤ | ٣ | عبد الواحد | عبد الماجد |
| ٨١ | ٣ | Woms of | Wemen & |
| ١٣٥ | ٤ ۽ ٩ | سليمان فدوي | سليمان ندوي |
| ١٥٠ | ٤ | حليده بيگم | خالده اديب خانم |
| ١٧٢ | ٩ | خدا ، | قابل سزا |

اُميد آهي ته پڙهندڙ تڪليف فرمائيندا ۽ هن غلطن کان آگاهه ڪندا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غلط نامو

انسان خطا جو گهر آهي، پروف ڏسڻ بعد به ڪيتريون غلطيون رهجو وڃن. آءٌ پنهنجي دوست قريشي نورالدين جو شڪرگذار آهيان، جنهن ڪتاب کي وري پڙهي هي غلط نامو تيار ڪيو آهي. ائين ناممڪن آهي ته ڪابه غلطي نه رهي ڇو ته ائين هميشه ٿئي ٿو ته جو جي عيوض ڇو يا ته عيوض ۾ وغيره غلطي رهجيو وڃي. هن ڪتاب ۾ هڪ ٻن هنڌ صلعم بدران صلمؑ توريت بدران لوديت ڏسڻ ۾ ايندو. باقي ممڪن آهي ته ڪي معمولي غلطيون هجن سي به خاص ڪري صورتخطي جون مثلاً.

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٥ | ١٥ | سچي سٽ هن ريت آهي | ” طلب العلم فريضة علي ڪل مسلم و مسلمة “ |
| ” | ١٨ | هئون النبي | هئي، ” النون “ |
| ٧ | ٤ | اوليا بعدهم من بعد | اولياء بعضهم من بعض |
| ١١ | ١٣ | لا غالب الله | لا غالب الا الله |
| ١٢ | ٩ | لباس بهم و لباس هم | لباس لهم و لباس لهن |
| ٢٩ | ٧ | معروف | مصروف |
| ٣٨ | ٥ ۽ ٧ | ڪرسچنن ۽ ڪرسچني | ڪرسچني |
| ٣٩ | ١٣ | هوا جي | حوا، آدم جي |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ١. مقدمہ

هنن اوراقن جو مولف هڪ انجنيرنگ ڪالمج جو طالب العلم آهي نہ جامع علم ادب يا دينيات جو. الهيءَ ڪري ٿي زياده اميد جي جاء آهي تہ شايد مسلمان سڏائيندڙ قومون جي پستي ۽ زوال زياده ثبوت جي محتاج نہ رهيو آهي سي لنڊ مسان جاڳڻ ۽ پنهنجو پاڻ وري سڃاڻڻ لڳيون آهن.

اها حالت جنهن پر خود فراموشي طاري ٿي ٿئي تنهن جا اسباب گهڻن قسمن جا ٿي ٿا سگهن. تنزلي اسباب حيواليت جي غشي ۽ موت جي لنڊ آهن.

اُهي ڳالهيون جي ڪنهن مسلمان ساري دنيا کي سيڪاريون سي اج پين وٽ ڏسي سڃاڻي نٿا سگهون نہ اسان جي وڏن جون آدل هيون.

اهل النساء جي متعلق جي خيال اج مسلمانن پر رائج آهن. سي سمورا اُهي جي قبل از اسلام موجود هئا. ۽ اسلام اچي منسوخ ڪيا- قرآني خيال جهڙا "المومنون والمومنات اولياء بعضهم من بعض" ۽ زال لاء قرآني خطاب "صاحبہ" ۽ سندس لاء قرآني استعارہ "لباس" تن جون معنائون سمجهڻ بہ اج مسلمانن لاء ناممڪن ٿي پيون آهن.

اهل النساء کي بي علم رکيو ويو. اهل النساء کي جماعت نماز کان روڪيو ويو. مسلماني سمجهڻ کان بر طرف ڪيو ويو اهي سڀ زنده مسلمانن جون ڪارروايون آهن ۽ اهو ڏينهن جڏهن اهل النساء پاڻ پنهنجي قرآني حيثيت حاصل ڪري پنهنجي حس جي ارتقاء جي تعريف پاڻ لکن سو اسان کان سالها سال پري ڪري ڇڏيو.

اهڙي اهم وقت ۾ هڪ انجنيري طالب علم جي دل ۾ اهو خيال جاڳيو ته هڪ باطل کي پيچرڻ هڪ حق چوڻ جو وقت اچي ويو آهي هڪ مبارڪ خيال آهي.

اهل النساء جي پوزيشن متعلق هن مولف تاريخي احوال ڏيڻ پوءِ هن وقت جي افراط تفريط جو ذڪر ڪيو آهي.

نقطه چيني ڪرڻ آسان آهي يا ڪن ڪمين تي انگشت نمائي ڪري چوڻ ته هيءَ تصنيف غير مڪمل آهي ان کان آسان ٿو.

اهڙيءَ صورت ۾ ڪا به تصنيف مڪمل ٿي اٿي سگهي جيڪي به ڪنهن جي نيڪ ڪوشش جو نتيجو ملي سو "خدمة الصفا" جي اصل ني هلي حاصل ڪرڻ گهرجي مون کي اميد آهي ته پڙهندڙ هن صحيف مان فائدو پرائيندو ۽ اميد ته زياده مڪمل ڪتاب پاڻ لکڻ جي ڪوشش ڪندا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي فقط هن حقيقت ڏانهن پڙهندڙن جو خيال ڇڪائڻ ضروري ٿو سمجهان اها آهي ارتقا جو مسئلہ- ارتقا يا جنهن کي انگريزي ۾ Evolution سڏيو ٿو وڃي هڪ بنيادي عظيم قانون آهي جن جي ڪن ٿورن ماڻهن کي پوري سمجهہ آهي پيا جيئن قبل از اسلام تعليم ۾ گرفتار آهن تئين قبل از ارتقا سلسلہ خيال ۾.

جنهن ڪتاب نبوت جي ذريعہ پهتل زال کي جدا حيثيت ڏني تنهن ارتقا جو اصل بہ بني نوع انسان جي پيش ڪيو. ”هل اتي علي الانسان من الدهر لم يکن شيا مذکورا“ جي آواز کي ١٣٦٤ سالن کان وڌيڪ زمانو ٿيو. ۽ هن خيال کي بہ تقير ظاهر ڪندڙ بہ لڳاتار ٻي صدي هجري ۾ کان جلا الدين رومي تائين پهچي ٿا وڃن پر تہ بہ اهو خيال اڃان عوام الناس جي دماغن ۾ وينتوئي ڪين.

هن سڀ لکڻ مان خاص غرض هيءُ آهي تہ پڙهندڙن تي عيان هجي تہ جا حالت هڪ وقت ضروري رهي آهي سا ٻئي وقت نقصان ڪندڙ. ڪل ”امير مرهون بہ اوقاتها“ رڳي زال ڪين غلام رهي آهي پر مرد پاڻ بہ غلام رهيا آهن هزارن ورهن تائين آزادي فقط چند ليکن جو نصيب ۽ چند طاقتورن جو ورثو رهي آهي. اهو لازمي امر آهي تہ ٻي سمجهہ پار کي آزادگي ڏيڻ آهي پار سان ظلم ڪرڻ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرآن ان زماني ۾ لکيو جنهن السائيت لمو (Youth) کي ڀڄيڻي هئي تنهن سبب زال ۽ مڙس کي جدا گانه حيثيت ملي 'خودي' جنهن جو ذکر اقبال بہ ڪيو آهي ۽ جنهن کي انگريزي زبان ۾ (Personality) ٿو سڏجي انهيءَ ترقي جي منزل تي انسان کي پهچائڻو هو انهيءَ سبب اهو پهريون ڪتاب آهي جنهن واسطي لبونت جي پهچي آهي بڻي حقيقتون ماڻهن جي اڳيان مستند ۽ مبين طريقي پيش ڪيون. پڙهڻ وارو گهڻو فائدو ڪين پرائيندو جي سمجهندو تہ قديم زماني ۾ بہ باهيمپ هڪ سگهن ۽ ظاهر هو- پر صحيح پڙهڻي ڪيس تڏهن نصيب ٿيندي جڏهن تصور ڪندو، اهي ڳالهيون ڪنهن زماني ۾ لازمي ضروري ۽ مفيد هيون. انهيءَ سمجهندي انسان جي ارتقاء جي ڪيفيت بہ مٿس مظهر ٿيندي ۽ دين جي هڪ هئڻ جي بہ زيادہ لکڻ لاءِ هي موقعو نہ آهي.

آءٌ وري بہ مصنف کي مبارڪ ٿو ڏيان ۽ اميد ٿو ڪيان تہ طالباءِ وري مسلمان ٿي "القلم" سورة جو پهرين بن لفظن جو ظلمات ترڙ ۽ زندگي ڏيندڙ غرض محسوس ڪري ۽ ان جو آواز دل جي ڪنن تائين پهچائي اهو وقت پيدا ڪندا جڏهن هڪ هڪ مسلم چار سو يا پنج سو صحيض جو مصنف ٿي پوءِ هيءَ دنيا تي ڇڏي.

I. I KAZI 7th November 1945

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٢- تقرير علامہ آء - آء قاضي

## بار - ايٽ - لا -

(علامہ آء - آء - قاضي بار - ايٽ - لا - 28 آڪٽوبر جي تقرير ڪئي تہ) Can Brahmama, Khatri, Vaisha, & Sudra Stand) ان ۾ ڪجهہ حصا اهڙا هئا جن مان عورت جي حقيقي اسلامي پوزيشن جو پتو پوي ٿو جي هيٺ ڏجن ٿا.)

هندن ۾ علم کي هڪ خاص طبقہ تائين محدود ڪيو ويو سو دِر جيڪڏهن ويدن جو ڪو حصو ٻڌي تہ ان جي ڪنن ۾ شيهو ڳريو ويندو هو. علم جي هڪ هٽي هئي. علم صرف برهمڻ سيکاري سگهندا هئا. عورتن لاء بہ علم حاصل ڪرڻ لازم نہ ٺهرايو ويو. مگر اسلام ۾ هر هڪ مرد ۽ هر هڪ عورت لاء علم پرائڻ ڪان قبر تائين لازم ٺهرايو. چنانچہ ارشاد ٿيو.

"طلبتہ العلم فريضتہ علي كل مسلمہ والمسلمنہ."

خود قرآن شريف جو پهريون لفظ جو نازل ٿيو سو آهي 'اقرء' يعني پڙهہ - پهرين صورت هئي 'القلم' يعني قلم ٻي صورت جا نازل ٿي سا هئي 'النبي' يعني مس ڪپڙي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني قرآن شريف جو سڀ کان ڀھريون پيغام آھي.

پڙھ- قلم- ڪپڙي ھين لفظن ۾ پڙھ ۽ لک-

قرآن شريف جتي مرد لاءِ لفظ ڪم آندو آھي اتي عورت لاءِ بہ، ڪنھن ٻہ مذھبي ڪتاب ۾ انھن ڪو نھي- ٻيا سڀ الھامي ڪتاب مرد کي مخاطب ٿي ڪري چيل آھن. ۽ جتي ٻہ عورت لاءِ ڪو حڪم آھي تہ لفظ آھن "عورت کي چو" "عورت کي ھي ڪم ڪراءِ" وغيره- بعضي عورت کي صرف مرد جي مالڪت زندگي بسر ڪرڻي آھي مگر قرآن شريف صاف صاف ھر جڳھ عورت ۽ مرد کي گڏ و گڏ مخاطب ڪري چيو آھي مثلا-

"ان المسلمين و المسلمات و المومنون و المومنات و لقانتين و لقانتات و الصادقين والصادقات و صابرين وصابرات و الخاشعين و الخاشعات والمتصدقين والمتصدقات و الصائمين و الصائمات و لحافظين فروجھم و الحافظات والذاکرين الله کثيرا اکذا اکرات اعدالله لھم معصرت أجرا".

کي خاص عبادت جا حصا آھن جن ۾ ھندو عورت حصہ نہ ٿي وٺي سگھي ديوتائن کي ھٿ نہ ٿي لڳائي سگھي وغيرہ- مگر اسلام عورت کي مرد سان گڏ و گڏ نماز ۽ حج پڙھڻ جو حڪم ڪيو آھي. عورت مسجد ۾ اچي نماز پڙھي سگھي ٿي- اسلام جي ابتدائي دور ۾ عورتون باقاعدہ جماعت سان نماز ادا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنديون هيون - برهمڻ عورت برهمچاريه ۾ زندگي
بسر نٿي ڪري سگهي صرف مرد ئي برهمچاريه ٿي
سگهن ٿا. مگر اسلام عورتن کي زندگي جي هر هڪ
پهلو ۾ مرد جيترا حق ڏنا آهن. اوليا بعد هم من بعد
مان ظاهر آهي ته جيترا حق مرد کي آهن اوترا
عورتن کي.

ايرانين ۾ عورت تي شديد سختي ڪئي، عورت
جو نالو "زن" رکيائون درحقيقت ڪين نالو "مزن"
رکڻ گهرجي ها. انگريزي ۾ پهاڪو آهي ته

"Dogs, women & walnuts, beat them more
& they will bear more Fruit"

يعني عورت ڪتي ۽ اکروٽ walnut کي
جيترو گهڻو ماربو اوترو زياده ميوو پيدا ڪندا.
عربي ۾ لفظ عورت استعمال ڪيو ٿو وڃي
جنهن جي معنيٰ آهي اوگهڙ - مگر قرآن شريف عورت
لاءِ لفظ ڪم آندو صاحب يعني ساٿي - رفيق - جنهن
سان خوشي، غم راز ۾ حصي دار هجي.

ساڳي طرح هندو مذهب ۾ حڪمراني - سپاهگيري
هڪ طبقي تائين محدود ڪئي وئي مگر قرآن شريف
هر هڪ مرد کي بادشاهه ۽ هر هڪ عورت کي راڻي
ڪري پڪاريو آهي جنهن مان هڪ ته سند سان تعلقات
جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو پيو ته حڪومت کي
ڪنهن طبقي تائين محدود اُن کي غير واجب ٺهرايو ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسلام جي تاريخ مان هزارين مثال ملندا ته عورتن جنگين ۾ حصو ورتو. عورتون سپه سالارني ميدان جنگ ۾ لڙيون. خود حضرت عائشه جو حضرت علي سان ڪن اصولن تي اختلاف ٿيو ته لشڪر وٺي پاڻ ان جي سپه سالاره بڻجي جنگ جمل (اٺ جي لڙائي) ڪيائين. اسلامي تاريخ ان ڳالهه جو رڪارڊ رکي سگهي ٿي ته عورتون مردن کان زياده بهادر هيون. حڪمگيري ۾ به عورتون حصو وٺي سگهن ٿيون. ڪيترن مسلم عورتن باقاعده حڪومت ڪئي آهي. صرف هندستان ۾ رضيه - نورجهان - چاند خاتون جا نالا ئي ڪافي آهن. عورتون اسلامي تهذيب جي اوائلي دور ۾ مفتي - قاضي - شاعره - مصنف فقيه هيون. رابعه بصري ئي اهڙي عورت هئي جا جديد دور جي وڏي ۾ وڏن مفڪرن سان مقابلہ ۾ بار پئجي سگهندي. دنيا جا ڳالهه هن وقت محسوس ڪئي آهي سا اسلام ١٣٠٠ سال اڳ محسوس ڪئي - هن وقت عورتون لڙائي ۾ وڙهن ٿيون. تعليم حاصل ڪن ٿيون اسيمبلي جو ميمبر ۽ وزير بڻجن ٿيون جا ڳالهه اسان لاءِ ته بلڪل پراڻي آهي. اڄ مس يورپ عورت جي صحيح عزت ۽ عظمت کي محسوس ڪيو آهي جيئن گوئٽي جرمن شاعر ١٨٧٥ع ۾ لکيو:-

No manly but womenly will lead to heaven. Sympathy, love, sacrifice of mother hood will end war, No dogish fighting will do so.

( مرد نہ بلڪ عورت کي جنت جي رهنما ٿيندي صرف مادريت جي همدردي محبت - قرباني ئي جنگ جو اختتام آڻيندي ؛ نہ ڪتن وانگر لڙڻ سان )

هي بہ درحقيقت هڪ اسلامي تخيل آهي.

ساڳي طرح عورتون تجارت ڪري سگهن ٿيون. ملڪيت رکي سگهن ٿيون. والدين جي ملڪيت مان ڪين حصہ ملي سگهي ٿو. اسلامي تاريخي دور ۾ پيو نہ ٿيو بلڪ شهزاديون ؛ راڻيون پنهنجو اوقات ضايع نہ ڪنديون هيون پيو ڪم نہ هولدو هو نہ سٽ ڪتينديون هيون. سنڌ جي ڳوٺن ۾ بہ عورتن جي والدڪائي جي ولدر ڪتڻ هٿي جنهن شاه لطيف ؛ خليفہ گل محمد جي شعرن مان معلوم ٿيندو ( خليفہ ڳل محمد جو شعر ( " چرخہ چوري ڪت ڪا ڪار " آهي ) اڄ يورپ بہ اهو تخيل ڪاپي ڪيو آهي. يورپ جي عورتن کي چولدي پڏيو- I am needling, مسلمان عورتن تجارت ۾ چڱو بالو ,I am Sewing ڪيو- ڪمترن پنهنجي ڪمائي مان مسجدون ؛ مسافر خانہ ٺهرايا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن شرعي پابندي هجي ها ته، جو نماز يا حج ۾ برقعو سان فرض ادائي ڪرڻ ڪري نماز ۽ حج ناجائز ٺهرايو ويو. توهان عورتن کي ان ڪري قيد ۾ رکو ٿا ته شهواني خواهش ( Sexual thurst ) کان بچي سگهجي. ان کان بچڻ لاءِ جو ته مردن کي پرده ڪرايو وڃي جئين آفريڪا جي هڪ حصه ۾ مرد پرده ڪن ٿا. گهرن ۾ اهو سڀ ڪم ڪن ٿا جو عورتون ڪن ۽ عورتون باهرين دنيا ۾ ڪم ڪن ٿيون. توهان ڪين ڪٿي به بند رکو پر در حقيقت جا ڳالهه گهربل آهي سا آهي (Self Control) توهان زبردستي انهن جي دلن - تخلين تي قبضه ڪري سگهندا. انهن کي درست رستي تي نه آڻي سگهندا " لا اڪره في الدين " صرف خدائي فاتح (Conquerer) آهي ( لا غالب الله) ان ڪري توهان عورتن تي فاتح ٿي نه سگهندا. جامي هڪ هنڌ لکي ٿو ته توهان جيڪڏهن عورت کي ان ڪري گهٽ ٿا سمجهو ته هوءَ جنس مونث آهي ته پوءِ توهان چو شمس ( سج ) کي جنس مونث آهي سو الهلال ( يعني چنڊ ) کان جو جنس مذڪر آهي بهتر سمجهو ٿا ( عربي ۾ الهلال مذڪر ۽ شمس مونث آهي ).

مسلمانن ڪرستانن ۽ هندن تان سڀ ڪجهه نقل ڪيو آهي جيڪڏهن توهان اسلام ۾ عورت جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوزيشن سمجهي آهي جا ڪيس ڏلي آهي ته پوءِ شاسترن ۽ قرآن شريف ۾ ڪهڙو تفاوت اسلام ۽ هندو ازم ۾ ڪهڙو تفاوت. هندو ۽ ڪرستان عورت ۽ مرد سان گڏ نه ڪائي سگهي ٿي - توهان به ان تي عمل ڪيو. ڪرستان عورت اڄ تائين به نڪاح وقت شوهر کي چوي ٿي ته آءٌ تنهنجي غلام آهيان توهان نه ان کي عملي جامون پهرائي عورت کي غلام بنائي ڇڏيو.

قرآن شريف ۾ صاف فرمايو ته

”لباس لهم و لباس هن“- توهان هڪ ٻئي جو لباس آهيو. رسول اڪرم فرمايو ته توهان هڪ ٻئي جا زيور آهيو. ان کان زياده به ڪا عورت جي عزت ٿي سگهي ٿي؟ اسلام نه عورت کي راڻي مرد کي باد شاه جو خطاب عطا ڪيو ۽ حڪم ڏنو ته توهان ٻي گهر جي ميمبرن جون جوابداريون آهن ۽ انهن بابت توهان کان پڇا ٿيندي. مگر توهان نه ڪٿي اسلامي آڪاڙ و بناءِ آهي جنهن ۾ جتان ڪا بد رسم هٿ لڳي داخل ڪئي وئي. اڄ عورت جي مسلمانن ۾ سودن کان گهٽ پوزيشن کي اسان کي جڏهن اهو وقت ياد اچي ٿو جڏهن هڪ شرابي خليفه هڪ مسلمه جي هڪ رومن سولجر هٿان بي حرمتي جو بدلي سڄي رومن ايمپائر ۾ زلزلو مچائي ڏنو ان وقت شرم وچان ڪنڌ هيٺ ڪرڻو ٿو پوي ته اسان ڪٿي آهيون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٣- پيش لفظ

ان وقت آءٌ مئٽرڪ پڙهندو هوس. منهنجي نظرن مان الهلال جا ڪجهه پرچا لنگهيا- ان وقت مون ۾ اِيتري طاقت نہ هُئي جو مولانا آزاد جي قلم جي جنبش کي ڪنهن بہ حد تائين سمجهي سگهان- مون کي جو ڪجهه ياد آهي نہ مضمونن جي صرف پڙهڻ مان ئي مون کي فرحت ايندي هُئي. جو ڪجهه اڄ بہ مون کي ياد آهي سو هڪ سوال جو جواب- ڪنهن مسلم مولانا کان سوال ڪيو نہ مسلمان عورتون پنهنجي نالي کي خط و ڪتاب ۾ ڪهڙي طريقہ سان لکن- انگريزيءَ ۾ مس ۽ مسز جو لفظ استعمال ڪيو ٿو وڃي مگر مسلمانن ۾ عورت جو نالو ظاهر ڪرڻ معيوب سمجهيو وڃي ٿو. معلوم نہ آهي نہ هي خالي رسم آهي يا شرعي حڪم؟

جواب ۾ مولانا هڪ لنبو چوڙو بيان ڪيو جو البت هن وقت حافظ تان وسري ويل آهي جو ياد آهي سو پيش ڪجي ٿو مولانا فرمايو نہ " انگريزي طريقہ ۾ دوشيزه (ڪنواري عورت) پنهنجي والد جي نالي ۽ شادي شده عورت پنهنجي شوهر (مسز) جي نالي مشهور ٿئي ٿي ڇاڪاڻ نہ عيسائي عورتن جي اصلي نالي کي ڪو بہ وجود ڪونہ

آهي. هي رسم جيتوڻيڪ بظاهر خوش نما نظر اچي ٿي مگر دليا جي بد ترين رسمن مان آهي. هي رسم دور جهل ۽ زمانہ تاريڪ جي هڪ يادگار آهي. توريت سيڪاريو تہ عورت جو وجود آدم جي گناہ جو ڦل آهي انجيل ان جي تائيد ڪئي- ان ڪري يورپ دور ظلمت ۾ عورت کي شديد غلاميءَ ۾ رکيو. عورت جي وجود کي تسليم ڪرڻ کان روڪيو ويو- پادرن چيو تہ عورت کي جسم آهي مگر روح نہ آهي. انکي حق نہ آهي تہ پنهنجي ڪا بہ ملڪيت رکي سگهي يا خريد' فروخت ڪري سگهي- نہ قانون ٿي ان جي وجود کي تسليم ڪري ان کي ملڪيت رکڻ جو حق نہ آهي وغيره- مگر جديد تهذيب وتمدن مغرب جي عورت کي غلامي کان نجات ڏياري ۽ ان جي حقوقن تي توجہ ڪيو ويو. مگر زمانہ ظلمت جي بد ترين رسم انهن ۾ رهجي وئي تہ عورت جو نالو ظاهر نہ ڪيو وڃي اڄ يورپ ۾ چند شخص آهن جن کي ان حقيقت جو پتہ آهي پيا سڀ ان کان غير واقف آهن ان ڪري عورت تان ان غلامي جي مهر لاهڻ لاء ڪنهن کي بہ ڪو خيال و خواب نہ تير آهي. اڄ بہ جيڪڏهن ڪنهن حاڪم کي ائڊريس ڏيندي سندس. بيوي (زال) جي تعريف ڪئي تي وڃي تہ اها عورت ان لاء ڪو بہ جواب نتي ڏئي مگر شوهر ان لاء جواب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏني تو نہ ھوءِ توهان جي اظهار محبت ۽ عقيدت لاءِ توهان جي نهايت شڪر گذار آهي. دور جديد جا سڀ مفڪر ( Thinkers ) يورپ جي هر رسم و وضع کي پنهنجو دين ۽ مذهب سمجهن ٿا، ان ”مسز“ جو ترجمہ ”بيگم“ سان ڪيو. تعجب جي ڳالهہ سان گڏ هي نهايت ناداني آهي. اسلام عورتن کي هر حالت ۾ مردن جهڙا حق ڏنا آهن. هو پنهنجي ملڪيت رکي سگهي ٿي. پنهنجي نالي ني تجارت وغيره ڪري سگهي ٿي. وغيره. اسلام عورت جي وجود کي تسليم ڪري ٿو پوءِ ڪا بہ ضرورت ڪانہ آهي تہ عورت جو نالو لڪائڻ گهرجي.

عورت جو اهو نالو ظاهر ڪرڻ گهرجي جو ان جي پيدائش جي ڏينهن ان لي رکيو ويو. عورت جو نالو سندس شادي جي وقت ظاهر ڪيو تو وڃي. ان سان ئي ڪيس پڪارڻ گهرجي. جڏهن اسان حضرت خديجہ - حضرت عائشہ - حضرت زينب - حضرت فاطمہ جا نالا مبارڪ عوام جي اڳ و بغير ڪنهن شرم جي ڪٺي سگهن ٿا تہ پوءِ اهو ڪهڙو صاحب غيرت آهي جو رسول الله صلعم جي بيبين ۽ صاحبزادين جو نالو اظهار ڪري تو پر پنهنجي بيوي ۽ صاحبزادي جا نالا لڪائي ٿو.“

ان مضمون جو مولتي تمام گهرو اثر ٿيو. اڳــ

آءٌ سخت منجهيل هوس. عورتن لاءِ مولکي عزت تمام گهٽي هئي. مگر عورت جي بد حالت ڏسي مون کي مسلم تهذيب ۽ اسلام تي چڙندا وجهندا پوندا هئا. آءٌ سمجهندو هوس ته مسلم تهذيب ۾ عورت کي اهو ذليل درجو ڏنل آهي. مگر ان مضمون پڙهڻ بعد مون کي يقين ٿيو ته اسلام ۾ عورت جو درجو تمام اعليٰ آهي. مون ان کري جدا جدا تهذيبن - مذهبن ۾ عورت جي درجي ڳولڻ ۾ هٿ وڌو: مون کي ڪجهه عرصي بعد معلوم ٿيو ته جو رتبو عورت کي اسلام ڏنو آهي سو ڪنهن به مذهب ڪونه ڏنو آهي. ٻين تمدنن ۽ مذهبن ته عورت کي شديد غلامي ۾ رکيو آهي. سنڌ ۾ جا مسلم عورت جي بد حالت آهي سو به هندو تهذيب جو مسلمانن تي اثر آهي- محمد قاسم بعد تمام ٿورا مسلمان سنڌ ۾ آيا- گهڻن هندن جي عورتن سان شاديون ڪيون - ڪيترا هندو مسلمان ٿيا- ان کري سنڌ ۾ هڪ ٽين تهذيب ٿي، ٻئي جا هندو ۽ مسلم تهذيب جو ميلاپ آهي.

توهان هندن ۽ مسلمان عورتن جي زيورن تي غور ڪيو. ٻنهي هند ساڳيا زيور ملندا- نه فقط ايترو پر اهي ساڳيا زيور هندستان جي ٻين ڪيترن حصن ۾ مروج آهن شادين جا ساڳيا سوڻ رسمون ڏسو. هندن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پردو عربستان ۾ زمانہ جاهليت ۾ هو ۽ عربستان ۾ اهو
اثر گريڪن ۽ رومن کان پيو. ايران جي مسلمانن کي
پردي جو اثر قديم پارسين مان پيو. هندستان ۾ اهو
اثر ايراني مسلمانن کان پيو. اهڙي طرح سان ٻين مذهبن
۽ تمدنن جو اثر هند ۽ سنڌ جي مسلمانن تي پيو.

قديم ايرانين ۾ جو پردو هو ان جو ثبوت "شاه نامہ
فردوسي" کان ملي ٿو. فردوسي افراسياب ايراني
بادشاه جي زماني بابت بيان ڪندي چيو آهي -

همہ دخت ترڪان پوشيده روي

همہ سرو قد و همہ مشڪ بوي

ترجمو :- سڀ ترڪ ڇوڪرين جا چهرا ڍڪيل هئا -
۽ سڀ سرو قد هيون ۽ عطر لڳل هيون.

درحقيقت جڏهن اسلام ايران ۾ آيو تہ ان تي پردي
جو اثر پيو ۽ جڏهن خلافت عباسين جي قبضہ ۾ آئي
۽ دارالخلافت بغداد ۾ ڪيو ويو تہ پوءِ اسلام ۾
اهڙو دخل ڪري ويو جو اسلام جو جزو سمجهڻ
۾ آيو.

پر يونانين کان اڳ - ايجپٽ ۽ بئبيلان ۾ بہ پردو
هو مگر نوڪرائين پالهين ۽ ونشائن کي پردو ڪرڻ
جي منع هئي جنهن وقت سنڌ تهذيب جو سڄي
دنيا تي اثر هو. Assyrian ۾ بہ پردو هو ۽ Byzantine
جي ڪردستان ۾ بہ ١٦ صدي ۾ رشيا ۾ بہ پردو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درحقيقت اسلام پراڻين رسمن کي مٽائڻ آيو آهي ۽ پردي جي خلاف پهريون علم اسلام جو ئي آهي. مگر اڄ اسان غير واقف آهيون.

هن ڪتاب جو صرف مطلب آهي ته مسلمانن کي عورت جي حقيقي پوزيشن کان آگاهه ڪري ۽ عورت کي سندن حقوقن کان واقف ڪري.

پڇاڙيءَ ۾ آءٌ مسٽر شاهه نواز ڀٽو جو شڪر گذار آهيان جنهن مونکي آخرين باب نمبر 18 لکڻ ۾ گهڻي امداد ڪئي. آءٌ مسٽر صديقي شمس الدين ۽ مسٽر چاوڙه محمد خان جو شڪر گذار آهيان جن پروف وغيره ڏسڻ ۾ مدد ڪئي.

آءٌ علامه آءِ آءِ قاضي ڏانهن خاص طور شڪر گذار آهيان جنهن صاحب پنهنجو ڪافي وقت خرچ ڪري ڪتاب کي ٻه دفعا پڙهيو ڪيترن خامين کي دور ڪرڻ جي نوازش ڪئي ۽ ڪيترا حصا جي اڻ پورا هئا تن کي مڪمل بنايو. ڪيتريون غلط فهميون دور ڪيون - ۽ مهرباني فرمائي فارورڊ لکي ڏنو.

ڀٽو محمد حسين حاجي خان

١٦ آڪٽوبر (١٩٤٥)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٤- عورت ۽ هندو تهذيب

هندو مذهب دنيا جي سيني مذهبن ۾ پراڻي ۾ پراڻو مذهب آهي. هندو تمدن ۽ تهذيب جو ابتدائي دور عيسوي سنه کان اڍائي هزار ورهيه اڳ ليو يعني فرعون جي تنزل کان ٻه سو ورهه اڳ

• ابتدائي دور ۾ هندو تهذيب ۽ تمدن اعليٰ پيماني تي ليکي ويندي هئي ان زماني ۾ هندن چڱي ترقي حاصل ڪئي. ويد شاستر هن زماني جي پيدائش آهن. مشهور ڪتاب هن زماني ۾ لکيا ويا. جينو ٽيڪ هندو مذهب فقط هندوستان تائين محدود رهيو تنهن هوندي به ايترو ضرور ميڄڻو پوندو ته مصر جي تمدن جي تنزل بعد چند عرصه تائين هي ۽ تهذيب دنيا جي وڏين تهذيبن سان ڪلهو هڻندي هئي.

ان زماني ۾ هندو قواعد قوانين ۽ احڪام (Jurisprudence) جو هڪ ڪتاب لکيو ويو جنهن کي منو شاستر (عيسوي سنه کان ۴۰۰ ورهيه اڳ) چوندا آهن. جديد زماني جو هندو قاعده (Hindu law) به هن تي مدار رکي ٿو ۽ روز مره جي زندگي يا معاشرتي زندگي ۾ هن ڪتاب کي اقتدار (Authority) ليکيو ويندو آهي.

منو شاستر چوي ٿو ته -

١- هندو عورت اوقات طفلي ۾ والد جي زيردست آهي. جواني ۾ شوهر جي ۽ شوهر جي فوت بعد اولاد جي زيردست آهي ۽ ان حالت ۾ جيڪڏهن ڪيس فرزند نه آهي ته شوهر جي وارثن جي قبضي هيٺ آهي ڇو ته مرد (پرش) عورت (استري) کان اعليٰ آهي.

عورت زيور کي پسند ڪري ٿي. لنگ خيال و لنگ خواهش آهي.

٣- عورت کي هر حالت ۾ زير دست ۽ زير اثر رهڻ کپي (Subjection & Control).

٤- بد نصيبي - طوفان - موت - دوزخ - جيل - نانگ جو ڏنگ ايترا خطرناڪ نه آهن جيترو عورت.

٥- مرد ڪيترين به عورتن سان شادي ڪري سگهي ٿو. (اڄ تائين راجپوتانا ۾ ايترا مثال قائم آهن جو هڪ هڪ مرد کي سو کان زياده زالون آهن).

٦- هندو عورت سواءِ شوهر جي اجازت جي گود جو پٽ نه ٿي وٺي سگهي ۽ شوهر جي وفات بعد ڪنهن به حالت ۾ گود جو پٽ نه ٿي وٺي سگهي.

٧- بيوه عورت دوباره شادي نه ٿي ڪري سگهي.

٨- عورت کي والدين - شوهر ۽ اولاد جي ملڪيت لي ڪو به حق نه آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩- عورت جي شادي لاء ضروري نہ آهي نہ سندس اقرار ورتو وڃي.

منو شاستر موجب نہ شادي اٺن قسمن جي ٿيندي آهي -

(الف) پساچ جنهن طريقہ مطابق جيڪڏهن عورت ڪنهن مرد سان شادي ڪرڻ لاء تيار (يا رضامند) نہ هجي نہ ڪيس نشو ڏني ڪالئس قبوليت وٺي سگهجي ٿي يا صرف هار پارائڻ سان قبوليت ٿي چڪي.

(ب) راڪشش وواه :- لڙائي ۾ جيتل دشمن جي ڌيءَ سان (خواه سندس مرضي نہ بہ هجي) شادي ڪرڻ کي راڪشش چوندا آهن. جيڪڏهن مفتوح عورت شادي کان انڪار ڪري نہ ڪيس چوڪنيو ٻڌي ڪائنس قبوليت ورتي وڃي.

(ت) آسره :- جنهن مطابق مرد ڪنوار جي وارثن کي ڪجهہ رقم ڏيڻي پوندي آهي يا وٽن نوڪري ڪرڻي پوندي آهي جنهن کي جندبه پاڙو چوندا آهن

(ٿ) گندار وا :- (Love - marriage) عورت خواه مرد پنهنجي مرضي مطابق ڪنهن سان بہ شادي ڪري سگهيا ٿي. يقينا هيءَ هڪ اعليٰ طريقہ هو مگر لنڊ پڻ جي شادي جي رواج (جو عام طرح ڦهليل هو) هن طريقہ جي ڪچي پاڙ کي ساڙي ڇڏيو.

(ج) برهم :- هن طريقہ مطابق دوشيزه جو والد ڪيس بطور تحفہ ڪنهن ماڻهو جي حوالي ڪري سگهيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي. هي نمونہ چڱي حد تائين ڪامياب هو،

(ح) ديو:- والدين ڇوڪريءَ کي ڪنهن ديوتا تان قربان ڪندا هئا ۽ ڇوڪري کي ڪنهن مندر جي برهمڻ سان شادي ڪرائي ويندي هئي.

(خ) پرجا پت:- جنهن موجب شادي جو هڪ شرط آهي تہ تمام زندگيءَ شوهر ۽ بيوي گڏ عبادت ڪندا.

(د) آرش:- گهوٽ، ڪنوار جي پيءُ کي ڇوڪريءَ جي عيوض هڪ ڳانءِ ڏيندو هو.

١٠- منڱيل ڇوڪريءَ جي شوهر جي وفات بعد ڇوڪري وري شادي نہ ٿي ڪري سگهي.

١١- جيڪڏهن عورت ٻار نہ پيدا ڪري سگهي تہ اها ڪنهن بہ عزت جي لائق نہ آهي.

١٢- بيوه کي شوهر جي ملڪيت مان حصو لڌو ملي سگهي.

١٣- عورت کي پنهنجي شوهر جي پرستش ڪرڻ گهرجي چاهي هو رنگين طبيعت جو ڇو نہ هجي.

١٤- عورت کي مرد جي هر حڪم جي تعميل ڪرڻي آهي چاهي حڪم ڪيترو بہ سنگين و بيرون حدود نہ هجي.

١٥- جيڪڏهن ڪا عورت زندگيءَ ۾ هڪ دفعي لاءِ بہ شوهر کي ناراض ڪندي تہ يقينا دوزخ داخل ٿيندي. گناه صرف ان حالت ۾ معاف ٿي سگهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو نہ هن کي هڪ وڏي مجموعي ۾ درخت سان ٻڌي ڪتن جي چيڙ ڪئي وڃي جيسين موت کيس ختم ڪري. (منو ١٣٨-١٣٩ ۽ واسيشتا ٢١-١٤)

انگرس (Angivas) شاستر لکي ٿو تہ اها عورت جنهن مرد کي ناراض ڪيو هجي ان جي هٿ جو طعام نہ کائجي.

اتري شاستر ۾ آهي تہ اها عورت جو شوهر جا قدم ڌوئي اهو پاڻي پيئندي تنهن کي ضرور نجات ملندي.

زمانہ سان گڏ هندو تمدن زور ان زمانہ ۾ هندن علم سائنس ۽ ٻين علمن ۾ چڱي ترقي ڪئي. علم رياضي (حساب) سڀ هندن نئي ايجاد ڪيو. ڪين جاميٽري - جوتش - علم معالجہ جو چڱو شوق تي چڪو هو. مگر معاشرتي حالتن ۾ ترقي شايد ان کي چيو ويندو هو تہ عورتن تي شديد ظلم ڪيا وڃن. ان زمانہ ۾ نوان اصول ٺاهيا ويا نيون رسمون داخل ٿيون جي شروعات ۾ صرف رسمون هيون بعد ۾ حصہ مذهب بڻجي ويون.

١- هڪ اعليٰ طبقہ جو ڇوڪرو ادنيٰ طبقہ جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري سگهيو ٿي مگر ادنيٰ طبقہ جي ڇوڪري اعليٰ (High Class) طبقہ جي ڇوڪر سان شادي نہ ٿي ڪري سگهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢- فٽملي لاءِ ٽولڊ فرزلڊ هڪ سٺو سوڻ هو مگر ڇوڪريءَ جي پيدائش هڪ بد سوڻ هو. پٽ جي ٽولڊ ٽي والدن کي مبارڪ باد ڏني ويندي هئي پر ڌي جو ٽولڊ ڏک سمجهيو ويندو هو.

٣- عورتن جو وڪرو شروع ٿيو (Slave - trade) شاهوڪارن ڇوڪريون خريد ڪري ڪائن ڳالي ٻجالي جو ڪم ورتو. پوءِ ڳاله ٻجاله مندرن ۾ به شروع ٿي ويو. سومنات مندر ۾ ٥٠٠ ڇوڪريون هيون جي ڳالو ڳائينديون هيون. (البيروني)

٤- ايام بلوغت ٽي پهچڻ کان اڳ ڇوڪرين جي شادي ڪرائي ويندي هئي.

٥- عورت ۽ مرد ڪنهن به حالت ۾ گڏ ماني نه کائين.

٦- ديو داسين جو رواج شروع ٿيو. عورتن کي مردن جي خدمت لاءِ مقرر ڪيو ويو. اُهي ملا قائين جي خواهش ۾ ثواب ڪنديون هيون. ان جي پيداش مندر جي حوالي ڪئي ويندي هئي. اها رسم اڄ تاءِ زور شور سان چالو آهي. (البيروني ۽ Dubois)

هندو جئين جئين ترقي ڪندا ويا تئين تئين عورت ٽي زيادہ پابنديون وڌيون ويون.

عورت (استريءَ) کي مرد جو ڌن (ملڪيت) ڪري تسليم ڪيو ويو. هن ٽي ٽالو ٿي استري ڌن رکيو ويو. ڪيس وارثن جي فائدہ لاءِ استعمال ڪيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو هو. والدين پنهنجي ڌيئن کي فروخت ڪرڻ لڳا. مردن پنهنجون زالون وڪرو ڪيون. تاريخ جي اوراق گرداڻي ان ڳالهه جي تصديق ڪندي ته ڪٿين مرلبه مردن پنهنجي زالن کي جوا ۾ گروي رکيو. هي رسم نه صرف غير مهذب عوام تائين محدود هئي مگر ڪيترن مهذب (ترقي يافته) ماڻهن به پنهنجون عورتون جوا ۾ هارايون مثلا پانڊو ان کان بعد هندن ڪجهه قدم اڳتي وڌايو ته عورت نه فقط زندگي ۾ مرد جي ملڪيت آهي مگر مرد جي مماليءَ بعد به شوهر جي ملڪيت آهي ان ڪري مرد جي موت بعد عورت کي مرد سان گڏ باهه کي جلائڻ کپي. جئين مسلمانن وٽ جهاد (Holy - war) هڪ وڏو ثواب آهي اهڙي طرح عورت جو مرد جي مرڻ بعد باهه جلائڻ هڪ وڏو ثواب ليکيو ويندو هو. عورتون باهه کي جلائينديون رهيون. اڪبر اعظم ان رسم کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ گهڻي قدر ڪامياب ٿيو اهو سڀ مبالغ آهي ته لارڊ وليم بينٽڪ اها رسم قانون بند ڪئي. جنهن سچ پچ ايڏو ڪم نه ڪيو هو. ته ته اهڙا مثال هر روز ٿيندا هئا جو اولاد يا وارث پنهنجي هٿن سان عورت کي زنده موت جو تحفه بنائيندا هئا:- (طبقات اڪبري)

خود ويدن به عورت جي ڪا عزت افزائي ڪانه ڪئي آهي ويدن موجب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١- مرد ساري عمر برهم چاريہ ٿي سگهي ٿو پر عورت برهم چاريہ ٿي نٿي سگهي.

٢- رگ ويد اظهار ڪيو تہ عورتن کي پنهنجي خواهشن کي ضابطي ۾ رکڻ جي قوت ڪانہ آهي. عورتون چڇلو چليون ۽ قلهڙيون (Fickle - minded) آهن.

مهاڀارت ۾ اٿين چيو ہ عورتون مردن جي خواهش پوريون ڪرڻ لاءِ آهن.

انهيءَ تهذيب تمدن جو اثر هندن ۾ اڄ تائين آهي. اڄ ڪلهہ جي ترقي يافتہ دور ۾ تعليم يافتہ نوجوان هندو ہ بيوه سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن نہ فقط ايترو بلڪ آهي عورتون بہ ان ڳالهہ تي محڪم و مستقل آهن تہ اسان دوبارہ شادي ڪري پاڻ ۽ پنهنجي فوتي شوهر تي داغ لڳايون ٿيون.

سنہ ١٩٢١ع ۾ جڏهن شاردا ائڪٽ پاس ٿي ڪونہ ٿيو ان وقت هندوستان ۾ هندو عورتون جي بيوه هيون تن جو تعداد مندرجہ ذيل آهي.

| | |
|---|---|
| 11,892 | ١- بيوه عورتون ٥ ورهيہ جي عمر کان گهٽ |
| 85,037 | ٢- " " ٥ ورهن کان ١٠ ورهن تاءِ |
| 232147 | ٣- " " ١٠ " " ١٥ " " |
| 329,075. | جملہ |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الهن الڳن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ھ ورهن کان گهٽ عمر واريون معصوم جن کي پنهنجو ڀلو ڀلو وڻڻ ۾ بہ ايندو الهن کي بيوه بنائڻ - الهن جي روشن زندگي کي تاريڪ بنائڻ - السائيٽ جي دائري کان لکرڻ تہ آهي تہ بيو ڇا آهي .

اسان جي الهن معصوم و پاڪدامن عورتن سان مڪمل همدردي آهي مگر ان ظلم جي باليڪارن تي حملہ ڪرڻ واجب نہ ٿا سمجهون . مگر اينترو چوڻ ضروري ليندو تہ هندو قوالين ۾ اصلاح ( Revision ) ڪيو وڃي ان مان دقيا اوسي رسمون ٻاهر ڪڍيون وڃن .

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ۵- عورت ۽ ٻڌ ڌرم:-

ٻڌ ڌرم ان زماني ۾ شروع ٿيو جنهن وقت مصر ۽ گريڪ جي تمدن جو تنزل ٿي چڪو هو. رومن تهذيب دنيا جي اعليٰ ترين تهذيب ليکي ويندي هئي. رومن ايمپائر يورپ ۽ ايشيا جي گهڻن حصن ۾ ڦهليل هئي. چين تمام زبون ٿي چڪي هئي. چيني تمدن انقلاب جي تلاش ۾ معروف هئا مگر ڪين راه ڳڀڪار ڪا وارو ڪونه هو. ان وقت روم کانسواء سڄي دنيا ۾ عورتن جا حق تلف ڪيا ويا هئا کين بي روح ۽ بي وجود بڻايو ويو هو. ان وقت خاص طور هندستان ۾ عورتن کي ذليل ڪيو ويو هو.

عورتن ۽ مردن کي هڪ جهڙا حق هئا. عورت جي هٿ لڳائڻ سان ٻين جي ديوتائي ختم ٿي ٿي وڃي. عورتن کي علم کان محروم رکڻ هڪ قومي ۽ مذهبي فرض سمجهيو ويندو هو. ان جو اثر آئينده نسل تي پيو ۽ ٻئي نسل جا سڀ فرد ڪمزور- ڪم فهم- ڪم ذهن ٿي پيا ۽ هندو ڌرم تنزل تي پهچي ويو.

ٻڌ ڌرم ان ڪري برپا ڪيو ويو ته هندو مذهب جي خرابين کي دور ڪري مگر هر طرح- هر طرز هر عمل ۾ ناڪام ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن مذهب جو باليڪار مهاتما گوتم آهي جو دنيا جو سياڻي ۾ سياڻو ماڻهو ليکجي ٿو. مگر هن صاحب ڏٺو ته شادي شده زندگي بسر ڪرڻ هن لاءِ تمام ڏکيو آهي. هو عورت کي مرد جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري تصور ڪرڻ لڳو. هن سمجهيو ته عورت سان گڏ رهڻ ڪري ڪو به ماڻهو ترقي نٿو ڪري سگهي. ان ڪري شادي ڪرڻ بعد زال کي ڇڏي پنهنجي ترقيءَ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ۽ سندس زال تاريڪ زندگي بسر ڪرڻ لڳي.

گوتم ٻڌ جا اقوال آهن ته:-

١- عورت سان گڏ رهڻ مها پاپ آهي.

٢- ڪنهن به عورت طرف نه ڏسو.

٣- عورت سان ڪڏهن به نه ڳالهايو.

٤- جيڪڏهن عورت تي نظر پوي ته اها ڳالهه يڪدم وساري ڇڏيو ته جڻڪ توهان ان کي ڏٺو ئي ڪونه آهي.

٥- جيڪڏهن ڪو شرمن (سندس پوئلڳ) عورت کي هٿ لڳائي (Mere touch) يا ان سان گفتگو ڪري ٿو يا ان ڏانهن ڏسي ٿو ته هن مهاتما گوتم سان پنهنجو واعدو ٽوڙيو ۽ هر شڪيه مني جي ضابطي کان باهر نڪري ويو.

٦- عورت ڏانهن ڏسڻ کان بهتر آهي ته ٻاڙهو تيز گرم لوهه پنهنجي اکين ۾ وڌو وڃي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧- عورت سان گڏ رهڻ (Mere Staying) ٽوڙي ليت ۽ صاف هجي کان بهتر آهي ته ٻاهر کي شينهن جي وات ۾ وجهجي.

٨- ڪنهن ۾ ماڻهو کي ڏيڻ، ڄمڻ ۽ برهمڻ کي سودر جي ٽولڊ ٿيڻ جي برابر آهي.

٩- عورت غلام آهي ۽ نه بندگي ڪري سگهي ٿي نه آشرم ۾ وڃي سگهي ٿي.

پروفيسر ويسٽر مارڪ پنهنجي تصنيف " پيدائش ترقي و اخلاق" (Origin & devolopement of moral ideas) ۾ لکي ٿو ته ڪنهن ۾ مذهب عورتن کي ايترو ذليل نه ڪيو جيترو ٻڌن ڪيو.

١٠- گوتم ٻڌ جو قول آهي ته شادي ڪرڻ ناجائز آهي جو ۾ ماڻهو شادي ڪندو سو شرمڻ ( ولي الله ) ٿي نٿو سگهي.

١١- گهرو زندگي (Family life) بي بنياد - بي حقيقت و بي وجود چيز آهي.

الهن ڳالهين جو اثر اهو ٿيو جو اهي ماڻهو جي هندو مذهب جي لنگ دائري کي ڇڏي ٻڌ ڌرم ۾ پراڻي ٿيا هئا سي وري هندو ڌرم ۾ شامل ٿيا ڇو ته هندو ڌرم موجب عورت کي ڪجهه حقوق ۽ هئا ۽ گهرو زندگي (Family life) کي ڪجهه قيمت هئي جنهن لي آئينده ( مستقبل ) مدار رکي ٿو. مگر ٻڌ ڌرم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مستقبل هڪ تاريڪ مسئلو آهي. چند ورهين بعد
ٻڌ ڌرم ايترو ڪمزور ٿي ويو جو کين لاچار هندستان
جي سرحدن کي السلام عليڪم چوڻو پيو.

ٻوڌ هن مذهب وچي چين ۽ جپان لي قبضو
ڪيو. مگر حقيقي طرح اهي به ناڪام ويو. هن
وقت جيتوڻيڪ اهين ملڪن ۾ ٻڌن جو زور آهي
تنهن، هوندي به هو يورپ جي طرز عمل تي قدم
کڻي رهيا آهن ۽ سندس تمدن و تهذيب دنيا جي سڀ
تمدن جو مڪسچر (مرڪب) آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٦- عورت ۽ يهودي

يهودي مذهب جو بنياد عيسوي سن کان (١٠٠٠) سال اڳ حضرت موسيٰ وڌو. هن مذهب جي شروعات مصر کان ٿئي ٿي مصر ان زماني کان گهڻو اڳ دنيا جي هڪ وڏي ۽ وڏي تهذيب لکي ويندي هئي سندن بادشاهن کي فرعون چيو ويندو هو. عظيم شان اهرام (پرنمڊ) ۽ ابوالهون (Sphix) انهن جي اوج جي ياد آهن. مگر فرعونن جي اٿل پٿل ۽ ظلمن هن سلطنت کي ڏک ڏنا. ظلم گهري جي آخري حد پهچڻ وقت حضرت موسيٰ ظلم خلاف علم بردار ٿيو ۽ قليل عرصي ۾ کين فنا ڪري ڇڏيو.

يهودي پنهنجي روز مره جي عبادت ۾ دعا گهرندا آهن ته:-

”اي آقا - منهنجا خالق - مالڪ عالم. مان تنهنجو شڪرگذار آهيان جو تو مونکي عورت ڪري نه پيدا ڪيو. (تورات ٥-٦)

(يعني عورت اهڙي ذليل مخلوق آهي جنهنجو پيدا ٿيڻ خدا جي زحمت جي نشاني آهي. (م- ح - پ)

تورات ۾ لکيل آهي ته:-

١- عورت هڪ غليظ مخلوق آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جو اثر اهو ٿيو جو حضرت سليمان فروح جي ڌيءَ کي حضرت داؤد جي شهر مان ٻاهر هڪ جاءِ ۾ رهايو ۽ چيائين ته منهنجي زال بني اسرائيل جي حڪم داؤد جي شهر ۾ نه رهندي جو اهو شهر هڪ مقدس شهر آهي جتي توريت نازل ٿيو. (2 Chronicles Vii II)

٢. حوا بهشت ۾ ميوو کاڌو جنهن جي کائڻ جي ممانعت هئي ۽ آدم کي به کارايائين جو حوا جي محبت ڪري کائي ويو پوءِ ڪين بهشت مان نيڪالي ڏني وئي.

يهودي چون ٿا ته گناه جي شروعات (حوا) کان ٿي ان ڪري اسان سڀ مري رهيا آهيون ۽ جيڪڏهن عورت (حوا) پيدا نه ٿئي ها ته اسان اڄ تائين بهشت ۾ هجون ها ۽ نه دنيا جي تختي تي ڪي خونريزيون ٿين ها، نه اسان کي تڪليفون برداشت ڪرڻيون پون ها. ان ڪري عورت دنيا جي بد ترين مخلوق آهي.

٣. پورن والگر عورت مردن جي ملڪيت آهي.

٤. بيوه عورت ڪنهن سان به شادي ڪري نه ٿي سگهي سواءِ پنهنجي شوهر جي ڀاءُ جي - جيڪڏهن فوتي جو ڀاءُ چاهي ته هو ساڻس شادي ڪري سگهي ٿو، چاهي عورت جي پنهنجي ڪهڙي به راءِ هجي. چو ته عورت هڪ ملڪيت آهي جا هڪ ڀاءُ جي وفات بعد پورو پڳن والگر ٻئي ڀاءُ کي ملي سگهي ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥- شادي کان اڳ عورت ئي جي ملڪيت اهي.

٦- عورت کي مذهبي معاشري - سياسي حق ڪو نه آهن.

٧- عورت هڪ نوڪر ۽ ڪنيز آهي ڪين مردن جي ڪين ۾ حصو وٺڻ جو حق نه آهي. عورت پنهنجي شوهر کي سندس ڪم ۾ امداد لئي ڏئي سگهي نه حصو وٺي سگهي ٿي.

٨- جيڪڏهن ڪو دشمن سندس شوهر تي حملو آور ٿئي نه بيوي کين بچائڻ ۾ حصو نه وٺي سگهي. جيڪڏهن عورت اهڙي حالت ۾ شوهر جي امداد لاءِ هٿ ڏگهيري نه بغير ڪنهن رحم ڪرڻ و شرم جي سندس هٿ ڪپيو وڃي.

( افسوس آهي نه جيڪڏهن ڪتو پنهنجي مالڪ کي مصيبت کان بچائڻ ۾ حصو وٺي نه واجب آهي مگر عورت کي ڪتي جيترو به حق ڪونه آهي جو پنهنجي شوهر کي اوقت مصيبت مدد ڪري سگهي.)

٩- يهودين جي مذهبي قوالن جي روءِ ٿي عورت کي والدين جي ملڪيت مان حصو ملي سگهي ٿو. مگر اهو تمام ڪم حصو آهي. پر عورت کي شوهر جي ملڪيت مان ڪجهه حصو به ڪتو ملي سگهي.

١٠- مردن کي حق آهي نه ڪيترين ئي عورتن سان شادي ڪن. خود حضرت موسيٰ کي هڪ کان زياده

زالون هجن .

١١- (Temporary) عارضي شادي يا متي جو مردن کي حق هو. ان اصول کري بدڪاري زور ورتو ورتي. مرد هڪ فرضي شادي بعد ٻي ڪرڻ لڳا.

١٢- طلاق مروج هئي مگر حقوق الطلاق بہ مردن کي زيادہ حصہ هو ۽ عورتن کي نہ ڪو بہ حق ڪولہ هو. مردن کي حق هو تہ هو پنهنجي عورت کي طعام بہ زيادہ لمڪ وجهڻ ڪري طلاق ڏيئي سگهي ٿي. هي ۽ هڪ سبب هئي جنهن جي ذريعي ڪنهن بہ مرد کي جيڪڏهن ڪا زيادہ خوبصورت ۽ خوب رو عورت هٿ چڙهي تہ پنهنجي زال کي خير آباد چئي سگهي .

١٣- هندو ڏيتي لمتي جي ابتدا اصل يهودين کان آئي (ڇاڪ عورت جي خوبصورتي) اهتري ڪشش ڪن (Attractive) اسي هئي جيتري زر- زمين و زيورات .

١٤- ڏي ۽ جو لولد هڪ بد نصيبي ليکي ويندي هئي .

١٥- ڪنهن بہ مرد جي خرابي عورت جي چڱائي کان بهتر آهي . ( لود يس )

١٦- عورت جي والدين کي حق آهي تہ ڪنهن ماڻهو کان ڪجهہ رقم ورتي عورت کي ان سان شادي ڪرائين .

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٧- ڪا بہ يهود ڪ غير يهودين سان شادي نہ ٿي ڪري سگهي.

١٨- عورت ڪنهن بہ ڪيس ۾ شاهد ٿي نٿي سگهي ۽ نہ ڪيس سندن هٿن جي ڪمائي ملي سگهي ٿي نہ وري شوهر جي وفات بعد يا طلاق ملڻ بعد اولاد جي سنڀاليندڙ ٿي سگهي ٿي. اولاد سڀ شوهر يا شوهر جي وارثن جي قبضہ ۾ رهندو.

# ٧- عورت ۽ مسيحيت

جديد يورپ لـي خيال ڪندي ڪيتري ماڻهو راه راست کان دور رهجيو وڃي. ڪي يورپ جي تهذيب کي لغرش سان ڏسن ٿا. ڪي ان جي ثنا و تبليغ ۾ مشغول آهن. ڪي ان ڳالهه جي حقيقت کي ڪرسچن جي ئي خوبي سمجهن ٿا. ان ڳالهه تي هن ڪتاب ۾ ٿي هنڌ روشني وڌي ويندي. في الحال ڏسڻ گهرجي ته ڪرسچني عورت کي ڪهڙا حق ڏنا ويا آهن.

يهودي ويچارا نه صرف ائين چون ٿا ته ”عورت (حوا) آدم کي ميوه کارايو جنهن ڪري کيس بهشت مان نيڪالي ملي ان ڪري اسان سڀ مري رهيا آهيون“ مگر ڪرستان ۾ قدم اڳتي وڌيا. سندن عقيدو آهي ته عورت (حوا) جي گناه ڪري کين بهشت مان نيڪالي ملي. جيڪو ٻه ماڻهو پيدا ٿئي ٿو سو گنهگار ٿي جمي ٿو. حضرت عيسيٰ کي جو ڦاسي تي چاڙهيو ويو سو به عورت جي گناه جو نتيجو آهي ڇو ته عورت (حوا) نه پيدا ٿئي ها نه حضرت عيسيٰ جو خون نه وهي ها.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرستانن جي وڏن پادرين

برنارڊ - آئنٽولي - بتنا ور چر - جروم - گريگري اعظم وغيره عورتن کي سخت لنديو آهي - ۽ جنس محب کي شيطان جو هٿ - شيطان جي بنياد جي پالهن - ڏنگيندڙ وڇون - شيطاني دروازه - واسته بربادي اور وڙ لسانگ - افعي (Asp) جو زهر - صلح جو دشمن - دختر دروغ، (Malice of dragon) خطرناڪ ترين جهنگلي حيوان (Most dangerous wild beast) ڪري ڪوٺيو آهي خود بائبل ۾ آهي ته مرد عورت کان اعلىٰ آهي.

چاڪاڻ ته :-

١- مرد اول ۾ پيدا ٿيو بعد ۾ عورت

٢- مرد عورت مان نه پيدا ڪيو ويو پر عورت مرد مان (ڪرستانن ۾ اعتقاد موجب حوا جي بدن مان پيدا ٿي).

٣- مرد عورت لاءِ نه، پر عورت مرد لاءِ پيدا ڪئي ويئي.

٤- مرد خدا جي شان جو عڪس (Image) آهي ۽ عورت مرد جي شان جو عڪس آهي.

٥- آدم دوکو ڪونه کاڌو پر عورت (حوا) دوکو کائي مرد (آدم) کي دوکو ڏنو.

٦- هر هڪ مرد جو آقا (Head) عيسىٰ آهي ۽ هر عورت جو آقا مرد آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۷- انجيل عورت کي مخاطب ٿي ڪري چيو تہ
توهان جون خواهشون توهان جي مردن جي هٿ ۾
آهن ۽ اُهي توهان جا حاڪم آهن.

۸- انگلنڊ جي چرچ جي حڪم موجب عورت غليظ
(Unclean) آهي.

۹- عورت ئي اول خدا جي حڪم جي
انحرافي ڪئي.

۱۰- عورت جو گناه سڀ اشرف المخلوقات تي
مڙهيو ويو ان ڪري جو آدمي جمي ٿو سو گنهگار ٿي
ٿي پيدا ٿئي ٿو.

۱۱- حضرت عيسيٰ ڪثرت الازواج ( Poligamy ) يا
گهڻين عورتن سان شادي ڪرڻ کان نہ روڪيو هو. مگر
پاڪائي نہ عيسائي عورت کي غليظ سمجهندا هئا ان
ڪري شادي جي مخالفت ڪيائون جن شادي ڪئي
هئي سي بہ هڪ کان زيادہ شاديون نہ ڪرڻ لڳا تہ
متان جنس غليظ سان زيادہ نزديڪ (Contact) ۾ اچڻ
ڪري اسان بہ غليظ نہ ٿي پئون سندن قول آهي تہ:-
” ان تي لعنت آهي جو ڪنوارپ جي زندگي کي
شادي سندہ زندگي کان گهٽ ٿو سمجهي.“

ان اصول ڪري سمنت پال قاعدہ ٺهرايو تہ بشپ
کي زندگي ۾ صرف هڪ دفعہ شادي ڪرڻ کپي.

۱۲- رومن ڪئٿلڪ چرچ طلاق ناجائز ٺهرائي مگر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برٽش ڪوڊ (قوانون برطانيہ) اها مروج ٺهرائي.

۱۳- عورت کي ملڪيت جي حق کان محروم ٺهرايو ويو.

۱۴- عورت کي پنهنجي لائي ڪرڻ جو حق نہ ڏنو ويو ڇو تہ هوء والد ۽ شوهر جي ملڪيت سمجهي ويندي هئي ان ڪري هو صرف پيءُ يا شوهر جي لاءِ لئي سڏائي سگهي ٿي. لفظ "مس" ۽ "مسز" بہ ان ڪري استعمال ڪيا ويندا آهن.

۱۵- فارس جو اعتقاد آهي تہ قيامت جي ڏينهن عورت بي جنس جانور (Sexless being) جي صورت ۾ هوندي.

۱۶- عورت ايام طفلي ۾ والد جي ملڪيت آهي ۽ شادي بعد شوهر جي. عورت کي حق نہ آهي تہ پنهنجي مرضي مطابق شادي ڪري سگهي. عورت والد ۽ شوهر جو غلام آهي ڪيس سندن زير دست وزير اثر (Subjection and Control) هيٺ رهڻ کپي.

جيتوڻيڪ يورپ ترقي ڪري چڪو آهي پر اها ڪم فهمي جي ذهنيت منجهن اڄ تائين موجود آهي. عورت برابر پنهنجي مرضي موجب شادي ڪري ٿي مگر ڪڏهن بہ ڪنهن رسالہ- اخبار يا خود سرڪاري دفتر ۾ ائين ڪونہ ٿو ڄاڻايو وڃي تہ مس فلان، مسٽر فلان سان شادي ڪئي مگر اظهار ڪيو ٿو وڃي تہ مسٽر فلان کي مسٽر فلان پنهنجي دختر يا همشيرہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وغيره؛ بطور تحفہ عطا ڪئي. ازالسواء الکلنڊ ۾ شادي جي رسمن مان هڪ اها به رسم آهي تہ بيوي شوهر جو بوٽ لاهي يعني عورت مرد جي ڪنيزه آهي جرمني ۾ اڄ تائين ڇوڪريءَ جو والد ڇوڪري کي بوٽ جو پادر ڏيندو آهي؛ رشيا ۾ چهبڪ ڏنو ويندو آهي. الهي خيال کان تہ هن اوزار جي ذريعي والد پنهنجي دختر کي پنهنجي قبضي ۾ رکيو؛ هن بعد شوهر ڪيس سانگي ذريعہ زير دست رکي سگهي.

حضرت عيسيٰ کان بعد ڪرسچنٽي ۾ سينٽ پال جو درجہ آهي جنهن چيو تہ:—

۱- اي عورتون پاڻ کي شوهر جي رحم وڪرم لي ڦٽي ڪيو.

۲- عورتن کي چرچ ۾ خاموشي سان ويهڻ گهرجي جيڪڏهن ڪا ڳالهہ دماغ ۾ نہ ويهن تہ گهر وڃي شوهر کان پڇن ڇاڪاڻ تہ عورت لاءِ اها خراب ڳالهہ آهي جو هوءِ چرچ ۾ ڳالهائي.

۳- جيڪي شادي ڪن ٿا سي جيتوڻيڪ گنهگار نہ آهن ليڪن شادي جو سندن ماس لي سخت اثر پوندو.

هن وقت ڪرسچني نہ رهي ني ڪالہ آهي باقي رهي آهي مغربي تهذيب جا اڳتي بيان ڪمل آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٨- عورت ۽ اسلام :-

رسول الله صلعم جي تولد کان اڳ دنيا ۾ عورت جي زندگي ذليل ترين هوندي هئي. صرف عربستان ۾ ئي.

١- عرب پنهنجن ڌيئن جي کي جيئرو دفن ڪندا هئا. صرف ان خيال کان ته "اسان شيني کان وڏي خاندان مان آهيون ڪو اسانجو ليائو ٿئي اها اسان جي بي عزتي آهي."

٢- اهو هڪ بد سوڙ ليکيو ويندو هو جيڪڏهن ڪنهن کي ڌي ڄمي.

٣- والد جي وفات بعد فرزند پنهنجي والده سان شادي ڪندو هو ڇو ته عورت ملڪيت هئي جا والد بعد قاعدي موجب فرزند جي ورثي ۾ ايندي آهي.

٤- معصوم ڇوڪرين کي ديوتائن جو نظر ڪندا هئا. (هي رسم هندن ۾ به هئي.)

٥- يتيم ڇوڪرين سان سندن وارث زبردستي سان شادي ڪندا هئا.

٦- ڪثرة الازواج (Poligamy) مروج هئي گهڻو ڪري سڀ ماڻهو هڪ کان زياده شاديون ڪندا هئا.

٧- هڪ عورت کي ساڳئي وقت ۾ چار يا زياده شوهر ڏنا ويندا هئا. (ابن خلدون)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان آيت مان صاف ظاهر آهي ته شيطان ٻنهي سان دوکي بازي ڪئي ۽ ٻنهي گناه ڪيو. ٻهريائين ڪنهن گناه ڪيو سو جاڻايل ڪونه آهي. ان ڪري يهودين ۽ ڪرستانن وانگر مسلم انين ته نٿا چئي سگهن ته عورت ئي مرد جي بهشت مان نيڪالي جو سبب آهي.

ازانسواء آدم جا روز مره جي حياتي ۾ دعا گهرندو هو ان جو مطلب آهي ته:-

ربنا ظلمنا انفسنا وان لم تغفر لنا وترحمنا لنكونن من الخاسرين.

يا الله اسان (۽ ته عورت) پاڻ تي ظلم ڪيو آهي اسان کي معاف ڪر.
(VII 23)

يعني عورت جو آدم جي نيڪالي ۾ هٿ ڪونه هو. ان لاء رڳو عورت گنهگار نه آهي پر مرد به اوترو ئي گهنگهار آهي.

ڪرستانن - يهودين - هندن - گريڪن ۽ رومن عورت جي ملڪيت کي تسليم نه ڪيو مگر اسلام چيو ته:-

١- مردن لاء انهن جي ڪمائي جو حصو آهي ۽ عورتن لاء انهن جي ڪمائي جو حصو آهي.

(النساء - 32)

قرآن عورتن جي عبادت ۽ ايمان کي مردن وانگر قبول تو ڪري حالانڪ اعلان ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲- ٻئي مرد خواه عورت جيڪي چڱا ڪم ڪن ٿا ۽ ايمان وارا آهن بهشت ۾ ويندا. ( النساء )

قرآن شريف ۾ هڪ سورة ’النساء‘ يعني ’عورت‘ جي سري سان آهي. مگر ڪا ٻه سور مرد جي نالي ۾ بيان نہ آهي. ان ڳالهہ تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ اسلام عورت کي مرد کان زيادہ عزت ڏني ٿو.

سورة النساء جا شروعاتي لفظ آهن

| | |
|---|---|
| يا ايها الناس اتقوا ربكم الذي خلقكم من نفس واحدة. | انسانو! رب کان ڊڄو جنهن توهان کي ( مرد خواه عورتن کي ) هڪ ئي نفس مان پيدا ڪيو آهي. |

اهي لفظ ئي حقيقت جو ثبوت ڏيئي رهيا آهن تہ مرد ۽ عورت هڪ جيتري عزت جي لائق آهن ڇو تہ قرآن شريف مردن خواه عورتن کي گڏ مخاطب ٿي ڪري ٿو ڇوي ازالسواء انين تہ اعلان ڪري ٿو تہ اعلان ڪري ٿو تہ توهان کي هڪ ئي نفس ( روح ) مان پيدا ڪيو ويو ان ڪري ڪو بہ هڪ ٻئي کان اعليٰ نہ آهي. توهان ساڳي شيء جي پيدائش آهيو ۽ بلڪل هڪ جهڙا آهيو. قرآن ائين بہ ڪو نہ ٿو چوي تہ ڪو آدم اڳ پيدا ٿيو پوء حوا مگر ائين چوي ٿو تہ توهان ساڳئي نفس مان پيدا ٿيا آهيو. ڪرستانن جي اعتقاد وانگر مسلمانن جو اعتقاد نہ آهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ نہ ڪڏھن بہ ٿي سگھندو تہ ٻھرئان آدم پيدا ٿيو پوءِ حوا - ان ڪري (آدم) ماڻھو (حوا) عورت کان اعليٰ آھي.

۳- قرآن شريف ڪڏھن بہ تسليم نہ ٿو ڪري تہ عورت غليظ آھي جيئن ڪرستانن جو قول آھي يا ھندن وانگر ائين ٿو چوي تہ عورت مرد جي حيواني خواھش کي پوري ڪرڻ لاءِ آھي.

حالانڪ سورة بقر ۾ ارشاد ٿيو- تہ

| | |
|---|---|
| ھن لباس لڪم و انتم لباس ھن | عورتون توھان جي پوشاڪ آھن ۽ توھان عورتن جي. |

(بقر 186)

يعني جھڙا توھان جا عورتن تي حق آھن تھڙا توھان تي عورتن جا.

عربستان جا جاھل جن عورتن سان حيوانن واري ھلت ڪئي، انقلابي اعظم انھن کي اھڙي تعليم و تربيت ڏني جو عورتن کي مردن کان زياده عزت ڏيڻ لڳا.

۴- جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آھي تہ جاھل عربن ۾ جنس محب لاءِ ڪا بہ عزت ڪانہ ھئي. ھو ڪيس سڏيندا ئي ”عورت“ ڪري. ھتي عورت جي معنيٰ آھي (Womb) يا عورت جو عضوي مخصوص.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو خود جنس مخصوص لاءِ هڪ بد لما داغ هو ۽ جنهن لفظ مان ادبي طرح اهو مطلب ٿي لڪتو ته عورت صرف مرد جي تفريح لاءِ آهي. مگر قرآن ان جي سخت مخالفت ڪئي ۽ عورت بدران "عورت النساء" الفاظ ڪم آندو. مگر قرآني لفظ جو عورت بدران هر جگھ ڪم آندل آهي سو آهي مصاحب.

مصاحب جي معنيٰ آهي (Companian) يا رفيق. قرآن شريف عورت کي نه زير دست ڪوٺيو نه زير اثر بلڪ رفيق جو خطاب عطا ڪيو. ان ڪري جڏهن قرآن شريف مرد کي حڪم ڪيو ته عورت جنهن صورت ۾ لنهنجي رفيق حيات آهي ان ڪري ١- هر راض ٢- هر خوشي ٣- هر ارمان ۾ تون ڪمس حصه دار بناءِ.

٥- اسلام چوي ٿو ته قيامت ڏينهن سڀ ماڻهو والده جي نالي پويان سڏيا ويندا ۽ نه پيءُ جي نالي پويان جا خود ثابت ٿي ڪري ته اسلام ۾ مرد کي گهٽ حق آهن ۽ عورت کي زيادہ.

٦- آن حضرت جن (صلي الله عليه وسلم) ته عورتن جي اينترو فائدي ۾ هئا جو ماءُ ۽ پيءُ جي عزت لاءِ سمجهاڻي ڏيندي فرمايائون.

| | |
|---|---|
| الجنت في تحت القدم المهات | بهشت ماءُ جي پيرن هيٺان آهي. |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسول الله صلعم ان الفاظن سان عورت جو درجو ۽ رتبو (Position) مرد جي درجي کان گهٽ وڌائي ڇڏيو. جيڪڏهن عورت ۽ مرد ٻنهي کي ساڳيا حقوق هجن ها ته ضرور ائين ارشاد ڪئي ها ته " بهشت ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي جي قدمن هيٺان آهي."

ازالسواء حديث شريف ۾ آهي ته هڪ مسلمان رسول صلعم وٽ آيو ۽ عرض ڪيائين ته " يا رسول خدا مون کان هڪ عظيم جرم ٿيو آهي، مون کي ڪا اهڙي راهه ڏيکاريو جو گناهه معاف ٿئي. پڇيائون ته توکي والده آهي؟ جواب ڏنائين ته " نه حضور". وري پڇيائون ته ' توکي ماسي آهي؟ ' چيائين " ها سائين " پاڻ فرمايائون ته وڃ وڃي ان جي خدمت ڪر ته تنهنجو گناهه معاف ٿيندو.

ظاهر ٿيو ته اسلام ۾ پهرين عزت والده کي - پوءِ ماسي کي آهي بعد ۾ ٻين عزيزن کي.

۷- (الف) جنهن اهڙو چيو ويو آهي ته عرب يتيمن جي ملڪيت غصب ڪري ويندا هئا ۽ يتيم ڇوڪرين سان زبردستي سان شادي ڪندا هئا. قرآن شريف ان جي ممانعت ڪئي.

يا ايها الذين آمنوا لا يحل لكم ان ترثوا النساء كرها. ولا تعظلوهن لتذهبوا

مومنو توهان لاءِ زبردستي عورتن جو وارث بنجڻ ۽ انهن کي بند رکڻ جائز نه آهي.
( النساء ۱۹ )

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) ٻئي هنڌ ارشاد ٿيو.

| | |
|---|---|
| ولا تقربو مال اليتيم. | ۽ يتيم جي مال جي نزديڪ نه وڃو. (انعام - 152) |

٨- عربن ۾ رواج ٿي ويو هو نه ڌيون کي پورجي ڇو ته اڄ ڪلهه جي نوڙن زميندارن والگر انهن کي پنهنجي خاندان لــي فخر هرلــدو هو ان ۾ پنهنجي بي حرمتي سمجهندا هئا نه سدن خاندان جي ڇوڪري ٻئي خاندان ۾ وڃي. اسلام ان بد رسم جي خلاف علم بردار ڪيو ۽ سورة نحل ۾ حڪم صادر ٿيو.

| | |
|---|---|
| واذا بشر بالانثي ظل وجهه مسودا وهو ڪظيم. | ۽ جيڪڏهن ڌيءَ جي ڄولد جو اطلاع ڪو ملين ته ڇهرن تي ڪاراڻ ڦير جي ٿي وڃي ۽ غمگين ٿــي وڃن ٿا. |

(ب) ساڳي صورت ۾ ٻئي هنڌ چيو ويو.

| | |
|---|---|
| يتواري من القوم من سوء ما بشر به (ط) ايمسڪه علي هون الا يدسه في التراب (ط) الا ساء ما يحڪمون. | هي پاڻ کي ماڻهن کان دور رکي ٿو نه متان ڪجهه ڇون نه پر هو ان کي (زندهه) زمين ۾ دفن ڪندو يا زندهه رکندو. ڇا هي بي الصافي نه آهي؟ (59.) |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) ٻئي هنڌ ـ وري قرآن شريف بيان ڪري ٿو ”جڏهن هو پنهنجي ڌي کي زنده در گور دفن ڪري ٿو ته ڪانئس پڇيو ويندو ته ڪهڙي الزام هيٺ انکي موت جي سزا ڏني ؟

(ت) ڪي ماڻهو وري ڌين کي ان ڪري زنده دفن ڪندا هئا ته اسان مفلس آهيون اولاد پالي نه سگهنداسون وغيره ـ قرآن شريف ان ڳالهه تي اعتراض ورتو ان ڪري سورة بني اسرائيل ۾ فرمايو ويو ـ

| | |
|---|---|
| ا تقتلو اولاد ڪم خشية املاق نحن نرزقهم و اياڪم ان قتلهم ڪان خطا ڪبيرا (ط) | ۽ افلاس جي خوف کان پنهنجي اولاد کي قتل نه ڪيو ـ توهان کي ۽ انهن اسان رزق ڏيون ٿا. انهن کي قتل ڪرڻ عظيم گناه آهي ـ |

( بني اسرائيل - 31)

(ج ) سورة انعام ۾ به ساڳيو حڪم ڏيو ته :-

| | |
|---|---|
| و لا تقتلو اولاد ڪم من املاق | ۽ پنهنجي اولاد کي پنهنجي ضرورتن لاءِ قتل نه ڪيو ـ |

( انعام - 152 )

(ح). هڪ حديث آهي ته هڪ دفعه آن حضرت جن لئي ٻار کي پنهنجي گوڏن تي کڏائي رهيا هئا ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻالي نعيم جو قيس جو مجلس ۾ شريڪ هو پڇيو ته ”هي ننڍو ٻار ڪنهن جو آهي جنهن کي لوهان ڪڍائي رهيا آهيو“ رسول اڪرم صلعم فرمايو ته منهنجو ٻار آهي قيس جواب ڏنو. والله (خدا جو قسم) مون اهڙيون ڪيتريون ڌيئون زنده دفن ڪيون هونديون. مون ڪيس ڪڏهن کين ڪڍايو آن حضرت جن فرمايو ته ”بيشڪ توں وڏو بد نصيب آهين. اهين نظر اچي ٿو ته خدا تعاليٰ توکي انسانيت جي محبت کان محروم رکيو آهي جا انسان لئي هڪ وڏي نعمت آهي.

اسلام جي انهن تعليمات ۽ نصيحتن جو اثر اهو ٿيو جو عربستان مان اهو خاندان لفظ جو ٻج نڪري ويو ۽ انهن ان ڪڌيءَ بد رسم کي يڪدم مٽائي ڇڏيو.

٩- ونشا پرط انسانيت ۽ خاص طور جنس مجب جي عظمت ۽ عصمت لئي هڪ سنگين داغ آهي. اسلام ان جي سخت مخالفت ڪئي. صاف قرآن شريف قاعده ٺهرايو ته :-

الزانية والزاني فاجلد واكل واحد منهما مائة جلدة (ص) ولا تاخذ كم لهما رافة في دين الله ان كنتم تومنون باالله واليوم الاخر اليشهد عن انهما طائفة من المومنين.

زناڪار مرد خواه عورت ٻنهي کي ١٠٠ دره لڳايو ۽ جئين الله جي احڪامن پوري ڪرڻ ۾ لوهان کي رحم ولرس نه اچي ۽ انهن کي سزا ڏيڻ وقت مسلمانن جو هڪ وڏو مجموعو شامل هجي. (النور - 2)

اسلامي تواريخ مان اهڙا ڪيئين مثال ملندا جڏهن زناڪاري جي ڏوهه ۾ خليفن يا بادشاهن پنهنجن پٽن کي مارايو هجي -

علامه يوسف علي لکي ٿو ته :- اهو هڪ شديد حڪم هو ته عورت کي هڪ مجموعي جي روبرو سنگسار ڪيو وڃي (۱۰۰ درا لڳايا وڃن) ان ڪري سورة النساء ۾ حڪم ٿيو ته :-

والتي ياتين الفاحشة
من النساء کم فاستشهدوا
عليهن اربعة منکم فان شهدوا
فامسکوهن في البيوت
حتى يتوفهن الموت او
يجعل الله لهن سبيلا.
(النساء ۱۵)

توهان جون عورتون
جيڪڏهن فاحشه ڪم ڪن
۽ چار مسلمان انهن خلاف
شاهدي ڏين ته انهن کي
گهرن ۾ بند ڪيو جيستائين ڪه
موت انهن جو ڪم تمام
ڪري - يا الله تعاليٰ انهن
لاءِ ٻيو ڪو رستو ڳولي
ڪڍي.

، اسان پڙهندڙن کي عرض ڪنداسين ته مهرباني فرمائي ان آيت کي ذرا غور سان پڙهن ڇو ته هن آيت سان اسان جو تعلق بڻي هند ۾ آهي ۽ اهو به خيال رکي ڇڏين ته ان آيت جي نازل ٿيڻ جو خاص سبب ڪهڙو هو.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٠- اسلام جي طلوع کان اڳ بيوه سان شادي ڪرڻ جو رواج ڪونہ هو. ڪن مذهبن ( خاص طور هندن ۾ ) ان ڳالهہ جي ممانعت ڪيل هئي. مگر اسلام فرمايو تہ:-

والنکحوا الايامیٰ منکم والصالحين من عبادکم و امائکم (ط) ان يکونوا فقرآء يغنهم الله من فضله والله واسع عليم-

(اي مرد ۽ عورتون توهان) هڪ ٻئي مان انهن سان شادي ڪيو جي ڇڙها ( طلاق يافتہ يا بيوه يا بي زن ) آهن ۽ پنهنجي مذڪر يا مونث غلامن سان جي پرهيز گار هجن. خدا پنهنجي ڪرم سان انهن کي تونگر بنائي. خدا هر چيز جو ڄاڻندڙ آهي.
( النور - 32 )

ان لمولي بيوه جي شادي رائج ڪئي وئي ۽ ٻانهي يا ٻانهن سان نڪاح جي اجازت ڏني وئي - ورنہ اڳ ٻانهين سان زنا ڪرڻ کي جرم نہ سمجهو ويندو هو. مگر اسلام انهن سان شادي ڪرڻ لئي زور ڏنو. ( اڄ تائين ڪيترن هند غلط خيال ڦهليل آهي تہ ٻانهي سان بغير نڪاح، خواهش پوري ڪرڻ جائز آهي. )

١١- جنهن مٿي گذارش ڪئي وئي آهي تہ مجهول عرب والد جي وفات بعد پنهنجي والد جي بيوي سان

شادي ڪندا هئا اسلام ان ڳالهه لي بندش وڌي

| | |
|---|---|
| ولا تنکحو ما نکح آباؤکم من النساء الا ما قد سلف (ط) | ۽ الهن عورتن سان شادي نہ ڪيو جن سان توهان جي والد نڪاح ڪيو هجي . ( النساء 22 ) |

١٢- ظهور اسلام کان اڳ مرد عورتن لي طرح طرح جا ظلم ڪندا هئا عورتون .مظلوم ڳگدام هيون جن کي هت هئا مگر بيڪار - جن کي استعمال لئي ڪري سگهيون . اکين هولدي نابينا هيون چو نہ سندن دليا محدود هئي . ڪن هئن مگر سواء ستم و ظلم جي ڪجهہ نہ ٻدو هئائون - زبان هين مگر بي آواز قرآن شريف الهن ڳگدامن سان همدردي ڪئي ۽ اعلان ڪيو .

| | |
|---|---|
| | ۽ پنهنجن عورتن کي ايذاء نہ پهچايو الهن سان بي انصافي نہ ڪيو . جيڪو بہ ڪري تہ سو پاڻ کي تڪليف ۾ وجهي ٿو . ( البقره - 29 ) |

ازالسواء حديث شريف ۾ آهي تہ جيڪڏهن توهان جون عورتون ڪو بہ گناه ڪن تہ بهتر آهي تہ الهن کي معاف ڪيو مگر جيڪڏهن معاف ڪري نہ سگهو تہ ڏنڌ سان سزا ڏيون - ( ڏنڌ سان سزا جو مطلب ڇا آهي ؟ )

١٣- اسلام کي سيني مذهبن ۽ تهذيبن جي خلاف
عورتن کي مردن جهڙا حق ڏنا. اڄ سڄي دنيا جون
عورتون مردن کان حقن جي گهر ڪري رهيون آهن
مگر اسلام عورت کي اهي حق اڄ کان ساڍا تيره سو
ورهيه اڳ ڏئي ڇڏيا هئا.

| | |
|---|---|
| (الف) ولهن مثل الذي عليهن بالمعروف- | عورتن کي ساڳيا حق آهن جهڙا مردن کي. ( البقره- 288 ) |
| (ب) الرجال نصيب مما اكتسبوا وللنساء نصيب مما اكتسبن ط | مردن لاءِ سندس ڪمائي جو حصو آهي ۽ عورتن لاءِ سندن ڪمائي جو. ( النساء- 32 ) |
| (ت) الرفث الى نسائكم هن لباس لكم وانتم لباس لهن ط | عورتون مردن جي پوشاڪ آهن ۽ مرد عورتن جي پوشاڪ آهن. |
| (ث) نساؤكم حرث لكم- ( البقره- 223 ) | عورتون توهان جو کيت آهن (توهان جي مرضي تي ڇڏيل آهن ته کيت کي ناهيو يا بگاڙيو ان جو نتيجو توهان کي ئي ملندو.) |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ج) ٻئي هڪ هنڌ قرآن شريف فرمائي ٿو ته:-
’عورتن کي سندن حصو بالانصاف ڏيو‘

١٤- اسلام ڪڏهن به انهن ڪوله ڇيو ته شادي نه ڪيو. شادي ترقي جي راه ۾ روڪ آهي ۽ تارڪ دنيا ٿيو. عورتون غليظ آهن انهن کان نفرت ڪيو جئين ٻڌن ڪرستانن جو عقيده آهي اسلام نه ترڪ دنيا جي خلاف آهي ان ڪري ارشاد ٿيو:—

رهبانيه ابتدعوها ماكتبنها عليهم الا ابتغاء رضوان الله فما رعوها حق رعايتها -

مسئلو ترڪ دنيا انهن (ڪرستانن ٻڌن وغيره) پاڻ تي پاڻهي ايجاد ڪيو اسان انهن تي فرض ڪونه ڪيو هو.
(الحديد - 27)

اسلام نه شاديءَ کي هڪ پاڪ ڪم ظاهر ڪيو. قرآن شريف فرمايو:-
اسلام ۾ شادي جو مطلب پاڪ دامنيءَ آهي ۽ نه شهوانيت (Purity & not Passion)
(النساء 24)

ٻئي هنڌ عورتن جي پيدائش بابت فرمان ٿيو.

ومن آيته ان خلق لكم من انفسكم ازواجا لتسكنوا اليها وجعل بينكم مودة -

۽ انهن نشانين مان هڪ اها آهي ته توهان جي جنس جهڙيون عورتون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورحمة ان في ذالك لايت لقوم يتفكرون .

پيدا ڪيون ويون تاڪ الهن وٽ آرام حاصل ڪيو ۽ لوهان جي وچ ۾ محبت پيدا ڪئي .
( الروم - 21 )

١٥- طلوع اسلام کان اڳ عرب عورتن سان ڪوڙي شادي جو وعدو ڪري ڪين علحده علحده طريقن ۽ لمولن ۾ دوکو ڏيندا هئا مگر اسلام ان جي خلاف نعارو بلند ڪيو.

ولاكن لا تواعدوهن سرا الا ان تقولوا قولا معروفا.

مگر الهن سان خفيه وعدو نه ڪيو جيسين ڪ حسب دستور ۽ عزت ڀرين لفظن ۾ چؤ . ( البقره 235 )

ٻئي هنڌ وري حڪم ڏيو.

عورتن سان چڱيءَ طرح ڀرتاءُ ڪيو. ( النساء 19 )

١٦- دنيا ۾ صرف (French law) ئي آهي جو عورتن جي ملڪيت ، جي حصہ کي تسليم نہ ڪري . باقي ٻيا مذهب يا تهذيبون ان جي مخالفت ڪن ٿا . اسلام ئي ان ڳالهہ تي فخر ڪري سگهي ٿو تہ ان عورتن کي مردن وانگر ملڪيت جو حق ڏنو - والدين ۽ رشتيدار، شوهر ، اولاد ۽ ڀادرين جي ملڪيت مان عورت کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس حصہ ڏياريو.

قرآن شريف فرمايو -

الرجال نصيب مما ترڪ الوالدن ولا قربون والنساء نصيب مما ترڪ ولوالدان والا قربون -

والدين ۽ رشتہ دار جو ڪجھ ڇڏي رڃن ان ۾ مردن جو حصہ بہ آهي ۽ عورتن جو بہ؛ مال گھڻو هجي يا ٿورو مگر حصہ مقرر ٿيل آهي . ( النساء - 7 )

ازالسواء شرعي قوانين جي مطابق -

(الف) نا بالغ جي ملڪيت لي سندن سنڀاليندڙ قبضہ لتا ڪري سگھن. بالغ ٿيڻ لي هو خود مختيار آهن - ڪو بہ ماڻهو انهن ڪي زبردستي سان شادي ڪرائي نٿو سگھي . ( عوام لي اهو غلط اثر آهي تہ شادي جي سوال لي شريعت موجب والدين جو رضامند ضروري آهي .)

(ب) والدين کي حق نہ آهي تہ هو پنهنجي مرضي مطابق نا بالغ ڌي کي شادي ڪرائي يا ڪنهن بيمار سان شادي ڪرائين يا ڪنهن پاڻ کان گھٽ درجہ واري مرد سان شادي ڪرائين .

(ت) طلاق جي حالت ۾ نابالغ ڇوڪري ماءُ جي قبضہ ۾ رهي جيسين بالغ ٿئي ۽ ان جوا خراج والد کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻو ٿيندو مگر ڇوڪري جي حالت ۾ ٩ ورهيہ تائين اولاد ماءُ جي قبضہ ۾ رهندو ٿيو ڪٿي عورت ٻئي مرد سان شادي نہ ڪري.

الهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ڪو نہ آهي تہ اسلام ڌيءَ کي پٽ کان ڪم حصہ ڏنو آهي يعني پٽ کي ڌيءَ کان ٻيڻو ان جو سبب اهو آهي جو پٽ کي گهر جو خرچ هلائڻو آهي. زال ۽ اولاد جو خرچ هلائڻو آهي. ازالسواءِ خود پيڻ جي شادي لي خرچ ڪرڻو اٿس.

باقي اسلام ڀاءُ ڀيڻ - والد - والدہ - ڏاڏو - ڏاڏي سڀني کي هڪ جيترو حصہ ڏنو آهي يعني عورتن ۽ مردن کي هڪ جيترو حصہ ملي ٿو.

امام ابو حنيفہ حقوق عورت لاءِ لکندي فتوي ڏني آهي تہ عورتون مردن والگر قاضي (Judge) ٻہ ٿي سگهن ٿيون. (باقي يورپ وارن جي ٻناڪ ڇا ٿي آهي؟)

١٧- ڪرستان - ٻڌن ۽ هندن جي مذهب ۾ عورتن لاءِ عبادت ۾ حصہ وٺڻ غير واجب آهي. هندن ۽ ڪرستانن جي مذهب مطابق جيڪڏهن ڪا عورت ڪنهن بت کي هٿ لائي ٿي تہ ان بت جي ديوتا پڻ ختم ٿيو وڃي. مگر اسلام مطابق عورتون نماز ۾ حصہ وٺي سگهن ٿيون. خود قرآن شريف فرمائي ٿو تہ:-

پنهنجن عورتن کي مسجد ۾ اچڻ کان نہ روڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٨- عورتن جي عزت و شان قائم رکڻ لاءِ اسلام عورتن تي الزام لڳائيندڙن کي خاص ڌمڪي ۽ سزا ڏني آهي.

" ۽ جيڪي عورتن جي حماداريءَ تي الزام مڙهين ٿا. انهن کي چئن شاهدن پيش ڪرڻ لاءِ چئو ۽ جيڪڏهن هو چئن شاهدن پيش ڪرڻ ۾ ناڪام وڃن ته انهن کي اُسي دره (Strips) لڳايو ۽ انهن جي شاهدي ڪڏهن به قبول نه ڪيو."

اُهي وڏا ظالم آهن. ( سور- 35 )

١٩- جيڪڏهن مرد ۽ عورت جي وچ ۾ ڪا غلط فهمي پيدا ٿئي ته جديد مغربين وانگر طلاق ڏيڻ اسلام غير واجب ٺهرائي آهي انهن جي غلط فهمي دور ڪرڻ لاءِ قرآن فرمائي ٿو.

۽ جيڪڏهن توهان ٻن (شوهر ۽ زوج جي وچ ۾ ڪا غلط فهمي پيدا ٿئي ته هڪ منصف عورت طرفان ۽ هڪ منصف مرد طرفان مقرر ڪيو ۽ جيڪڏهن صلح ڪن ته خدا کين اُجر ڏيندو. ( سور- 35 )

٢٠- اسلام مرد کي حق ڏنو آهي ته اهل ڪتاب سان پهلي شادي ڪن مگر عورتن لاءِ ممانعت ڪيل آهي.

مگر اهل ڪتاب ڪير آهن؟

يهردين ۽ نصارن لاءِ ته ڪنهن کي اعتراض ڪونه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي؛ باقي رهيو بين ڏومن جو سوال ۽ خاص طور هندو. چاڪاڻ ته هندوستان ۾ هندو گهڻا آهن جن سان هندوستان جي مسلمانن جو خاص تعلق رهي ٿو. علامه بيروني جنهن ويدن جو چڱي طرح مطالع ڪيو هو. علامه مشرقي - مولانا عبيدالله سندهي ابوالفضل ۽ فيضي ان راء جا آهن ته هندو به اهل ڪتاب آهن ۽ ائين سگهي ٿو ته ويد ۽ گيتا ته الهامي ڪتاب هجن. ازالسواء ڪي عالم ٻڌن کي به اهل ڪتاب شمار ڪن ٿا. انهن سوالن جي فيصلي ٿيڻ بعد اسان ان نتيجي تي پهچي سگهون ٿا ته هڪ مسلم مرد ڪنهن به ڪرستان - يهودي - هندو ۽ زردشت استري عورت سان شادي ڪري سگهي ٿو.

مگر ڪي آدمي ان حالت بعد به ڪي اعتراض آڻين ٿا هدن جو چوڻ آهي ته مسلم عورت کي به مرد والگر غير مسلم سان شادي ڪرڻ جو حق عطا ڪيو وڃي.

گذارش هن ريت آهي ته مسلمان بغير (مسلم) هجن جي ساڳئي وقت ڪرستان - يهودي - هندو - ٻڌ - وغيره پڻ آهي جو ته هو سڀني مذهبن کي مڃي ٿو. ايمان جي دعا آهي ته مون خدا تعاليٰ - ملا ئڪن - سڀني ڪتابن (الهامي ڪتاب مثل توريت انجيل - زبور قرآن - گيتا ويد وغيره) ۽ سڀني پيغمبرن [موسيٰ - عيسيٰ - داؤد - رسول الله

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صلعم - ڪرشن ( بقول مولانا. عبيدالله سنڌي ) وغيره]
لئي ايمان آڻدو و.

مگرِ ٻين مذهبن وارا نه قرآن کي مڃن ٿا ۽ نه رسول الله
صلعم کي - ان ڪري ڪو بغير پنهنجي مذهب کي
ٻئي ڪنهن مذهب وارا انا ٿي سگهن. ان ڪري
مسلمان مرد هڪ ڪرستان عورت سان شادي ڪري
سگهي ٿو ڇو ته مسلمان به آهي ڪرستان به آهي.
پر هڪ مسلم عورت ڪرستان سان شادي لئي ڪري
سگهي جو ڪرستان مرد صرف ڪرستان آهي. ازالسواء
الهن جو مذهب خود ڪين غير مذهب واري عورت سان
شادي ڪرڻ جي منع ٿو ڪري.

قرآن الحڪيم جا رايا پيش ڪيا ويا هاڻي ڏسون نه
رسول الله صلعم جن جو ڪهڙو خيال هو. حديث ۾ آهي:-

١- توهان مان بهتر اهو آهي جو پنهنجي عورت
( بيوي ) سان بهترين هلت ٿو ڪري.

٢- عورت مرد جو اڌ جسم (Twin half) آهي.

٣- دنيا جون سڀ چيزون قيمتي آهن مگر سڀ
کان زياده قيمتي شيء آهي هڪ پر خصوص عورت.

٤- جيڪڏهن ڪا عورت پنج وقت نماز ۽ روزه ادا
ٿي ڪري ۽ حيادار آهي. هو پنهنجي شوهر کي ناراض
لئي ڪري نه ان کي ڇو نه جنهن دروازي کان چاهي
بهشت ۾ داخل ٿئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥- خدا تعاليٰ عورت کي مارڻ لي ناراض ٿئي ٿو .
٦- جو شخص پنهنجي بيوي سان بهترين هلت ڪري ٿو سو ئي بهترين شخص ۽ مڪمل مسلمان آهي .
٧- جو شخص پنهنجي عورت کي ماري ٿو سو ڪيس غلط رستو ڏيکاري رهيو آهي .
٨- توهان مان بهترين شخص اهو جو پنهنجي بيوي جي حقن جي حفاظت ڪري ٿو .
٩- جا ڳالهه جائز ( Law ful ) آهي مگر خدا کي نا پسند آهي سا آهي طلاق .
١٠- خدا توهان کي عورتن سان سٺي هلت ڪرڻ لاءِ چوي ٿو ڇو ته عورتون توهان جون مائر- ڀينر ۽ ماسيون آهن .
١١- پنهنجن عورتن کي نماز لي اچڻ کان نه روڪيو .
١٢- دنيا ۾ بهترين ۾ بهترين شيون ٽي آهن . ١- شڪر بجا آور زبان . ٢- زبان جا خدا جي ذڪر ۾ مشغول هجي . ٣- هڪ شريف زال .
١٣- پنهنجي بيوي جي ضرورتن تي پيسا خرچ ڪرڻ خيرات کان زياده آهن .
١٤- پنهنجي بيوي جي ضرورتن لـي پيسا خرچ ڪرڻ . جهان لاءِ پيسا خرچ ڪرڻ يا غلام کي آزاد ڪرائڻ کان بهتر آهي .
١٥- مرد جيڪڏهن ڪا شيءِ کائي ته ان ۾ پنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيوي کي ضرور حصہ دار بنائي . جڏهن مرد ۽ عورت گڏ جي طعام کائين ٿا ته خدا تعاليٰ انهن لي پنهنجي مهرباني ڪري ٿو ۽ ملائڪ انهن جي حق ۾ دعا گهرن ٿا .

١٦- جيڪڏهن ڪو مرد پنهنجي زال کي ڇڏي ڏئي ٿو (Deserting) ته جيسين راه راست تي اچي هن جي ڪا به عبادت يا روزه قبول نه ٿا ٿين .

١٧- پنهنجي غلامن ( مرد خواه عورتن ) کي اهو طعام کارايو جو پاڻ کائو ۽ اهو پهرايو جو پاڻ پهريو.

١٨- موت جي بستري ۾ اِي فرمايائون عبادت ۾ مشغول رهو. پنهنجن عورتن سان چڱي طرح هلو.

١٩- شادي، دعوت طعام ( Feast ) سان ڪيو . ڪٿي ، لوهان خالي هڪ ٻڪري استعمال ڪيو.

حافظ فرمايو آهي ته مرد لاءِ اهو بهتر آهي ته هو نه صرف پنهنجي لاءِ ڪمائي پر عورت ۽ اولاد لاءِ پڻ .

ابن مبارڪ فرمايو تہ جهاد کان صرف هڪ ڪم زياده چڱو آهي پنهنجي بيوي کي چڱو طعام کارائڻ ۽ سٺو ڪپڙو ڏيڻ .

رسول الله صلعم جن هڪ دفعي حضرت عائشه رض سان ڊڪ پورائي پهريائين پاڻ کٽيائون بعد ۾ حضرت عائشه . ازانسواءِ هڪ دفعي حضرت عائشه کي پنهنجن هٿن ۾ جهلي مٿي کنيائون ته پل شمدين جا کمل

(Perforemance) ڏسي سگهي .

( عورت از قدوائي )

٢٠- عورتن جي شادي بعد حقوقن محفوظ ڪرڻ لاءِ اسلام هڪ طريقو اختيار ڪيو جنهن کي مهر چيو ٿو وڃي. مهر هڪ رقم ( نقد يا ڪا چيز ) آهي جا شوهر شادي جي وقت عورت کي مفت بطور تحفو ڏيندو آهي ان مان اهو فائدو آهي ته مرد عورت کي والديڪي وانگر استعمال نه ڪري سگهندو ورنه کيس مهر ڏيڻو پوندو.

عموما مرد ئي آهي جو پڇاڙيءَ ۾ طلاق ڏئي ٿو. انهن ۾ قدرت ئي آهي ته ٿن چئن ٻارن ڄڻڻ بعد عورت جواني جو گهڻو حصو وڃائي ويهي ٿي ۽ مرد اڃا نوجوان ئي آهي ان ڪري دائما ڪنهن ٻيءَ نوجوان ٻيوي جي لاءِ تلاش ۾ رهي ٿو ۽ وجهه ملڻ تي عورت کي طلاق ڏئي ٿو. عورت کي ان مصيبت کان محفوظ رکڻ لاءِ اسلام حڪم ڪيو ته ڪا قيمتي شيءِ عورت کي مهر ۾ ڏيو جا عورت کي قبول هجي يا نقد پيسا ڏيو. مهر مقرر ٿيل نه آهي اهو ملڪ جي معاشري حالتن عورت جي درجه (Position) ۽ مرد جي مالي حالتن تي مدار رکي ٿو.

ڪو به نڪاح جائز نه آهي جيستائين مهر نه ڏنو وڃي. عورت کي حق آهي ته زندگي ۾ ڪنهن به وقت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جي گهر ڪري. طلاق بعد به عورت اهو وٺي سگهي ٿي. ازالسواء ملڪيت جي ورهاست ني لتي لي سگهي جيسين مهر نه ڏنو وڃي. شوهر جي وفات بعد به عورت مهر شوهر جي وارثن کان وصول ڪري سگهي ٿي.

الهن ڳالهين ڪري مرد ڪڏهن به عورت سان بي وفا نه ٿيندو ۽ عورت کي طلاق نه ڏيندو.

ان سبب ڪري مسلمان ٿي آهن جن ۾ گهٽ طلاقون اچن ٿيون. ڦي هزار پويان زيادة ۾ زيادة هڪ طلاق اچي ٿي ۽ ڪرستانن ۽ يهودين ۾ جن وٽ اهڙو ڪو بچاء جو طريقو نه آهي. ڦيصدي لوي طلاقون اچن ٿيون.

٢١- اسلام عورت کي به حق ڏنو نه مرد کي طلاق ڏني پر هن قسم جي طلاق کي خير سڌي طلاق (Indirect divorce) چئجي ٿو نه اها قاضي جي معرفت ڏني ويندي آهي. (هي ڳالهه بعد ۾ چٽي طرح بيان ڪيل آهي.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٩- ڪثرتہ الازواج (Poligamy)

يورپ ۾ اسلام کي ڦهلندو ڏسي ڪرستانن کي اچي خوف خطرو ٿيو تہ متان ڪنهن وقت اسلام سڄي يورپ تي نہ غالب پئجي وڃي. جيڪڏهن ائين ٿيو تہ ڪرسچنٽي جو هميشہ لاءِ خاتمو ٿي ويندو ان ڪري اسلام خلاف غلط تبليغ (Propaganda) شروع ڪيائون. مشهور ڪير ويو تہ اسلام غلامن جي رواج کي همٿائي ٿو. مسلمان محمد (صلعم) جي پرستش ڪن ٿا. ۽ عيسوي کي ڌڪارين ٿا. اسلام عورت جي آزادگي جي سخت خلاف آهي. پردو اسلام ٿي دنيا ۾ آندو جنهن عورتن کي قيدي جي زندگي بسر ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. اسلام ڪثرة الازواج (هڪ کان زيادہ شاديون ڪرڻ) جي فائدي ۾ آهي. وغيره. ان پروپيگنڊا جو اثر خود مسلمانن تي پيو جو اڄ بہ ڪيترا ماڻهو موجود آهن پردي کي رڪن اسلامي ۽ فرض ديني سمجهن ٿا. ڪثرة الازواج لاءِ بہ ساڳيا ٿي رايا آهن.

مگر جي تلاش حق ڪبي تہ معلوم ٿي ويندو تہ ڪرسچني يا ٻيا سڀ مذهب ڏند ڪٿائن تي ٻڌل آهن اسلام ئي آهي جو حقيقت تي ٻڌل آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ۾ اسلام جو اصول جديد سائنس جي خلاف نہ آهي. ٻين مذهبن وارا ترقي صرف هڪ ئي صورت ۾ ڪندا تہ پنهنجن مذهبن کي الوداع ڪن مگر مسلمان صرف هڪ ئي صورت ۾ ترقي ڪندا تہ حقيقي اسلام لاءِ تلاش ڪن. باقي جيڪڏهن اسلام کي وضوع جي چند دعائن. مردن جي غسل جي دعائن تائين محدود رکيو ويو تہ مسلمان بربادي جو نشانو ٿيندا.

ڪرستانن جو سڀ کان وڏو ڪم ڪيو سو هو قرآن شريف کي بائيبل ڏالهن لمائي ان جي غلط تشريح ڪندا رهيا. حالانڪ اڄ بہ ۹۹ سيڪڙو ماڻهن جو اعتقاد آهي تہ ڌرتي بيٺي آهي ۽ سج پيو ڦري مگر قرآن شريف ۾ صاف صاف آهي سج هڪ هنڌ پنهنجي محور جي چوطرف ڦري رهيو آهي (۽ نہ ڌرتيءَ جي چوطرف) ۽ ڌرتي لاءِ قرآن لفظ ارض ڪم آندو آهي ارض جي معنيٰ آهي پينگهو جو لڏي رهيو هجي (Oscilating) ۽ پينگهي جي لڏڻ سان ڌرتي جي ڦرڻ جي تشبيهہ ڪيل آهي جو ثابت ڪري ٿو تہ ڌرتي ڦري رهي آهي. (تفسير قرآن از مولانا عبيدالله جو اچان پريس ۾ آهي.)

اهڙي طرح ڪرستانن ۽ يهودين جو اسلام لئي اهو اثر پيو جو محسوس لڳا تہ آدم اڳ پيدا ٿيو ۽ بعد ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوا. حوا گناه بعد آدم کي ميو و کارايو وغيره جا ڳالهه قرآن ۾ نہ آهي.

اڄ ڪرستان ۽ يهودي ڪثرة الازواج لي لفظ چيني ڪري رهيا آهن، مگر ڪين اها ڳالهه صحيح ياد نہ آهي تہ:-

حضرت ابراهيم کي ٻہ زالون هيون. حضرت داؤد کي ٻہ گهڻيون زالون هيون. حضرت موسيٰ هڪ کان زياده عورتن سان شادي ڪئي. يهودين ۾ نہ عارضي (Temporary) ۽ شرطي (Conditional) شاديءَ جو رواج هو جنهن موجب ڪنهن مقرر عرصي تائين شادي ڪئي ويندي هئي ۽ جيڪڏهن مقرر عرصي ۾ سندن طبيعتن ۾ ميلاپ ٿي ويو تہ واه نہ تہ شادي رد.
حضرت عيسيٰ نہ ڪثرة الازواج بند ڪيو نہ ان کي سڌار پائين (To - regulate) مگر ٻاڻ شادي ڪرڻ جي خلاف هو.

هندن ۾ ٻہ هڪ کان زياده شاديءَ جو رواج هو.
راجپوتانا ۾ اڄ تائين اهڙا مثال قائم آهن جو هڪ مرد کي ١٠٠ زالون هجن.

اسلام هڪ (عالمگير) (Universal) مذهب آهي ان ڪري ضرورت هئي تہ اسلام جا قوانين اهڙا هجن جي هر هڪ قوم لاءِ زندگي جي هر هڪ دور ۾ لڳائي سگهجن (Applicable)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زماني ۾ ائين ممڪن آهي ته ڪنهن وقت مردن جو تعداد بلڪل ڪم ٿي وڃي پوءِ ڪهڙو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي. لڙاين ۾ هزارين مرد مري وڃن ٿا ان ڪري جيڪڏهن ڪي مرد هو يان هڪ عورت جو رواج هجي ها ته لکين عورتون بزارين ۾ اهي راه رلنديون وتن ها.

اچ ڪلهه ريڪو سنڌ تي نظر ڪريو. هندن ۾ عورتن جو تعداد مردن جي تعداد کان ڪجهه زياده آهي ته ڪيتريون نوجوان ڇوڪريون بغير شريڪ زندگي يا رفيق حيات جي زندگي بسر ڪري رهيون آهن ان سبب ڪري ڏينتي ليتي جو رواج زور وٺي رهيو آهي مگر ڪو رستو نٿو ملي سگهي. لڙائي سبب جيڪڏهن مردن جي قلت ٿئي ته پوءِ اينتريون بي گناه عورتون ڪيڏانهن وڃن. هن وقت يورپ ۽ آميريڪا ۾ اهو سوال پيدا ٿيو آهي ۽ ان جي حل ڪرڻ جو ڪين ڪو رستو ڪونه آهي.

انهن موقعن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ لازم آهي ته ڪثرة الازواج مروج ٺهرائجي. جنتو ٺيڪ اسلام ڪثرة الازواج جي اجازت ڏني آهي ۾ شرطن تي جئين قرآن فرمائي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وان خفتم ألا تقسطوا في اليتمىٰ فانكحوا ماطاب لكم من النساء مثنىٰ و ثلث وربٰع (ج) فان خفتم ألا تعدلوا فواحدة اوما ملكت ايمانكم (ط) ذالك ادنىٰ الا تعولوا (ط)-

۽ جيڪڏهن توهان کي خوف آهي ته يتيم ڇوڪرين سان توهان عدل نه ڪري سگهندا ته اهڙين عورتن سان شادي ڪيو جي توهان کي پسند هجن ٻه ٽي يا چار ۽ جيڪڏهن خوف هجيوَ ته توهان انهن جي وچ ۾ عدل نه ڪري سگهندا ته صرف هڪ شادي ڪيو يا جيڪو توهان جي هٿ ۾ هجي. هي زياده ٺيڪ آهي ته توهان راه راست کان ڦلجي نه وڃو.

(النساء - ٣)

(هي آيت أحد جي جنگ بعد نازل ٿي هئي جو نه گهڻا ماڻهو لڙائي ۾ مارجي ويا ۽ انهن جي اولاد ۽ بيوه عورتن لاءِ پناه جي ضرورت هئي.)

مٿين آيت مان صاف ظاهر آهي ته جيڪڏهن توهان هڪ کان زياده نڪاح ڪرڻ چاهيو ته توهانکي اجازت آهي مگر توهان جتين پنهنجن سڀني زالن جي وچ ۾ تفاوت نه رکو. سڀني کي هڪ جهڙو ڪاڌو خوراڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پوشاڪ ڏيو هر هڪ ڳالهہ ۾ و ينديءِ محبت ۽ هم بستري لاءِ هڪ جهڙي روش اختيار ڪيو.

تو هان پنهنجن ٻارن ۾ الهن گهرن ڏالهن غور ڪري ڏسو جن ۾ مردن ٻہ ٻہ شاديون ڪيون آهن ڏسو تہ اُتي ڪهڙي حالت آهي. رات ڏينهن الهن گهرن ۾ عيد ٻراد مشغلہ لڳو پيو آهي. بعضي د پيڪ واڳ آهي بعضي سر سارنگ آهي. ڪڪرن جي ڳجگوڙ کنوڻ جا چمڪاٽ تہ هر لحہ نظر ايندا. ڏينهن ۾ هڪ اڌ دفعہ طوفان بہ لڳندو آهي باقي بارش سان بہ عام جام پولدي آهي. ان جو سبب اهو آهي مرد پل ڪٿي وليءِ الله ڇو نہ هجي مگر آخر انسان آهي - ۽ انسان لاءِ اهتري قوت هجڻ مشڪل آهي تہ ٻن زالن جي وچ ساڳيو تفاوت رکي خاص طور ان حالت ۾ جو هڪ ۱۴ ورهيہ جي نوجوان ٻي ۳۵ ورهيہ جي پيرسن - اها ڳالهہ صاف ظاهر ڪري تہ ڪڏهن بہ ماڻهو ٻن زالن کي هڪ جهڙا حق ڏيئي نٿو سگهي اهو قطعا نا ممڪن آهي. ان ڪري ڪثرة الازواج غير واجب ۽ خلاف شرع آهي.

اڄ جيڪڏهن ڪو غير مسلم هڪ کان زيادہ شاديون ڪري تہ اهو صرف معاشرتي ڏوہ آهي (Social Crime) مگر جيڪڏهن مسلمان هڪ کان زيادہ شاديون ڪري تہ اهو نہ صرف معاشرتي پاڪ د ينيءَ ڏوہ آهي جنهن لاءِ ماڻهو خدا وٽ جوابدار آهي.

يورپ جي تهذيب ۾ ڪا نه اهڙي راه ڪانهي
آهي جو جنگ ۾ موت ٿيلن جي اولاد ۽ بيوه عورتن
کي پناه ملي. نتيجو اهو ٿو لڪري جو آخر عورتون
پنهنجي پياس غلط طريقه سان دور ڪن ٿيون ۽
يورپ وارا انهن کي شرم وچان ڪنواري ماءُ (Un - Married
mother) ۽ ان جي نتيجي کي وار بيبي (War baby)
چون ٿا ۽ انهن ٻنهي جو تعداد وڌي رهيو آهي.
جاڪاڻ ته جديد تهذيب ۾ ڪنوارين مائرن ۽ وار بيبين
لاءِ ڪا نه راه ڪانهي آهي. ان ڪري زناڪاري جي
ظاهر اجازت آهي. مگر رسول الله صلعم ڪنوارين مائرن
۽ وار بيبي (War babis) جو وجود برداشت نه ڪري
سگهيا ۽ ان ڪان ڪثرة الازواج بهتر سمجهيائون جو نه
ٻهرين جو اثر سڄي قوم تي پوي ٿو پوٽين جو اثر
چند فردن تي سو به بلڪل ڪم پسگردائي ۽ عوام
تي ان جو اثر اٿو پوي.

امام شافعي ۽ امام رازي جي فتوا آهي ته مٿين
آيت جو مطلب آهي ته هڪ کان زيادہ شاديون اصل
نه ڪجن.

خود قرآن ان ڳالهه جي تصديق ڪري ٿو ته توهان
کي اهڙي قوت نه آهي جو ٻن زالن سان هڪ جهڙي
هلت ڪري سگهو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| ولن تستطيعو ان تعدلو بين النساء ولو حرصتم. | ۽ توهان پنهنجن عورتن ۾ عدل نه ڪري سگهندا جيتوڻيڪ توهان انهن ڪرڻ جي چاهنا هجو. ( النساء 129 ) |

هن وقت ظاهر ٿيو ته ڪثرة الازواج لاءِ اسلام اجازت ڏني آهي.

مگر جيڪڏهن عورتن جو تعداد ايترو وڌي وڃي (لڙائي وغيره سبب) ان وقت گهٽين جي ڪنهن ۾ ٿيندڙ خرابين ۽ بيمارين جي بچاءُ ۽ زياده اولاد پيدا ڪرڻ لاءِ اسلام ڪثرة الازواج جي اجازت ڏني آهي ان جو قومي فائدو آهي مگر ان حالت ۾ جيڪڏهن عورتن جي وچ ۾ برابر حقوق نه ڪبي ته گناه آهي.

ايترو قبول ڪرڻو پوندو ته هتي هندوستان ۾ في هزار پويان هڪ اهڙا مسلمان آهن جي ڪثرة الازواج جي مرض ۾ مبتلا آهن مگر حقيقت جاچڻ سان معلوم ٿيندو ته اُهي شاهوڪار ماڻهو هوندا آهن جي صرف عيش لاءِ انهن ڪن ٿا اهڙن ماڻهن لي لفظ چيني ڪرڻ بيجا آهي جو نه جيڪڏهن بين تهذيبن ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪثرة الازواج نہ آهي نہ اهي ظاهر نہ هڪ شادي ڪن ٿا مگر سوين سريتون ۽ داشتہ عورتون (Mistressess) رکن ٿا. ڇا انهن لاءِ ائين چئبو تہ هو وحدت الازواجي (Monogamous) آهن؟ اهڙن ماڻهن کي شمار ڪرڻ فضول آهي. انهن کي ميدان کان ٻاهر ڪيڻ بعد معلوم ٿيندو تہ هندوستان جا مسلمان وحدت الازواجي (Monogamous) آهن.

جنهن زماني ۾ ڌرتيءَ تي زندگي شروع ٿي ان وقت مرد ۽ عورت دنيا جي ڪمن ۾ گڏ حصو وٺندا هئا ٻئي هڪ ٻئي جهڙا مضبوط هوندا هئا. عورت مرد کان ڪمزور نه هئي. مگر جئين وقت گذرندو ويو تئين عورت جو ٻاهر نڪرڻ گهٽبو ويو ڇو ته ٻارن جي پيدائش بعد ضروري ٿيو ته انهن جي گهرن ۾ ئي پرگهور لهجي. ڪجهه عرصي تائين پردو ڪو نه هو، عورت ۽ مرد کي ساڳيا ئي حق هئا. مگر عورت جئين جئين وقت گذرندو ويو ٻاهرين ڪمن ۾ گهٽ حصو وٺڻ لڳي ان ڪري بدن ۾ مرد کان ڪمزور ٿي ويئي ۽ ان ڪري ٻاهرين دنيا جي سخت ڪم کان ڪيس علحده ڪيو ويو آهستہ آهستہ هن جو ٻاهر نڪرڻ صفا بند ٿي ويو.

(History of World by H. G Wells.)

مهذب گريڪ (يونانين) پنهنجن عورتن کي مردن کان دور رکندا هئا. (H. G. Wells)

گريس ۾ (گريڪ تهذيب جي اوج وقت) سخت پابنديون هيون ته هو گهرو زندگي بسر ڪن ۽ انهن کي سوا ڪنهن وڏي ۾ وڏي لاچاري حالت جي، ڪمن ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ڪا نه هئي. گريڪ عورتن کي ڪي

۾ حق ڪونه هئا. والدين جي ملڪيت ڪين ورثه ۾ لڳي ملي سگهي ٿي. ورڻ کين پنهنجي مرضي مطابق شادي ڪرڻ جو اختيار هو ۽ نه هو. والدين کي حق هو ته اولاد جيڪڏهن سائن شاديءَ جي سوال لي شامل ڪراءِ ته لڳي ته ان کي قتل ڪري ڇڏين. پردي جي حد هئي جو عورتن جا گهر زير زمين (زمين جي سطح کان هيٺ) هئا. يونانين ۾ ئي پهرئين حرم جو رواج شروع ٿيو. بعد ۾ انهن حرمن جي حفاظت لاءِ مخنث استعمال ڪيا. يونانين ئي پهريائين خرمن ۾ اغلام رکڻ شروع ڪيا. يونانين کان اهو رواج رومن قوم ۾ پيو. (H. G. Wells)

ابوالڪلام آزاد پنهنجي تصنيف مسلمان عورت ۾ پردي جو بيان ڪندي فرمائي ٿو ته:-

”رومن ايمپائر جا سچي يورپ جي تمدن جي والده آهي ۽ پهريون سرچشمه آهي جنهن مان جديد يورپ جي تمدن جو شاخون نڪرڻ ليون تنهن جي شروعات عيسوي سنه کان ٦٠٠ ورهيه اڳ ٿي هئي. ابتدائي دوران ۾ هي حڪومت نهايت تنڍي مفلس. ڪمزور حقيقت هئي مگر آهسته آهسته ترقيءَ طرف قدم وڌائيندي وئي. ۽ تهذيب و تمدن جي اعليٰ درجه تي پهچي وئي. ان حڪومت ۾ عورتون پردي جي قيد ۾ رکيون ويديون. هيون اٺ همن صدي

جي انسائيڪلو پيڊيا ۾ لکيل آهي ته رومن عورتون گهرن ۾ ڪم ڪنديون هيون. الهن جا شوهر، والدين ۽ ڀائر ميدان جنگ ۾ سرفروشي ڪندا هئا. خانداري جي ڪم ڪاڄ کان فارغ ٿيڻ بعد عورتون سٽ ڪتنديون هيون. رومن عورتون ماڻهن جي (خريد فروخت) جو به ڪم ڪنديون هيون، مگر پرده اهڙو سخت هو جو مالدار عورتون ٻاهر نڪرڻ وقت ڀاري نقاب سان پنهنجو چهرو بند ڪنديون هيون ۽ ان جي مٿان هڪ ڊگهي چادر ويڙهينديون هيون جا ٽڙين تائين لٽڪندي هئي. ان چادر جي مٿان هڪ ڪپڙو ويڙهيو ويندو هو. جنهن جي سبب ان چادر جي لٽڪڻ جو نظر اچڻ نه رڳو بلڪ بدن جي بناوت جو پتو پوڻ به ناممڪن هو."

ابوالڪلام آزاد ساڳئي تصنيف ۾ پڻ هيئن فرماني ٿو ته:-

" رومن ايمپائر جي زوال وقت مردن عورتن لي گوشت کائڻ، کلڻ، ڳالهائڻ، حرام قرار ڏنو. ايتري قدر جو الهن جي وانن تي 'موزسمر' تالي هڪ قفل لڳايو ويو ته جيئن هو ڳالهائي نه سگهن. هي حالت عام عورتن جي نه هئي بلڪ رئيس ۽ امير، ڪميڻ ۽ شريف، عالم ۽ جاهل، سڀني لي هي حالت طاري هئي."

گبن لکي ٿو ته " عورتن لي سختي جو نتيجو اهو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪتو جو حڪومت وڌيڪ ڪمزور ٿي ويئي. هڪ پشت (Genration) بعد جا ٻي ايندي رهي ۽ ان سان گڏ حڪومت ڪمزور ٿيندي رهي آخر حڪومت فنا ٿي ويئي." (Decline & fall of Roman Empire)

٣- طلوع اسلام جي زماني کان ڪجهه عرصو اڳ ايراني تهذيب وتمدن خاص ٿالو تڪيو. پر انهن وٽ به عورتن کي بلڪل سخت ٻهري هيٺ رکيو ويندو هو. ايتري قدر جو هڪ ايراني بادشاه پنهنجي راڻي کي ان ڪري طلاق ڏني جو هن بي پرده دربار ۾ اچڻ کان انڪار ڪيو. (عورتن کي پرده ۾ فخر هو.)

٤- ساڳي حالت چين ۽ ڪوريا ۾ هئي. ايران ۽ ڪوريا ۾ گهرن ۾ نرگس گل (جنهن جي اکه مشهور آهي) ڪٽڻ وجهڻ منع هو ته متان جنس مخالف جي نظر نه هٽي.

٥- هندوستان ۾ پرده ڪونه هو ڇو ته هندو تهذيب ۾ عورت کي ڪوبه وجود ڪونه هو. بلڪ ڪجهه به ڪنهن شيء کي ۽ ساڻن ڪاله هئي. جڏهن مسلمانن وٽ پرده ڏٺائون ته پوء هنن به نقل ڪيو. مگر مسلمانن جي پرده ۾ ڏس ۽ هوا لاء بند وبست آهي مگر هندن مٽي جي ڪپڙي جو اڪر منهن تي وجهڻ شروع ڪيو، انهيء ڪري ته هندن پنهنجن عورتن کي زياده آزادگي ڏيڻ ٿي چاهي، پر چاڪاڻ ته هو ڪنجوس آهن ان ڪري ساڳئي ڪپڙي مان به ڪم ڪڍيائون جيڪڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلمان پنهنجن زالن کي کهن ٿا، ته هندو وري پنهنجن زالن کي مڏيءَ کاڌي سان ٿا کهن.
(Woms of marriages in India. By T. Tomass)

٦- انگلنڊ ۾ ڏيڍ سو سال اڳ عورتون گهرو زندگي گذاريندڙيون هيون - ٻاهر بلڪل ٿوڙو نڪرنديون هيون. ڪابه آبرودار عورت (Charperon) کان سواءِ ٻاهر نه ويندي هئي - عورتن لاءِ اهو غير واجب ليکيو ويندو هو ته هو Omi bus ۾ مٿان سفر ڪن - Charperon اصل ۾ يونانين جو ايجاد ڪيل آهي ۽ ان زماني کان مروج آهي - انگريزي ٻولي ۾ به اهو لفظ يونانين تان ڪاپي ڪيل آهي.

٧- زماني جاهليت ۾ عربستان ۾ پردو هو - جو دراصل يونان ۽ رومنس جي اثر ڪري عربستان ۾ شروع ٿيو -

عربي ادب مان اهڙا شعر ملن ٿا جي ان ڳالهه جي ثابتي ڏين ٿا. مثلا

| | |
|---|---|
| ولسو لکم في الروع باد | لڙائي ۾ لوهان جي عورتن |
| وجوهها لخليس اماء او لا | جا چهره کلي پيا هئا، جنهن |
| ماء حلا بن | سبب اُهي ڇوڪريون |
| (عمرو معد يکرب). | معلوم ٿي ٿيون جيئنو ٽيڪ |
| | اُهي ٻيوڙون هيون. |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢
سمقط النصيف ولـم لراد
اسقاطوا فتنيا ولـه اوا لعتنا
باليد-
(نالغ)'

دوپٽہ ڪري پيو- ان جاٺي پڄهي- انهن ہ ڪيو هو- ان دوپٽہ سنڀالـي هٿن سان پڙده ڪيو.

٣
ابر بن محا سناولتهن اخرولي
ولقين الوصاوض لـلعيون

پهريائين ان پنهنجو حسن ڏيکاريو بعد ۾ ان ڪي پوشيده ڪيو ۽ اکين ٿائين لقاب ۾ ڪيائين .

ازالسواء اهڙا گهڻا شعر آهن . جن مان پردہ جي وجود جو پتہ پوي ٿو-

اسلام ۾ پردي لاء ڪهڙو روه اختيار ڪيو سو بعد ۾ ڏاو ويندو-

هندستان ۾ پردہ برابر مسلمانن ٿي آنـدو- مگر زمانہ جي جنگين ۾ جيڪي حولريزيون ٿينديون هيون تن پردہ جي رواج کي زياد شديد ڪيو- مرد گهرن کان باهر ميدان جنگ ۾ مقابلہ لاء ويندا هئا، الڪري لوٽ مار کان بچڻ لاء صرف هڪ ئي راه هئي تہ عورتن کي زنانہ ۾ قفل ڪيو وڃي، جئين هو غير حملہ آورن کان محفوظ رهي سگهن .

اسلام عورت جي غلامي ۽ قيد جي اجازت نہ ڏني آهي- اسلام سڄي دنيا لاءِ انسانيت کي آزادگي جي ٺيٺ فارم تي آڻڻ جي ڪوشش ورتي آهي ۽ پيغام ڏنو آهي- غلامن جي ٻانهن مان طوق زنجير لاٿا اٿس. خاندان ۽ جنس (Sex) جي تفاوت کي مٽايو اٿس- برادري برابري ۽ (Fraternity) جي راه ڏيکاري اٿس- جيڪڏهن ڪي چند ماڻهو پردہ ڪري اسلام تي ٽڪو لڳائن ٿا تہ اسلام ان لاءِ جوابدار نہ آهي- اسلام ۾ نہ پردہ ان وقت آيو جنهن وقت خلافت عربستان کان ڦري ايران (بغداد) ۾ آئي- عورتن اسلام جي اوائلي دور ۾ خاص طور رسول اڪرم جي زماني ۾ ميدان جنگ ۾ دشمن خلاف جهاد ڪيو- زخمين جو علاج ڪيو وغيره- جيئن مٿي چيو ويو آهي تہ ڪثرالازواج لاءِ ڪرسچن مشنري ٿي اسلام تي الزام مڙهيو آهي ساڳي طرح پردہ جو الزام بہ ڪرسچن مشنري جو اسلام تي مڙهيئن آهن. حقيقت ۾ هن مرض جي شروعات يورپ (گريڪ ۽ روم) کان شروع ٿي جنهن مرض اسلام ۽ مسلمانن کي عظيم نقصان پهچايو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# (١١) پردو ۽ علم صحت

هاڻي سوال آهي ته واقعي پردو فائديمند آهي يا نقصان آور اسلام جو ڪو به رڪن يا فرض يا اصول اهڙو ڪونه آهي جنهن مان نقصان هجي جيڪا به شي نقصان ڪار آهي سا اسلام ناجائز ٺهرائي آهي مثلا شراب. قرآن شريف صاف صاف بيان ڪيو آهي ته شراب مان فائدا به آهن ۽ نقصان به مگر سندس نقصان بنسبت فائدن جي زياده آهن ان ڪري شراب جو استعمال غير درست آهي -

| | |
|---|---|
| يسئلونک عن الخمر والميسر (ط) قل فيهما اثم کبير و منافع للناس (ط) | جوا ۽ شراب لاءِ تو ڪان سوال ڪن ٿا ۽ تون چؤ ته انهن ٻنهي ۾ وڏو گناه آهي انهن مان نقصان به آهن ۽ فائده به مگر انهنجو نقصان انهن جي فائدن ڪان زياده آهي (البقر ٢١٩) |

ساڳي طرح سوئر حرام قرار ڏنو ويو آهي ڇو ته ان جي مشڪن ۾ هڪڙا جراسيم آهن جي ٿهڪندڙ پاڻي ۾ به ناس نٿا ٿين اهڙي جانور جي گوشت استعمال ڪرڻ ڪري آهي جراسيم بدن ۾ پهچندا ۽ پيٽ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گرمي ۾ انهن کي ناس نه ڪري سگهندي ۽ انڪري ڏاڍو نقصان ڪندا.

ثابت آهي ته جا چيز اسلام غير جائز ٺهرائي آهي ان مان فائدي کان زياده نقصان پهچي ٿو.

هاڻي پرده جا فائدا ۽ نقصان ڏسون ٿا:-

١- پرده عورت کي سندس فطري حريت (Natural freedom) کان محروم بنائي ٿو.

٢- ان کي پنهنجي تربيت ڪامل حاصل ڪرڻ کان روڪي ٿو.

٣- بوقت ضرورت عورت کي روزي ڪمائڻ کان باز رکي ٿو.

٤- بيوي ۽ شوهر کي پنهنجي عقلي زندگيءَ جو مزه حاصل ڪرڻ کان روڪي ٿو.

٥- پرده جي پابند رهڻ جي حالت ۾ اهڙيون قابل مائر پيدا نٿيون ٿي سگهن جي اولاد کي اعليٰ تربيت ڏئي سگهن ان سبب قوم جي حالت ان انسان جهڙي بنيو پوي جنهن جي چيلهه ڀڳل هجي.

٦- عورت ڪم ذهن ۽ ڪم فهم ٿيو پوي جنهنڪري هن کي شوهر جي ضرورتن ۽ خيالن جو پورو پتو لڳو نه سگهي.

٧- عورت جي تندرستي ٺيڪ نه ٿي رهي - عورت ڪمزور ٿيو پوي ان سبب ان جون مشڪلون ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳن خراب ٿيو پون بدن جو اثر دل ۽ دماغ تي
ٿو پوي ۽ عمر گهٽجو وڃي.

٨- پرده سبب عورت پنهنجي آينده شوهر کي
ڏسي نه ٿي سگهي ۽ نه ان جي خيالن کي سمجهي
سگهي ٿي- الهن جا خيال متفق نه ٿا ٿين ۽ الهن جو
مستقبل بي آرام گذري ٿو-

٩- پرده عورت کي علم حاصل ڪرڻ کان روڪي
ٿو- روان دنيا (Curreut World) جو ڪيس پتو لڳو
نٿجي سگهي- ان ڪري عقل بلڪل ڪم رهي ٿو-
ان جو اثر سندن اولاد تي پري ٿو.

١٠- دنيا کان دور رهڻ ڪري عورتون بزدل ٿيو
پون ۽ الهن جي اولاد تي پڻ ساڳيو اثر پوي ٿو-

اسان هاڻي ڏسون ٿا ته عورت جا قدرتي
فرائض ڪهڙا آهن-

قدرت مخلوقات کي مختلف جماعتن ۾ تقسيم ڪري،
هر هڪ جماعت تي خاص خاص فرائض ۽ خاص خاص
وظائف قرار ڏنا آهن.

جنٿين ڪلام الهيٰ ۾ اشاره ڪيو.

ربنا الذي اعطي كل خلقه ثم هداي-

خدا اهو آهي جنهن هر هڪ شيء کي مڪمل
وجود عطا فرمايو آهي ۽ اُن کي پنهنجي فرض بجا
آڻڻ جي هدايت ڪئي آهي-

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي عورت جي حالت ڏي نظر ڪريو ۽ ڏسو ته
ان جا قدرتي فرائض ڪهڙا آهن انهن فرض جي لحاظ
کان هو ڪهڙي آزادگي جون مستحق آهن نوع انسان
جي نکثير ( واڌ ۽ يا Repro dtctin ) ۽ حفظ لاءِ قدرت
مسلسل چار دور قرار ڏنا آهن .

١- حمل ٢- وضع ٣- رضاعت ٤- تربيت .

ان ۾ هر هڪ دور عورت لاءِ نهايت دشوار
زمانو آهي ۽ ان جي حفاظت لاءِ خاص ضورتن
۽ علاجن جي ضرورت ٿئي ٿي جنهن ۾ جيڪڏهن
ڪجهه ڪمي ٿي ته عورت جو سخت خطرن ۽ شديد
بيمارين ۾ مبتلا ٿيڻ جو انديشه آهي .

زمانو حمل جنهن ۾ عام طور ١٠ مهينا قرار ڏنا ويا ٿا
معمولي ۾ معمولي حرڪت جو ته عورت تي سخت اثر
ٿئي ٿو - ان زماني ۾ عورت کي پنهنجي خيالن کي
نهايت نيڪ رکڻ گهرجي ڇو ته زمانو حمل جي خيالن
جو اثر سدو سنئون ٻار تي پوي ٿو .

ابو الڪلام آزاد البلاغ جي هڪ مضمون
” جنگ ڪا اثر اخلاق پر “ ۾ لکي ٿو ته انگلستان جي
قديم سلطانن ۾ يعقوب (James or Jacob) ثاني
سخت بزدل هو ان جو سبب اهو هو ڇو دوران حمل
۾ ان جي والده سخت مصيبتن ۾ زندگي گذاري
ازانسواءِ انگلستان جي مشهور فلاسافر ٿامس هيوب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي بزدلي جو سبب - اهو ٻڌايو ته سندس والده جي اوقات حمل ۾، انگلستان کي سپين جي آرمين جنگ ۽ غار تگري جي ڌمڪي ڏني هئي ان ڪري سندس والده بزدل ٿي پئي ۽ ان جو اثر مٿس پيو.

خود پرده به بزدل بنائي ٿو ڇو ته سب عالم ان رائي جا آهن ته خودڪشي صرف بزدل آدمي ئي ڪن ٿا. مسلمانن ۾ جي به عورتون خودڪشي ڪن ٿيون سي سب گهڻو ڪري پرده نشين آهن.

ان ڪالسواء ٻهراري ۾ پرده اصل ڪوله آهي ان ڪري اتان جي ماڻهن کي دلي قوت گهٽي آهي ۽ ڪنهن به مصيبت کان لنتا ٿا ڊڄن. خود موت کان به لنتا ٿا ڊڄن. تاريخ مان ڪيترا مثال پيندا ته جڏهن جهاد (يا ٿوهان لواري جي حج، يا مسجد منزلگاه، يا خلافت جي سوال کي وٺي). جو سڏ ٿيندو هو ته ٻهراري جا گهڻا ماڻهو شامل ٿيندا آهن ڇو ته هنن جي دلي قوت زياده آهي. سرسري نظر ڦيرائڻ سان ئي معلوم ٿي ويندو ته پرده نشين عورتن جو اولاد به بزدل ٿيندو آهي.

ابوالڪلام آزاد پڻ هند لکي ٿو ته "فرانس ۾ هڪ خوبصورت والدين کي هڪ سياه ٻچو پيدا ٿيو آخر ڊاڪٽرن جي جستجو بعد معلوم ٿيو ته اوقات حمل ۾ عورت جي نشست جي سامهون ميز تي هڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حبشيءَ جو اسٽيچو (پٿر جو بت) رکيل هو. جنهن جي شباحت ۽ رنگ جو اثر نگاهن جي رستي دماغ تي پيو ۽ دماغ جو اثر ٻچي تي پيو. ان جو آخرين اثر اهو نڪتو جو ٻچي جي شڪل جو والدين جي شڪل سان ڪو به تعلق نه رهيو"

ان ڳالهه سان گهٽ ۾ گهٽ اهو ظاهر آهي ته دوران حمل ۾ جيڪڏهن عورت جا خيال اعليٰ هوندا ته ٻچي اعليٰ دماغ پيدا ٿيندو ۽ جيڪڏهن عورت ڪم فهم هوندي ته ٻچي ڪم فهم پيدا ٿيندو.

ان ڪري ضروري آهي ته عورت کي نه صرف اعليٰ تعليم هجي مگر روان دنيا (Currentworld) کان چڱي طرح واقف هجي جئين اهڙا ويچار ڪري جو ٻچا اهڙو پيدا ٿئي جو جمندي ئي موجوده دنيا کان گهڻو واقف هجي ازانسواء ڊاڪٽرن جو اهو نه قول آهي نه اوقات حمل ۾ عورت کي هلڪي ورزش ڪرڻ گهرجي ۽ ڪم از ڪم کليل هوا ۾ به معمول بند ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن عورت ان زماني ۾ کليل هوا ۾ نه رهندي ته ان جو اثر ٻچي تي پوندو ۽ ٻچي جو خون صاف نه رهندو ۽ کمس سلهه وغيره ٿيندي.

الهن ڳالهين تي غور ڪرڻ بعد اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون ته قوم کي بزدلي ۽ بيمارين کان بچائڻ لاءِ ضروري آهي ته پردو نه هجي ان مان ئي قوم جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترقي و بهبودو ٿي سگهندو.

٢. وضع ۽ ٣. رضاعت جيتوڻيڪ تمام مشڪل نه آهن مگر عورت لاءِ ضروري آهي ته اها چاڻ هجيس ته ڪهڙو کاڌو کائڻي ڪهڙو نه. ان لاءِ تعليم ضروري آهي.

٤. تربيت.

عام طرح هن زماني کي ڪا وقعت ڪانه ڏني ويندي آهي مگر درحقيقت هيءُ ئي زمانو آهي جو چاهي ٻار کي بهادر بنائي چاهي بزدل بنائي. چاهي پيغمبر بنائي چاهي شيطان بنائي. هيءُ زمانو آهي جنهن جي تربيت نازين جهڙي مضبوط جماعت پيدا ڪئي هئي. هيءُ ئي زمانو آهي جنهن فرينچن کي عياش بنايو. هن زماني ۾ ٻار هڪ ڪئميرا جي فلم وانگر آهي جنهن تي جو عڪس وجهجي سو ٺهيو پوي. جو اثر وجهجي سو ظاهر ٿئي. مگر اهو اثر دائمي (Permanantly) رهي ٿو.

ان تازه مسافر کي جو دنيا ۾ اچي ٿو خبر نه آهي ته رحم ڇا آهي. ظلم ڇا آهي، علم ڇا آهي، جهل ڇا آهي. ان زماني ۾ ماءُ هڪ مصور آهي ۽ ٻار ڄڻ ته ڪئميرا فلم تي اخلاقي محاسن جو نقش ڪڍي يا بد زيب وبدنما نقش ڪڍي. ان زماني جا اثر ٻچي جي طبع لاءِ هميشه ثابت ٿيو وڃن جنهن کي نه اعلي

تعليم جو اثـر فنا ڪري سگهي نـه ساري عمر جي جد و جهد - عورت لاء اهڙي لمولي جي ٻار ۾ قوت پيدا ڪرڻ لاء ضروري آهي تہ جديد علوم و فنون کان واقف هجي .

خود رسول الله صلعم جو قول آهي ٩ ورهن جي عمر ٽائين ٻار ماءُ جي حوالي آهي - ڪم از ڪم عورت کي ابتري تعليم هجي جو ٩ ورهن ٽائين ٻچي کي سيڻي ضروري ۽ معمولي ڳالهين کان واقف ڪري ۽ ان لاء لازم آهي تہ عورت کي چڱي تعليم هجي - پوء ان تعليم جي حاصل ڪرڻ لاء پل پرده جو چولہ ڏيوالہ ٹکري وڃي ؟-

پرده جا حامي صاحب چون ٿا تہ عورت مرد کان ڪمزور آهي ان ڪري عورت ۽ مرد کي هڪ جهڙا حق نہ آهن - مرد عورت کان اعليٰ آهي ۽ ان ڪري عورت تي حڪمراني ڪري سگهي ٿـو ۽ مرد کـي ان ڪري حق آهي تہ عورت کي پرده ۾ رکي سگهي ٿو (هو قران شريف جي ان آيتن کي تہ پاڻهي چڪا آهن تہ مرد ۽ عورت کي هڪ جهڙا حق آهن خير!)

جواب لاء هتي مولانا آزاد جي البلاغ جي هڪ مضمون " جنگ اوران کا اثر اخلاق پر" مان هڪ ٹکرو پيش ڪيو ٿو وڃي -

" مرد عورتن کان زياده بهادر آهن ان جو سبب

هيءَ آهي ته صدين کان مردن عورتن کي غلام رکيو جنهن ڪري عورتون ڪمزور ٿي ويون - مردن کي عورتن جي حفاظت پنهنجي جان ومال لاءِ مختلف ماڻهن سان لڙڻو پيو. هن ڪشمڪش انهن جي شجاعت کي زياده نمايان ۽ مستحڪم ڪيو - ۽ عورتون جي صدين کان زبردست رهيون ۽ جن کي بدلي ڪشمڪش جو موقع نه مليو سي ڪمزور ٿي ويون مگر جيڪڏهن متمدن ۽ وحشي قومن جو مقابلو ڪيو وڃي ته وحشي عورتون به مردن جهڙيون نظر اينديون - عظيم الشان شهرن ۾ آدمي قلعن اندر رهن ٿا - پوليس پهرو ڏئي ٿي - انهن کي خارجي خطرات جو ڊپ ڪو نه رهي - هو زندگي امن ۽ امان ۾ گذارين ٿا ان ڪري رفته رفته انهن جي قوت دفاعي بيڪار ٿيو پوي ۽ شجاعت جا جذبات مرده ٿيو وڃن - هيءَ ئي سبب آهي جو مدت جي افسرده ڪن امن، مفتوح قومن کي فنا ڪري ڇڏي."

مٿين ڳالهه مان صاف ظاهر آهي ته عورتون مردن کان ڪمزور نه آهن بلڪ صدين جي غلامي کين اهڙو بنايو آهي - مگر آفريڪا جي جهنگلن ۾ رهندڙ عورتون مرد جهڙيون بهادر ۽ طاقتور آهن.

ڪي ته اهڙا به آهن جي ان رايه جا آهن ته عورت جو دماغ به ڪمزور آهي مگر تجربن ثابت ڪيو آهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سراسري عورت جي تور مرد جي تور جو $\frac{2}{3}$ آهي ان ڪري عورت جي دماغ جي تور مرد جي دماغ جي تور جو $\frac{2}{3}$ حصو گهرجي. مگر حقيقت عورت جي دماغ جي تور مرد جي دماغ جي تور جو $\frac{9}{10}$ آهي. ظاهر آهي ته عورت جو دماغ اچا تائين سراسري طرح مرد جي دماغ کان زياده قوي آهي - ان ڪري عورتن کي ڪمزور سمجهي ڪين پردو ڪرائڻ جهل آهي.

ازالسواء پرده ڪري عورت کي بيمار - جاهل - ڪم فهم - دنيا کان دور رکي ٿو ڪيئن بزدل بنائي ٿو سندس عمر گهٽجو وڃي - زندگي ۾ ناڪامياب ٿئي ٿي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته اولاد جي تربيت مڪمل نموني ۾ نٿي ڪري سگهي ۽ ڇاڪاڻ ته اسلام قدرتي الهي ڳالهين جي خلاف آهي جي نقصانڪار آهن انڪري اسلام ضرور پرده جي مخالفت ڪندو.

ايندڙ حصي ۾ قرآن، حديث ۽ تاريخ مان ثابت ڪري ڏيکاريو ويندو ته پرده هڪ اسلامي رڪن نه آهي ۽ بلڪ اسلام ان جي سخت خلاف آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# (١٢) اسلام ۾ پردو

ڪجهه عرصو ٿيو تہ هڪ دوست جي ڪمري ۾
عبدالواحد دريا آبادي جا ڪجهه مضامين نظر آيم.
صفحن کوليندي لکيل ڏٺم. ”قرآن شريف ۾ ٻہ آيتون
آهن جن مان هڪ ۾ پردي جو حڪم آهي ٻئي ۾
رد وغيره“

انهن جملن پڙهڻ بعد مونکي هڪ قسم جو تعجب
لڳو. مونکي ان ڳالهہ تي ڀروسو ڪو نہ يقين ڪونہ
ٿي آيو. آخر علحده ڪتابن جي مطالع بعد منهنجي
غلط فهمي دور ٿي.

## (قرآن اور پرده)

حقيقت هن ريت آهي تہ پردہ جو حڪم صورت
”الاحزاب“ ۾ آهي جا چوٿين هجري ۾ نازل ٿي.
۽ رد سورة نور ۾ آهي جا پنجين هجري ۾
نازل ٿي.

قرآن شريف ازواج مطهرات کي مخاطب ٿي
فرمايو تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف)

يانساء النبي لستن كاحد
من النساء ان اتقيتن فلا تخضعن
بالقول فيطمع الذي في
قلبه مرض وقلن قولا
معروفا (ج)

وقرن في بيوتكن ولا
تبرجن تبرج الجاهلية الاولى
واقمن الصلوٰة وآتين الزكوٰة
واطعن الله ورسوله انما يريد
الله ليذهب عنكم الرجس
اهل البيت ويطهركم تطهيرا

اي نبي جون بيبيون
توهان معمولي عورتن جي
طرح نه آهيو. توهان تقويٰ
اختيار ڪيو. توهان
(نامحرم مرد سان) ڳالهائڻ
۾ نزاڪت نه ڪيو. اهڙي
ماڻهو کي (فاسد) خيال
لڳي ٿو جنهن کي قلب ۾
خرابي آهي ۽ قاعده موافق
ڳالهايو. توهان پنهنجن
گهرن ۾ قرار سان رهو ۽
قديم دستور مطابق نه ڦرو.
توهان نمازن جي پابندي
رکو ۽ زڪوات ڏيو ۽ الله
۽ ان جي رسول جو چوڻ
مڃيو. الله کي هي منظور
آهي ته توهان کان آلودگيءَ
کي دور رکي ۽ هر طرح
پاڪ رکي.

(الاحزاب 33-32)

بحث

١- اي نبي جون بيبيون توهان معمولي عورتن
وانگر نه آهيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان آيت ۾ مان ازواج مطهرات جو معظم ۽ مڪرم هجڻ ثابت ٿئي ٿو ته انهن معمولي مستورات وانگر نه آهيو. يعني جي قاعدہ ۽ قوانين عوام سان لڳن ٿا سي انهن سان لڳا لڳن.

٢- غير مردن سان ڳالهائڻ ۾ نزاڪت نه ڪيو.
ان مان صاف ظاهر آهي ته عورتن کي غير مردن سان ڳالهائڻ جي صاف صاف اجازت آهي - باقي با فضيلت ڳالهائڻ جو حڪم آهي.

٣- گهرن ۾ قرار سان رهو ۽ قديم دستور جاهليت جي موافق نه گهمو ڦرو-
ڪيترن ڪتابن ۽ احاديث مان ثابت آهي ۽ زمانہ جاهليت ۾ ڪي عورتون باوجود ڪپڙن پائڻ جي برهنہ (اگهاڙيون) هونديون هيون (ڪپڙن جو نمونو اهڙو هو جهڙو موجودہ فراڪ) يا تمام سنها ڪپڙا پائينديون هيون- ٻيون وري اهڙيون هيون جي تمام گهٽا ڪپڙا پائي ڦرنديون وتنديون هيون.
مگر هند ستانين ان جي تشريح هن ريت ڪئي آهي اول ته گهر ۾ ويهو- ٻيو ته گهمو ڦرو اصل نه.

مگر ڪيترين حديثن مان ثابت ٿئي ٿو ته ان آيت نازل ٿيڻ بعد ام المومنين حضرت عائشہ- رسول خدا (صلعم) مان سفر تي ويل هيون- ۽ جنگن ۾ شرڪت ڪيائون وغيرہ (بخاري)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا. ڳالهه صاف طرح ثابت ڪري ٿي ته. آيت نمبر ٣ جو مطلب آهي ته سواءِ ضرورت جي ٻاهر نه وڃو. جيئن زمانه جاهليت ۾ عورتون ڦرنديون ولنديون هيون جي نه اَس ۾ نڇاڻ جو ۾ نه وقت، ۾ بي وقت، جو جمال ڪري بزاريون ڪيڏيون ولنديون هيون -

خير مطلب ڪجهه به هجي:-

آيت ١ مان صاف ظاهر آهي ته هي آيت عام ڪي مخاطب ڪري ته چيل آهي جيڪڏهن فرضي طرح قبول به ڪجي ته ان جو مطلب حڪم پرده آهي - نه اهو عام سان لٿو لڳي خاص طرح ازواج مطهرات لاءِ حڪم آهي - عوام لاءِ ٻئي هنڌ ساڳئي نمولي جو حڪم آهي جنهن لي آلي جدا بحث ڪيو ويندو.

آيت نمبر (ب)

ساڳي صورة ۾ آيت نمبر ٥٣ ۾ حڪم آهي ته

| | |
|---|---|
| يا ايها الذين آمنو لا تدخلو بيوت النبي الا ان يؤذن لكم الا طعام غير نظرين انيه ولاكن اذا دعيتم فاذ خلوا فاذا طعمتم فانتشرو ولا مستانسين الحديث ان ذالكم كان يوذي النبي | اي مسلمانو پيغمبر جي گهر ۾ نه وڃو بغير ان صورت جي ته توهان کي دعوت طعام ملي. ان صورت ۾ ان وقت وڃو، جو توهالکي طعام جي تيار هئڻ جو انتظار نه ڪرڻو پوي - مگر |

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يستحي منكم والله لا يستحي
من الحق واذا سالتموهن
متاعا فسئلوهن **من وراء
حجاب** ذالكم اطهر لقلوبكم
وقلوبهن وما كان لكم ان
تؤذوا رسول الله ولا ان
تنكحوا ازواجه من بعده
ابدا (ط) ان ذالك كان
عندالله عظيما .

جڏهن طعام کان فارغ ٿيو
ته واپس وڃو ڳالهين ۾ نه
لڳو- ان ڪري پيغمبر (صلعم)
کي تڪليف ٿئي ٿي ۽ ان
ڳالهه جي اظهار ۾ ڪيس
تڪليف ٿئي ٿي- خداي
حق جي ڳالهه . ڪندي
ڪنهنجو لحاظ نٿو رکي ۽
جيڪڏهن ازواج مطهرات
کان ڪا چيز گهرو ته پرده
جي پويان گهرو- خدا
توهان جي ۽ انهن جي دلين
کي صاف ڪندو- توهان لاءِ
جائز نه آهي ته رسول الله
کي ايذاءِ ڏيو ۽ نه اٿين ته
ان کان بعد سندس بيبين
سان نڪاح ڪيو- خدا جي
سامهون هيءَ وڏي ڳالهه
آهي . (الاحزاب ٥٣)

هن آيت ۾ صرف هڪ ٽڪرو آهي جنهن جو واسطو
پرده سان ڏيکاريو وڃي ٿو " ۽ جيڪڏهن ڪنهن چيز
جي ضرورت پوي ته پردي جي پويان گهر ڪيو"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عام طرح اسان کي ٻڌايو ٿو وڃي ته رسول الله جي ازواجن لاء اهڙو حڪم آهي ته چولي اسان به پردو ڪيون.

گذارش هيءَ آهي ته جيڪڏهن ڪي به ماڻهو هڪ امير هڪ فقير کنهن ساڳئي مرض لاء دوا ڪرائيندا ته حڪيم ٻنهي کي ساڳي دوا ڪين ڏيندو. امير کي جواهرات ڏيندو فقير کي لوه. ڇاڪاڻ ته دوا سان گڏ قيمت جو به سوال آهي جيتوڻيڪ ٻئي فائده مند آهن.

در حقيقت قرآن شريف لفظ حجاب ڪم آندو آهي. عربي زبان ۾ (حجاب) مان (حاجب) لفظ نڪتل آهي. حاجب جي معنيٰ آهي Chamberlain. (چيمبر لين) جنهي ڪئي رواج آهي ته عوام الناس باد شاه يا ملڪه جي روبرو وڃي نه سگهندا آهن بلڪ چيمبر لين (Chamberlain) کي پيغام ڏيندا آهن جو پيغام پهچائي ان جو جواب وٺي ڏيندا آهن ۽ باد شاه يا ملڪه جو عوام جي آڏو نه اچڻ، ان کي حجاب چوندا آهن.

قرآن شريف به ازواج المطهرات کي به حجاب ڪرڻ جو حڪم ڏيو. يعني ازواج المطهرات عوام جي آڏو نه اچن بلڪ جيڪڏهن ڪنهن جو ڪو ڪم هجي ته "اهو پردي جي پٺيان چوي" (يعني چيمبر لين جي معرفت.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ازواج مطهرات جو رتبو عوام کان گهڻو زيادہ آهي، الڪري سندن لاءِ اهو هڪ فرض ڪيو ويو تہ عوام سان سڌي طرح گفتگو نہ ڪن. ان مان اهو هرگز مطلب نہ آهي تہ عوام بہ ائين ڪري. عوام جون ٻيئون نہ مردن کان حجاب ڪن (يعني چيمبرلين جي معرفت گفتگو ڪن.) اهو چوڻ تہ ازواج مطهرات لاءِ حڪم آهي تہ اسان بہ ائين ڪيون ٿا، اها هڪ عظيم غلطي آهي. ڇو تہ قرآن شريف ڪين صاف فرمايو آهي تہ "توهان معمولي عورتن جهڙيون نہ آهيو" ازواج مطهرات لاءِ جدا قانون آهن. مثلا انهن کي مال غنيمت نہ ملي سگهي. انهن لاءِ حڪم هو، تہ هو رسول اڪرم جي رحلت بعد ڪنهن سان نڪاح نہ ڪن وغيره. اهي ازواج مطهرات لاءِ خاص قانون هئا. ائين آهي ڇا تہ اهي اسين عوام سان لڳايون؟

عوام جي لاءِ تہ قرآن شريف ٻيو نسخہ پيش ڪيو آهي.

(ب)

يا ايها الذين آمنوا لا تدخلوا بيوتا غير بيوتكم حتى تستانسوا وتسلموا على اهلها ذالكم خير لكم لعلكم تذكرون ط

اي مسلمانن پنهنجي گهرن ۾ نہ وڃو، جيستائين ڪہ انهن کان اجازت نہ وٺو ۽ انهن تي سلام موڪليو. توهان لاءِ ٿي اهو بهتر آهي. ڪاش توهان سمجهو.

(النور)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن اڳين آيت جو مطلب عوام سان هجي ها ته پوءِ هن آيت نازل ٿيڻ جي ضرورت نه ڪا هجي ڇو ته ساڳي آيت اڳ نازل ٿي چڪي آهي.

جڏهن اڳين آيت نازل ٿي ته عبدالله بن مسعود جو رسول خدا (صلعم) جن جو خادم هو آن حضرت کان گهر ۾ وڃڻ لاءِ اجازت وٺڻ آيو ته رسول الله صلعم فرمايو ته توکي بار بار اجازت وٺڻ جي ضرورت نه آهي ڇو ته ڪم ۾ حرج پوندو (مسلم)

اها حديث ٿي ظاهر ٿي ڪري ته نوڪرن کان پردو ڪرڻ حماقت آهي.

عوام لاءِ پردي جو حڪم نه ٿيو هو جو هن آيت مان ظاهر آهي.

(ب)

| | |
|---|---|
| يا ايها النبي قل لازواجڪ وبناتڪ ونساء المومنين يدنين عليهن من جلا بيبهن ذالڪ ادنيٰ ان يعرفن فلا يوذين وڪان الله غفورالرحيم. | اي نبي ڇو پنهنجن عورتن، ڌيئرن ۽ مسلمانن جي عورتن کي ته پنهنجو پڻ چادرون مٿي کان گهورو هيٺ ڪن تاڪ سڃاڻپ ۾ اچن ۽ ڪو به انهن کي نه ستائي (الاحزاب ٥٩) |

حقيقت هي آهي ته هجرت بعد پهريان پنج سال کن مدينه ۾ مسلمانن جو زور ڪونه هو. مدينه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا يهودي ۽ نصاريٰ اجا طاقتور هئا. وقت بوقت مسلمان مرد جواه عورتن کي ستائيندا رهندا هئا، خاص طرح عورتن کي. انهن سان ڇيڙ ڇاڙ ڪندا هئا. انهن سان مذاق ڪندا هئا. سوال ڪرڻ تي چوندا هئا ته اسان انهن کي لونڊيون سمجهو. مگر ان هوندي به سندن ٻاهر نڪرڻ بند نه ڪيو ويو، مگر حڪم ٿيو ته مسلمان عورتون مٿي جي ڪپڙي سان منهن ڍڪي ٻاهر نڪرن جئين سڃاڻپ ۾ اچن ته هي ٻيبيون آهن، ۽ نه ٻانهيون. ۽ ڪافر انهن سان ڇيڙ ڇاڙ نه ڪن. اهو حڪم هرگز نه آهي ته برقعو چاڙهيو، يا نقاب چاڙهيو، يا خيمه متحرڪ (چرندڙ تنبو - Moving Tent) چاڙهيو. بلڪ مٿي جي ڪپڙي کي ڪجهه هيٺ ڪيو.

عربي زبان هڪ مڪمل زبان آهي. سنڌ ۾ ١٠-١٥ قسمن جا برقعا آهن مگر سندن نالا صرف ”برقعو“ آهي مگر عربي ۾ هر هڪ کي خاص نالو آهي. مثلاً.

١- برقعو- جنهن ۾ ٻئي اکيون کليل آهن.

٢- وصواص جو ¼ فوٽ لمبو ڊگهو آهي.

٣- لقاب جو وصواص کان ٿورو هيٺ ڊگهو آهي.

٤- لثام- لقاب کان ٿورو ڍڪيو آهي.

٥- لفام جو چپن تائين ايندو آهي.

٦- حشر- وڏو لقاب جو سيني تائين ايندو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرآن شريف منهن ڍڪڻ جو خاص طريقو بيان
ڪيو آهي ته مٿي وارو ڪپڙو (دوپٽو) ڳورو هيٺ
ڪري ڇڏيو ۽ اهو حڪم نه ڏنو آهي ته برقعو، وصواص،
نقاب، لثام ۽ حبشو وغيره استعمال ڪيو ڇو ته آهي
بي ضروري شيون آهن.

(ج) قرآن شريف ۾ مٿين آيت جي ري ۾ پي آيت
سورة النور نازل ٿي جا پنجين هجري ۾ نازل ٿي.

قل للمؤمنات يغضضن
من ابصارهن ويحفظن
فروجهن ولا يبدين زينتهن
الا ما ظهر منها وليضربن
بخمرهن علي جيوبهن.

۽ چئو ايمان وارين
(عورتن کي) ته پنهنجون
اکيون هيٺ ڪن ۽ پنهنجن
شرمگاهن جي حفاظت ڪن ۽
پنهنجي زينت نه ڏيکارين سواءِ
ان جي جا عموماً کليل آهي
What must ordinary apear
(Alama Yousif Ali)
۽ پنهنجو دوپٽو پنهنجي
گريبان تي وجهن.
(النور ٣٠)

پهريائين پهريائين حڪم لٿي تو ته رستي ۾ هلندي
جيڪڏهن ڪو مرد سامهون اچي ته پنهنجون اکيون
هيٺ ڪيو. ان جي معني آهي ته ٻاهر نڪرڻ جي
اجازت آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ حڪم آهي ته پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪيو. ڪن ماڻهن شرمگاهه جي معنيٰ چهره ڪئي آهي، جو بلڪل غلط آهي. شرمگاهه جي حفاظت لاءِ نه فقط عورت کي بلڪ مرد کي به حڪم آهي. (جو بعد ۾ ڏنو ويندو) جيڪڏهن شرمگاهه جي معنيٰ چهره آهي ته پوءِ مردن لاءِ به ضروري آهي ته پردو ڪن. شرمگاهه جي حفاظت ڪپڙي سان نه ٿي ٿي سگهي. هڪ عورت ٥٠ هزار ڪپڙن سان پنهنجي شرمگاهه کي ڍڪي ٿي اهو ڍڪڻ اَجايو آهي جنهن کر ماڻهو اخلاق ٿي پورو به آهي. شرمگاهه جي حفاظت جي معنيٰ آهي اخلاق جي حفاظت. مگر اسان جي ڪن دوستن شرمگاهه جي عجيب وغريب معنيٰ ڪئي آهي. هو چون ٿا ته عورتن کي تمام گهڻن ڪپڙن ۾ ويڙهيو پوءِ هڪ وڏي، (٢٠ والن) جي خيمه متحرڪ (برقعه) ۾ ويڙهيو. گهر ۾ بند ڪيو، جنهن جي ديوار بلڪل اوچي هجي ۽ اندر روشني بلڪل نه اچي سگهي. ڪنهن ۾ ستن سالن کان زياده عمر واري ڇوڪري کي به اندر نه ڇڏيو. مڪان جون ديواريون بند رکو. ڏيڏي اهڙي پيچيده ۽ ور وڪڙ لموني ٿي هجي جو ناواقف ماڻهو اندر لنگهڻ سان ڀلجي وڃي ۽ کوٺي جي چوطرف سخت پهرو ڏيو. عورتن کي ڳالهائڻو هجي ته هڪ ٻئي جي ڪن ۾ ڳالهائين — ، ٻين ٻين لفظن ۾ کين زنده درگور دفن ڪيو.

نمون حڪم آهي ته پنهنجي زينت نه ڏيکاريو، سواء انهن جي جا عموما کليل آهي. اسان جي دوستن ته وري عورت جو چهرو، منهن، هٿ ۽ ڪپڙا سڀ زينت ۾ شامل ڪيا آهن. عورت جو هٿ پرده کان باهر ڪڍڻ جي عيوض حڪيم جو هٿ پرده اندر پرائي لمض شناسائي جائز ڪيو آهي.

در حقيقت زينت جي معنيٰ آهي سينگار، جنهن ۾ پيرن جا پازيب، جهانجهن، گهنگهرو (پيرن جا) ۽ چوڙيون شامل آهن، جن جي ظاهر ڪرڻ جي منع آهي. ڪن عالمن لڪ جي ڦلي، والبون، (Ear rings)، اکين جو سرمو، هٿن جون چوڙيون، بازو بند ۽ مهندي (ميندي) سڀ زينت ۾ شامل ڪيا آهن.

باقي رهيو سوال، ( الا ما ظهر منها )." سواء انهن جي جو عموما کليا رهن ٿا." ان ڳالهه جو واسطو جدا جدا قومن سان آهي ڪي ڪهڙا عضوا عموما کليا رکن ٿا ڪي ڪهڙا. ان ڪري بهتر ائين ليندو جئن جدا عالمن جا رايا ڏسون.

١- ابن جرير ٢- امام رازي ٣- شاه ولي الله ٤- نصير عزيزي ٥- ابن جبير ٦- بحرالمحيط ٧- معالم وغارن ٨- حسن بصري ٩- ضحاڪ ١٠- جلا لمن ان راين جا آهن ته "الا ماظهر منها" جو مطلب چهره ۽ هٿن سان آهي جي کليا رکڻ گهرجن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امام ابو حنيفہ جي قول موجب هٿ، پير ۽ چهرو به کولي سگهجن ٿا.

حضرت ابن مسعود جي قول مطابق ڪنگڻ، بازوبند، واليون (Ear rings) - هار - چادر کليا رکي سگهن ٿا.

ازالسواء حضرت عائشہ کان روايت آهي تہ اسماء بنت ابوبڪر رسول خدا صلعم وٽ آئي سندس بدن تي نفيس (سنهون) ڪپڙا پهريل هئا - پاڻ فرمايائون تہ اي اسماء - جڏهن عورت جوان ٿئي ٿي تہ پوء درست نہ آهي تہ ان جي جسم جو ڪو حصو ظاهر ٿئي - سواء هنن جي ۽ ان وقت سندن اشارو هٿن ۽ چهري ڏانهن هو - (مشڪواة)

اها حديث خود تصديق ڪري ٿي تہ عورتون پنهنجو چهرو ۽ هٿ کليل رکي سگهن ٿيون.

هن آيت جو آخرين حصو آهي " و يضربن بخمرهن. " " ۽ پنهنجو دوپٽو (لنڊوروڙ) پنهنجي سيني تي ويڙهين. "

هن مان اهترو تہ ظاهر آهي تہ گذريل آيت ۾ پردي جو حڪم نہ هو ڇو تہ سيني مٿان ڪپڙي ويڙهڻ جو حڪم آهي جڏهن اڳ پردو هو تہ پوء سينو ڇو اگهاڙو رکيل هو؟ سيني ڍڪڻ لاء قران شريف خاص لفظ استعمال ڪيو آهي تہ اهڙي ڪپڙي جو ٿالهو به

ڇاڙيو آهي ( خمرا ) پر منهن ڍڪڻ لاءِ ڪنهن نه ڪپڙي جو ٻالو ڇاڙايل ڪونه آهي.

قل للمومنين يغضوا من ابصارهم و يحفظوا فروجهم ذالڪ ازڪيٰ لهم ان الله خبير بما يصنعون.

اي رسول چئو ايمان وارن مردن کي ته پنهنجون اکيون هيٺ ڪن ۽ پنهنجن شرمگاهن جي حفاظت ڪن ۽ اِن ۾ اُنهن جي ڀلائي آهي ۽ انهن جي الله کي خبر آهي جيڪي اهي ڪن ٿا:-

(النور ٣٠)

صاف صاف ظاهر آهي ته هن آيت کان اڳ پرده اصل ڪونه هو جيڪڏهن پرده هجي ها ته عورتن جو منهن مرد ڏسي ڪونه سگهن ها ۽ جڏهن پرده ڪونه هو تڏهن حڪم ٿيو ته عورتن جو منهن ڏسي اکيون هيٺ ڪيو.

قران شريف ۾ پرده جو حڪم برابر آهي مگر هڪ حالت ۾:-

و الاتي ياتين الفاحشه من نساء لڪم. فاستشهدوا عليهن اربعة منڪم فان

تو هان جون عورتون جيڪڏهن فاحش ڪم ڪن ۽ چار مسلمان انهن خلاف

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهدوا فامسکوهن في البيوت حتی يتوفهن الموت

گواهي ڏين ته اُنهن کي گهرن ۾ بند ڪيو، جيستائين موت انهن جو ڪم تمام ڪري. يا الله تعاليٰ اُنهن لاءِ ڪو ٻيو رستو ڪڍي. (النساء ١٥)

هن آيت مان صاف ظاهر آهي ته هندستاني پرده کهڙي موقعه لئي ضروري آهي- افسوس جي ڳالهه آهي، ته پرده نشين حضرات ان آيت لئي بي واجبي، بيوقت، عمل ڪري پنهنجن حيادار، باعصمت- باعزت عورتن کي بنا سبب ا هاسزا ڏني آهي، جا ڦاحشه عورتن کي ملڻ گهرجي.

## حديث ۽ پرده

حديث جي چڱي طرح مطالع ڪرڻ سان صاف ظاهر ٿيندو ته اهل بيتن ۾ پرده اصل ڪونه هو. ان باري ۾ ڪرا ڪم هڪ سو حديثون انهن آيتن جي نازل ٿيڻ بعد جو ن مليي سگهنديون، جي ان ڳالهه جي تصديق ڪنديون- مگر اسان هڪ حديث پيش ڪيون ٿا.

١- ابو عبدالله وڏيءَ تصديق سان بيان ڪيو آهي ته ڪهڙي طرح حضرت بيبي عائشه ان جي موجودگي ۾ وضو ڪيو. چنانچ صاحب موصوف جو بيان آهي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ حضرت عائشه ٻه وقت گرڙي ڪيانون، بعد ۾ لڪ ۾ ٻاٽي ڏنانون، منهن صاف ڪيانون، هٿ ڌوتانون، مٽي جي وارن لاءِ پنهنجا هٿ ڦيرايانون، ۽ پنهنجن هٿن کي پنهنجي سر تي ڦيرايانون، وغيره:-

٢- حضرت زينب بنت حضرت علي - بـ بي پرده رهندي هئي.

جنهن وقت حضرت علي کي عبدالرحمان بن ملجم زخم پهچايو ۽ ان کي حوالات ۾ بند ڪيو ويو. ٻاهر اُن وٽ ويون ۽ اُن کي چيانون ته "اي ڪمبخت! تو أمير المومنين کي زخم پهچايو آهي، [أن وقت سندن اکين مان آنسون (ڳوڙها) وهي رهيا هئا.] پر زخم سخت نه آهي" ابـــن ملجم جواب ڏنو ته "مون امير المومنين کي نه، بلڪ علي بن ابي الطالب کي زخم پهچايو آهي. ٻاقي سوال آهي زخم جو اهو سخت نه هجي ها ته توهان ڪان آنسون نه وهن ها"
[السايمت موت ڪي دروازه پر از ابوالڪلام آزاد]

٣- حضرت زينب ڪربلا جي واقع وقت بہ ميدان ڪربلا ۾ موجود هيون، ڪين اُن وقت بہ پرده ڪونه هو. [شهيد اعظم از ابوالڪلام آزاد]

٤- ساڳي، طرح سڪينه بنت امام حسين بہ قطعي بـ‍پرده ڪندي هئي- ان کي خوبصورتي ڪالسواءِ علمي قابليت اهڙي هئي، جو ماڻهو سندس ڏاڍي

عزت ڪندا هئا ۽ نهايت اسلامي آزادگي سان ون
وڏا وڏا ماڻهو ملاقات ڪرڻ ايندا هئا ۽ ڪن علمي
نقطن لــي تبادلہ خيالات' لاءِ سنديس امــداد
وٺندا هئا.

٥- حضرت عائشہ جي هڪ ڀاڻيج هئي جنهن جو
نالو بہ عائشہ بنت طلحہ هو. هُو تمام خوبصورت هئي
۽ بي پرده آزادگي سان گهمندي ڦرندي هئي. اُنجي
شوهر کانئس ان جو سبب پڇيو. پاڻ فرمايائين تہ " خدا
مونکي حسن ڏنو آهي لهذا ڪابہ ضرورت ڪانہ آهي
جو آءُ ان کي پوشيده رکان."

Women and Marriages in India By P. T. Thomas)

٦- جنگ جمل کان بعد حضرت علي، حضرت عائشہ
کي مدينہ منور روانو ڪيو ۽ ساڻن گڏ قبيلہ عبدالقيس
جون ٢٠ عورتون هيون جن کي مردانہ لباس پيل هو.
مدينہ پهچڻ شرط ظاهر ڪيو ويو تہ اسان عورتن کي
حفاظت لاءِ مردانہ لباس ۾ موڪليو هو (سوانح حضرت علي)

[ ڪن ماڻهن جو اڄ بہ چرچ آهي تہ عورتن لاءِ
گناه آهي جيڪڏهن هو مردانہ لباس پهرين ]
عوام ۾ بہ پرده اصل ڪونہ هو.

١- ام المومنين کان روايت آهي تہ الاحزاب سورة
جي نازل ٿيڻ بعد عورتن پرده نهرايا هئا مگر سورة النور

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙل ٿيڻ بعد الهن پنهنجن پردن کي ڦاڙي چادرون بنايون (ابي داؤد)

٢- ازالسواء حج پڙهڻ وقت احرام ٻڌڻ ۽ نماز پڙهڻ وقت منهن تي نقاب چاڙهڻ نه فقط ناجائز آهي مگر حج يا نماز قبول ئي ڪين ٿئي- جيڪڏهن پرده لازم هجي ها ته اهڙي خاص عبادت وقت ان جي لاهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

٣- حديث شريف مان پتو پوي ٿو ته رسول الله صلعم ڪيترن ماڻهن کي هدايت ڪئي ته عورتن کي نماز ۾ شامل ٿيڻ کان نه روڪيو. ان ڳالهه کان ڪو به انڪار ڪو ڪري سگهي ته نماز ۾ چهره هميشه کليل رهندو هو، جا ڳالهه ظاهر ڪري ٿي ته پرده ڪونه هو.

عورتون رسول الله صلعم جي وقت کان مساجد شريف ۾ تشريف فرما ٿينديون هيون- حضرت عمر جي زماني ۾ به عورتون نماز ۾ شريڪ ٿينديون هيون. الهن جي آمدرفت لاءِ هڪ خاص دروازو هو جنهن کي "باب النساء" چوندا هئا. حضرت موسيٰ به عورتن کي مسجد ۾ وڃڻ کان نه روڪيو هو، پر بني اسرائيلن الهن کان هي ءِ حق کسيو. ساڳي ڪار عباسين مسلم عورتن سان ڪئي.

(اڄ ته عورت جو مسجد ۾ اچڻ ئي عظيم ترين گناه سمجهيو ٿو وڃي.)

اسلام هڪ عالمگير (Universal) مذهب آهي-

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ڪو چوي ته زماني مطابق اسان عورتن کي مسجدن ۾ اچڻ کان روڪيو آهي ته اها وڏي غلطي آهي، خود اسلام جي سچائي کان انڪار ڪرڻ جي برابر آهي، ڇو ته اسلام جا احڪام سڀني زمانن لاءِ آهن. جيڪڏهن زماني مطابق ڦري سگهن ته پوءِ اسلام ڪي عالمگير مذهب چوڻ غلطي ٿيندي.

٤- عبدالله بن عباس کان روايت آهي ته هڪ تمام خوبصورت عورت رسول الله صلعم جي پويان نماز پڙهڻ ايندي هئي - ڪجهه آدمي پهرين صف ۾ ويهندا هئا - ڪجهه آدمي پوئين صف ۾ ته رڪوع جي وقت بغلن مان ان لي جهاتي پائي سگهون ان وقت هي آيت نازل ٿي.

” لقد علمنا المستقدمين والمستاخرين “

” اسان خوب ڄاڻون ٿا انهن کي، جي اڳين صف ۾ بيهن ٿا ۽ انهن کي جي آخرين صف ۾ بيهن ٿا. “

خدا تعاليٰ کي به ان ڳالهه جي واقفيت هئي، مگر ان عورتن جي مسجد ۾ اچڻ لئي بندش نه وڌي. مگر رسول الله (صلعم) کان اڍائي سو سال بعد ۾ روڪ ڪئي وئي.

الطاف حسين حالي اهڙن ماڻهن لاءِ ٺيڪ فرمايو آهي.

” عوام کا رلبه لبي سي.بڙهائين - اپني اپني قسمت هي کسي کي قسمت ۾ پيروي رسول لکهي هوتي

هے اور کسي کي قسمت مين مخالفت رسول "

ابن عباس کان روايت آهي ته رسول الله صلعم عيد جي ڏينهن فضل کي اُٺ تي پنهنجي پويان ويهاريو. واٽ تي رسول الله ڏانهن هڪ عورت آئي جا نهايت حسين هئي ان اچي پڇيو ته منهنجي پيءُ تي حج فرض ٿيو آهي مگر هو ڪمزور آهي وڃي نه سگهندو. فضل کي ان جي حسن حيران ڪيو ۽ ڏانهس نهارڻ لڳو. رسول الله (صلعم) پنهنجن هٿن سان فضل جو منهن پڪڙي سندس منهن ٻئي طرف ڪيو.

حج فتح مڪه بعد ٿيو (٩ هجري) جا ڳالهه ثابت ٿي ڪري ته پردي جي آيت (۴ هجري) نازل ٿيڻ بعد به پردو ڪونه هو.

## شادي ۽ پردو.

مغربي تهذيب لفظ خطبا (Court Ship) کي ابتري ته بدنام ڪيو آهي جو ان لفظ کي آڻڻ ڪري مولوي لمام گهٽو ٻ ٻ محسوس ٿئي ٿو. خطبا (Court ship) ۾ خرابيون به آهن، چڱايون به. منهنجي خيال مطابق ڪابه خرابي اصل ڪانه ٿئي جيڪڏهن اُن کي حد اندر ڪم آڻدو وڃي.

مغربي ڪورٽ شپ (خطبا) ناڪام وئي آهي، ڇو ته دوران ڪورٽ شپ ۾ ٻنهي اطرافن کي حدون

کان ٻاهر آزاد ڇڏيو ٿو وڃي.

مگر ڪورٽ شپ جو جهڙڪو طريقو ايران، مصر ۽ افغانستان ۾ رائج آهي، اهو بهتر ٻين آهي. اُتي دستور مطابق ڇوڪريءَ ۽ ڇوڪري کي عورت جي گهر ۾ اجازت ڏني ويندي آهي ۽ ڇوڪريءَ جا والدين حاضر هوندا آهن ان طريقي سان تبادلهٔ خيالات ٿيندي آهي ۽ بعد ۾ اطرافن جي رضامندي بعد شادي ٿيندي آهي.

مگر عوام ۾ هيءَ ڳالهه خلاف شريعت ۽ نزد ڪفر تسليم ڪئي ويندي آهي. هاڻي سوال آهي ته ڪلام الله جو ڪهڙو راءِ آهي.

| | |
|---|---|
| والکحو ماطاب لکم من النساء مثني - وثلاث ورباع. | نڪاح ڪيو عورتن سان جيڪي توهان کي پسند هجن. ٻه - ٽي - يا چار. |

هاڻي سوال آهي ته پسند هجڻ مان ڇهري ڏسڻ جي اجازت آهي يا نه. مگر اسان جي خيال موجب جيڪو شخص بغير ڏسڻ جي، 'پسند' ڪري ٿو سو جيڪڏهن احمق نه آهي، نه عاقل به نه آهي، جيڪڏهن بنا پسند جي شادي ڪجي ته اها خلاف حڪم قران آهي. جيڪڏهن اهڙي شادي گناه نه آهي ته ڪم از ڪم مڪروه ضرور آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آن حضرت بهترين انسان هئا - لهذا جڏهن سندن زال گهر ۾ ڪي سر سري نظر رکي ۽ صاف صاف معلوم ٿيندو ته پاڻ ڪا به شادي بغير ڏسڻ ۽ پسند جي نه ڪئي هئائون - حضرت علي کي ڏسو ان به شادي بغير ڏسڻ جي نه ڪئي - اسان قصہ کي انهن تي ختم ٿا ڪيون ، ورنه اهل بيتن جي چڱن ڀڄڻ ڀڄڻ ٿانئين کهڻ به بغير ڏسڻ جي شادي نه ڪئي .

هي رواج هندن کان ورتل آهي ته عورت سان بنا ڏسڻ جي شادي ڪجي . ( اهڙن حالتن ۾ ڪيترا دفعا زالن جي مت ست به ٿي وئي آهي ) ڪيترين سڌريل هندن ۾ اڄ تائين اهو رواج آهي ۽ هو ان واهيات رسم تي فخر ڪن ٿا .

حديثن مان ثابت ٿي سگهي ٿو ته جنهن عورت سان منگڻي يا شادي ڪرڻ جو ارادو هجي ان ڏانهن ڏسڻ درست آهي -

حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪيترن ماڻهن رسول الله (صلعم) کي ان ڳالهه کان واقف ڪيو هوندو ته هو فلان يا فلان عورت سان شادي ڪرڻ وارا آهن . ته رسول الله (صلعم) فرمايو هوندو ته بهتر انهن آهي ته شادي کان پهرين انهن کي ڏسو .

انس بن مالڪ کان روايت آهي ته هڪ انصار عورت رسول خدا (صلعم) وٽ آئي پاڻ هنکي علحدگي ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائون ٿا ته ٽون مولڪي سيئي ماڻهن کان زياده محبوب آهين. ڪجهه عرصي بعد ان سان شادي ڪيائون. ان مان صاف ظاهر آهي ته شادي کان اول.

۱. جيڪڏهن ڪو مسلمان ڪنهن دوشيزه (ڪنواري عورت) سان ٻاليڪ ليئي خلوت ڪري ته جائز آهي.

۲. دوشيزه کي ڏسڻ ۽ ان جي شڪل شباهت ۽ حسن لي مائل ٿيڻ پر ڪرڻ ڏوه ڪوله آهي، چو ته اها ٻ هڪ ضرورت آهي.

۳. اظهار محبت جائز آهي. (عظيم بيگ چغتيائي)

ڪيترين حديثن مان ظاهر آهي ته ڪيترا ماڻهو بيوه عورتن وٽ ويندا هئا، (جيئنوٽيڪ نا محروم هئا) ۽ ان جو آخرين نتيجه نڪاح ٿيندو هو.

رسول الله صلعم فرمايو ته جيڪڏهن ڪنهن نا بالغ دوشيزه جو نڪاح ان جا والدين ڪن ٿا، ته بلوغت لي پهچڻ بعد هوء ان نڪاح کان انڪار ڪري سگهي ٿي (يعني ڇوڪري جو رضامند و ضروري آهي ۽ نه ڇوڪريء جي والدين جو).

حديث شريف ۾ آهي ته خنساء جو هڪ شخص سان نڪاح ڪيو ويو، بعد ۾ هوء بيوه ٿي پئي ۽ خنساء ابوالبابه بن عبدالمنذر سان شادي ڪرڻ جو اراده ڪيو پر والدين انڪار ڪيو. آخر رسول الله صلعم جي

فيصلا لي ان جي والدين کي حڪم ڏنو ويو ته چوڪريءَ کي سندس مرضيءَ تي ڇڏيو وڃي ته جيئن وڻيس تيئن ڪري.

(اسرالقاہ بہ حالاتِ خدام)

(هندوستاني مسلمان عورت کان اهو حق ڦري ورتو آهي ڪيس حق ڪونهي آهي جو پنهنجي مرضي مطابق شادي ڪري).

بحث هن وقت طويل ٿي ويو آهي - الغرض اسان صرف اهو چوڻ گهرون ٿا - ته پردو اصل اسلام ۾ هوئي ڪونه. نه ابتدائي دور ۾ هو. مسلمان لاءِ پردو ضروري نه آهي، بلڪ تمام نقصان ڪار آهي پردو رومن امپائر جو زوال آندو، پردو خلافت بغداد جو خاتمو ڪيو، پردو ترڪي کي نابود ڪيو ۽ جڏهن پردو بند ڪيو ويو تڏهن ڪجهه فائدو ٿيو پردي جي مدد سان ڪرنل لارينس (جو برقعو پائي جاسوسي ڪندو هو.) خلافت کي ٽوڙي ڇڏيو. پردي ٿي عورتن کي جاهل، بي تندرست ۽ تنگ مزاج ڪيو آهي - پردي ئي مسلمانن کي مفلس ڪيو آهي.

جهڙي طرح مذهب جي پاڪ نالي ۾ هزارين ظالم ٿي چڪا آهن، اهڙي طرح عصمت جي پاڪ لفظ جي اوٽ ۾ عورتن تي ظلم ٿيا آهن - ان ڪري ضروري آهي ته پردو مٽجي وڃي ۽ جيترو جلد اوترو چڱو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باقي حقيقي اسلامــي پرده جو مطلب آهي حفظ عصمت وعزت.

پرده جا حامي حضرات ڪـ عجيب غريب ثبوت ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. خواه مخواه چون ٿـا ته جيڪي خرابيون اٿـن ٿي بي پردگيءَ جي ڪري. منهن ٿي آهي جو ڪشش ڪري ٿو، منهن بند هوندو ته ڪشش ٿيندي ٿي ڪانه. قرآن شريف جي الفاظن "الا ماظهر منها" لاءِ چون ٿا ته منهن عمو ما ڪليل نه رهڻ کپي. هو ٻاڻ کي امام ابو حنيفه جا پوئلڳ سڏائين ٿا، مگر جنهن وقت امام صاحب جو قول سندن آڏو پيش ڪجي ٿو ته لتائــن ٿـا. باقي رهيو سـوال ته عورتون ڪشش ڪن ٿيون ڇا؟

عام طرح مرهٽا عورتون سيڪنهن ڏٺيون هونديون جي ڏوليي ٻڌلديون آهــن، ۽ سندن ڏوليون فقط گوڏي تائين هونديون آهن. انهن ته ناممڪن آهي ته منجهن ڪي خوبصورت نه هجن. مگر اهڙو ماڻهو ته ملندو جو چئي سگهي ته سندن گوڏن تائين اوگهڙ ڪيس ڪشش ڪئي. در حقيقت هو ڪشش ڪن ٿي ڪونه ٿيون چو ته ڏوليي سندن قـومي لباس آهي، انڪري هو ڪڏهن به محسوس نه ٿيون ڪن ته هنن جو ڪجهه جسم لنگو آهي؛ ۽ نه هنن کي ڪڏهن اهو خيال دماغ ۾ ويهي ٿو ته هو ماڻهن کي ڪشش ڪنديون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪري ڪشش ڪن ٿي ڪوڏ ٿيون- مگر ڪا عورت اهڙو لباس پهري ٿي جنهن مان سندس جسم جو ڪجهه به حصو ظاهر نه هجي، مگر سندن دل ۾ اهو ارادو هجي ته هو ٻين کي ڪشش ڪندي پيا هن طرف ڏسندا ته قدرتا ماڻهن کي ان ڏالهن ڇڪ ٿئي ٿي- هي من گهڙت خيال نه آهي، مگر سائنس آف ٽيليپٿي جو اهو قانون آهي ته جيڪڏهن هو ماڻهو ٻئي لاءِ دل ۾ ڪو خيال ڪندو ته خيال جون لهرون ان ڳالهه لاءِ اُن ماڻهوءَ کي آگاهه ڪنديون.

ان مان صاف ظاهر آهي ته بدن جي ڪنهن به حصو کولڻ ڪري ماڻهن کي ڪشش نه ٿي ٿئي مگر ان خيال جي ڪري ڪشش ٿي ٿئي ته هي عضوو يا بدن جو حصو ڏسي ماڻهو جي دل جو خيال اُن ڏالهن ڇڪبو.

ڪا عورت پاڻ کي هڪ وڏي جبي ۾ ڍڪي پر جيڪڏهن سندس اهو خيال آهي ته هي جبو ٻين جي دل کي ڇڪ ڪندو ته ضرور اثر ٿيندو عورت پل برقعو پاتي پر جي سندس اهو خيال هوندو ته هيءُ برقعو ٻين کي ڪشش ڪندو ته ڪشش ضرور ٿيندي- ان ڪري عورت پل پردو نه ڪري مگر سندس جيڪڏهن اهو خيال آهي ته ڪو به ماڻهو ان ڏالهن نه ڏسندو، ته ڪنهن جو به ڌيان ان ڏالهن نه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڪبو- باقي جيڪڏهــن عورتون پاڻو ڊر لڳائي لمائش لاءِ ٻاهر لڪرن ٿيون ۽ سندن دل ۾ اهو ويچار آهي ته ماڻهن کي سندن حسن ۽ جمال ۽ لباس ڏاڍو وڻندو ته ماڻهن جو توجه ضرور سندن طرف ٿي ٿيندو- اسان پنهنجي عورتن کي ڪا خاص تعليم ڪانه ڏني آهي- ڪو خاص هنر ڪونه سيکاريو آهي. ٻچپڻ کان کين تعليم ملي ٿي ته هنن جو فرض آهي ته ۽ هڪ ٻار پيدا ڪرڻ پيو شوهر جون خواهشون پوريون ڪرڻ ۽ انکي ڪشش ڪرڻ. ڇاڪاڻ ته سندن ٿي فرض ٿيو ڪشش ڪرڻ ۽ سندن ليمت آهي تـه ڪشش ڪيون ۽ ته اهو هر وقت ممڪن آهي ته شوهر ڪالسواءِ ٻئي ڪنهن کي به ڪشش ڪن.

گناهه ۽ ثواب جو راض صرف ان تي بدل آهي ته عورت يا مرد جو ڪو ڪم ڪهڙي ليمت سان ڪيو. ڪا عورت زيور ان لاءِ پهري ٿي ۽ ته مردن کي وڻندا ته اهو گناهه آهي، جيتوڻيڪ ڏٺي زيور ڪيس اهڙو بدزيبو بنائين جو ڪنهن کي به سندس صورت، نه وڻي. ساڳي طرف جيناٿي عورت جا پير درحقيقت، ڪيس بدصورت بنائين ٿا مگر جيڪڏهن سندن خيال، آهي ته ٻين مردن کي وڻندا ته اهو گناهه آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني پردو يا برقعو نه پهرڻ ڪوبه ڏوهه ڪونه آهي -
پر ٿمت اها نه هجي ته بنا برقعي جي ماڻهن جي دلين
کي ڪشش ڪري سگهبو - ۽ اهڙن به نه ڪجي ته
پردو نه ڪجي، پر هر روز شام جو يا صبح جو
نمائش (Exhibution) لاءِ ٻاهر نڪرجي - پردي جو
اسلام ۾ مطلب آهي پاڪدامني، حفظ، عصمت
۽ عزت

# ١٣- طلاق

مرد ۽ عورت پنهنجي رفيق حيات چونڊڻ ۾ بعضي غلطيون ڪن ٿا، ان حالت ۾ ضروري ٿئي ٿو ته شادي جي تعلقات جو انقطاع (قطع) ڪيو وڃي. اهڙيءَ شادي جي رشتن جي اختتام ڪي طلاق چئجي ٿو. گهڻو ڪري هندو مذهب ڪالسواءِ ٻين سڀني مذهبن ۾ مرد کي عورت کي طلاق ڏيڻ جو حق آهي. مگر ڪنهن به مذهب (سواءِ اسلام جي) عورتن کي طلاق جو حق نه ڏنو آهي.

علم النفس (Psychology) وارن جو قول آهي ته عورت کي مرد کان زياده تڪليف برداشت ڪرڻ جي قوت آهي. عورت گهر سان ۽ اولاد سان، مرد کان زياده محبت ڪري ٿي، ان ڪري انقلابيءَ اعظم عورت کي حق ڏنو ته پهل مرد کي طلاق ڏئي.

جديد يورپ ۾ عورت کي حق آهي ته مرد کي طلاق ڏئي سگهي. ان طلاق جي حق جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو عورت ٤-٥ ٻارن ڄڻڻ بعد پوڙهي ٿيو وڃي ۽ مرد اڃا نوجوان آهي. عورت ٻارن ڄڻڻ ڪري پنهنجي جواني وڃائي ويهي ٿي، مرد ان کان جند آزاد ڪرائڻ لاءِ ٻيءَ زال جي تلاش ۾ محو رهي ٿو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ موقعي ملڻ تي اُن کي طلاق ڏني ٿو. اسلام اهڙيءَ طلاق کان ممانعت ڪئي. اسلام ڄاڻي ٿو ته گهڻي ۾ گهڻن طلاقن جو مطلب صرف اهو هوندو آهي، ته مرد نوجوان بيوي جي هٿ ڪرڻ لاءِ پراڻي بيوي کي طلاق ڏيندو آهي، انڪري جيتوڻيڪ اسلام طلاق جائز ڪئي آهي، مگر ان لاءِ سختي به ڪئي آهي. حديث شريف ۾ آهي ته :-

١. طلاق جيتوڻيڪ اسلام جائز ڪئي آهي، مگر خدا اُن کي سخت نفرت جي نگاهه سان ڏسي ٿو.

٢. خدا جو اُن تي قهر آهي، جو بي سبب پنهنجي زال کي طلاق ڏئي ٿو.

٣. دنيا جي نعمتن ۾ طلاق کان زياده ڪا بري شيءِ ڪانه آهي.

٤. عورتن سان شادي ڪيو، مگر بنا سبب ڪين طلاق نه ڏيو، ڇو ته خدا کي شهوت پرست (Lustful) مرد ۽ عورتون نا پسند آهن.

٥. خدا کي غلامن جي رهائي کان ڪا به چيز زياده خوش نٿي ڪري، ۽ طلاق کان زياده ڪا شيءِ ڪمس ناخوش نٿي ڪري.

ان جو نتيجو اهو اڪثر آهي جو هندستان ۾ مسلمانن ۱۰ هزارن ڄڻيان مس هڪ طلاق ٿي اچي ۽ سڀني مسلم ملڪن ۾ طلاق هڪ خراب ۾ خراب چيز

ليکي ٿي وڃي ۽ جو به طلاق ڏني ٿو سو پنهنجو اڳيون ناموس وڃائي ٿو.

امام غزاليءَ جو قول آهي ، ۽ جڏهن ڏسجي ٿو ته طلاق جو سوال بلڪل ضروري ۽ اٽل ٿيو آهي ته پوءِ لاچار طلاق ڏجي. طلاق بعد عورت کي تحفه وغيره ڏجي ۽ ڪنهن کي به خبر نه ڏجي ته طلاق جو حقيقي سبب ڪهڙو آهي.

ڳالهه ڪن ٿا ته هڪ ماڻهو پنهنجي زال کي طلاق ڏيڻ جو ارادو ڪيو. ڪنهن پڇيس ته تون ڪيئن ٿو طلاق ڏيڻ رهيو آهين ؟ جواب ڏنائون ته آءٌ پنهنجي زال جا ڳجهه ظاهر ڪرڻ نٿو گهران ؛ جڏهن طلاق ڏنائين تڏهن وري ڪالهس سوال پڇيا ويا ، جواب ڏنائين ته هاڻي هوءَ غير ليکي چڪي ، مونکي اُن بابت ڳالهائڻ جو ڪو به حق نه آهي.

اسلام ان ڳالهه جو به خيال ڪيو ته عورت جي دل ڪجهه ڪچي هوندي آهي ، ممڪن آهي ته ڪنهن وقت ڪاوڙ مان مرد کي طلاق ڏني ويهي ، انڪري وچ لي ٿوري روڪ آهي ، جئين اهو فيصلو قاضي ڪري ۽ قاضي جي فيصلي بعد طلاق درست آهي ، ان وچ ۾ مرد ۽ عورت ٺهي ويا ته پوءِ چڻ طلاق واپس ورتي وئي. ان طلاق کي ” خلا “ چوندا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قران شريف طلاق بعد به عورت جي حقن جي نگراني ڪري ٿو.

وان اردتم استبدال زوج مڪان زوج. واتيتم احدهن قنطاراً فلا تاخذوا منه شيأً (ط) اتاخذونه بهتاناً واثماً مبينا.

جيڪڏهن توهان (هڪ زال جي عوض ٻي رکڻ گهرو ٿا، ۽ جيڪڏهن توهان اُن کي سون جو ڍير ڏنو آهي ته اُن مان ڪجهه به نه ڪڍو. جيڪڏهن توهان ڪڍو ٿا ته اهو تمام خراب آهي. (النساء ٢٠-٢١)

يعني اسلام چوي ٿو ته عورت کي جي لٽڻ ۽ مهر توهان اڳ ڏنا هجن طلاق بعد اُنهن مان ڪجهه نه وٺو.

مگر جديد يورپ ۾ طلاق بعد عورت کي ڪجهه ڪونه ملي (ڪمن اسلام تان سبق وٺڻ گهرجي) عام طرح جيڪڏهن ڪا عورت بدڪاري ڪري ويهندي آهي ته اُن کي ماريو ويندو آهي. ٣٠ ورهيه اڳ اهو آمريڪا ۾ به رواج هو. اج هندستان ۾ به عام جام آهي ڪيترن عالمن جي راء آهي ته اهڙين حالتن ۾ مارڻ کان زياده چڱو آهي ته طلاق ڏجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ١٤- مسلم تهذيب ۽ عورت-

مٿي چڱي طرح بيان ڪيو ويو آهي ته اسلام کان اڳ جدا جدا تهذيبن وتمدن ۾ ڪهڙي طرح عورت تي ظلم ڪيا ويندا هئا. هن وقت اسان اسلامي تهذيب ۾ مسلم عورت جي حال تي غور ڪيون.

اسلام کان اڳ اها حالت هئي جو رسول الله صلعم جو چاچو حضرت حمزه هڪ لڙائي ۾ قتل ٿي ويو ته هند نالي هڪ عورت بدلہ وٺڻ جي ارادي سان، حضرت حمزه جو جيرو ڪڍي چٻاڻي ڪاڍو- بس هيءَ تي مثال ثابت ڪري سگهندو ته عربستان ۾ عورتون ڪيتري قدر سڌريل هيون.

رسول الله صلعم اهڙين بد رسمن کي فنا ڪيو ۽ اهڙن حيوانن کي انسان بنايو- اسلام جي اوج عورتن تي به اهڙو اثر ڪيو جهڙو مردن تي.

حضرت عائشه رضہ وڏي ۾ وڏي عادل (Jurist) محدث (Traditionist) - نقاد (Commentatoress) ۽ جنيالاجسٽ (Genologist) ثابت ٿي - خود حضرت عائشه معالجات مان واقف هئي ۽ عربي علم ادب علم نثر- علم نظم ۾ تمام هوشيار هئي - حديث ۾ جيڪي به علم حديث تي حديثون آهن تن جو چوٿون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصہ حضرت عائشہ جو بيان ڪيل آهي .

مسلم قانون (Muslim law) لي ڪريہ لکرار لميد و هو تہ حضرت عائشہ جي فتوا آخر ہسن ليکي ويندي هئي - احنف بن قاص جو قول آهي تہ مون حضرت ابوبڪر، حضرت عثمان، حضرت عمر ۽ حضرت علي ۽ ٻين عالمن جون قول و مقالات (Discourses & Sermons) ٻڌيون هيون مگر حضرت عائشہ انهن کان فصاحت و بلاغت (Rhetoric) ۽ جواب مضمون (Composition) ۾ گهڻو زيادہ هئي .

سڪينہ بنت امام حسين (شهيد اعظم) هڪ وڏي عالم هئي - امہ الواحد بنت حسين بن اسماعيل لکپڙہ (Correspon dance)، حديث فصاحت و بلاغت (Rhetoric)، علم رياضي (Mathematics)، علم صرف و نحو (Grammar) ۾ تمام هوشيار هئي .

ٻي رابعہ بصري تہ ايترو نالو ڪڍيو جو وچين صدي ۾ سندس مقبرہ زيارت گاہ بڻجي پيو - هو هڪ قابل شاعرہ هئي، سندس شعر جا ڪيترا ٽڪرا عربي درسي ڪتابن ۾ آهن - قران شريف لي سندس چڱو ضابط (Mastery) هو - چيو وڃي ٿو تہ لاڳيتا ٣٠ سال هن اهڙو ہہ جملہ نہ ڳالهيو جو قران شريف ۾ نہ هجي - جهاد لي هڪ مضمون ۾ لکندي فرمايائين

" نسمين ڪتاب نماز لئي ڪٺي جسمين انسان وقت (خون) سان وضو نہ ڪري". (الهلال)

زبيده (بيگم خليفہ هارون الرشيد) حڪومت ۾ بهرو ورتو، ۽ نهر زبيده نهرائي جا اڄان قائم آهي.

خليفہ مامون الرشيد جي ٻہ ڀيرون براني ۽ ٻن ذهين ام الفضل ۽ ام الحبيب گهڻيون ڪالر ٿيون ڪنيون ۽ چڱو نالو ڪڍيو. تمام گهڻو علم حاصل ڪيو.

عادل (Juriscount)، ربيع الوي جيڪي بہ حاصل ڪيو سو پنهنجي والده حميده کان جا وڏي فاضلہ هئي.

شداءِ پنجين صدي هجري ۾ بغداد جي مسجد ۾ منارالعشاق (عاشقن جي لاءِ لکي) لاءِ ليڪچر ڏنا جي عظيم ترين لوڪيا وچن تا جن لئي ڪيترا ورهيہ بحث لڳندو رهيو. کيس فخرالنساء (عورتن جو فخر) جو خطاب مليو هو، ۱۱۷۸ع ۾ وفات ڪئي.

زينب بنت شارالنشا ۽ بنت شيخ لقيع الدين واسطي کي سيدةالفقه (Mistress of Jnry) جو خطاب مليو.

خليفہ محي الدين جي ڌيءَ جا تمام حسين هئي. هڪ قابل شاعره بہ هئي علم موسيقي مان واقف هئي ۽ راڳ بہ چولدي هئي. کيس لئي هڪ ڪارو موهيڙو هو جنهن ڪري سندس منهن ڪجهہ خراب لڳندو هو. هن ان کي ڍڪڻ لاءِ هڪ زيور نهرايو جنهن جو مادل اڄ بہ آهي جنهنکي سمند ڦل يا ٽڪو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چولدا آهن- عربي ۾ انکي (فلسفة الولي اولما) چولدا آهن- هي زيور هن پنهنجي دماغ مان ايجاد ڪيو هو.

فاطمہ بنت رسول الله سياست ۾ ڏاڍو نالو ڪڍيو.

زينب بنت حضرت علي عوام (Public) يا شخصي زندگي ۾ چڱو نالو ڪڍيو.

اسپين ۾ به مسلم عورتن چڱو نالو ڪڍيو.

والدة بنت خليفہ ڪاردو- هي تمام حسين هئي مگر ان سان گڏ قابل به هئي، ۽ ذهين طبع (Genious) به، شعر ۾ چڱو نالو ڪڍيائين- شهزادي عائشہ به هڪ قابل عورت هئي سندس مضمون ۽ شعر عام پڙهيا ويندا هئا، خاص طرح سرڪاري مڪتبن ۾- لبنه هڪ زبردست شاعرہ فيلسوفہ هئي- علم الرياضي (Arith metic) ۾ ماهر هئي.

سفينہ- هن خليفہ جي تعريف ۾ شعر ٺاهيا- قلمدالي (Pen - Man - Ship) يعني مضمون لوڀسي ۾ تمام هوشيار هئي، مريم به هڪ قابل عورت هئي.

ازالسواء بيون به ڪيتريون عورتون هيون جن شعر ۾ چڱو نالو ڪڍيو- ۽ علم ادب کي ترقيءَ تي رسايو.

خاص طور.

عروي بنت حارص- ابنت العاقل- زينب- عمي حليم عميمہ- صفوة الدين. بيبي بدل. شاہ جهان بيگم. گلبدن بيگم. رابيع شمع. لعقتہ العربہ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زيب النساء هڪ زبردست شاعره هئي هن "ديوان مخفي" پارسي ۾ لکيو آهي جنهن جو انگريزي ۽ اردو ۾ ترجمو به ڇپيو آهي. خود انگريزي اردو ترجمي جي به شعرن آهن، اردو ۽ انگريزي ادب ۾ اعليٰ جڳهه وارا بڻ ٿا.

مسلم عورتن کي اسلام هن قسم جا حقوق اڳيرئي ميسر ڪري ڏنا هئا، هنن ڪڏهن به حقن لاءِ گوڙ ڪونه ڪيو.

ڪيترين مسلمان عورتن لڙائي ۾ حصو ورتو.

جوزف هيل (جرمن مصنف) پنهنجي تصنيف "عربي تهذيب" ۾ لکي ٿو ته 'مسلم عورتون' لڙائي ۾ جاسوسي جو به ڪم ڪنديون هيون ۽ ميدان جنگ ۾ به حصو وٺنديون هيون.

ميدان جنگ ۾ سندس ڪم هو.

١- زخمين کي ڪڍي وڃڻ.
٢- انهن جي مرهم پٽي ڪرڻ.
٣- جيڪي مري وڃن ان کي پورڻ- قبرون کوٽڻ-
٤- لشڪر جو طعام تيار ڪرڻ.
٥- مردن کي ميدان جنگ ۾ جوش ڏيارڻ لاءِ جوشيلا شعر پڙهڻ.
٦- اڃايلن کي پاڻي پيارڻ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت انس کان روايت آهي ته رسول الله (صلعم) چند انصار عورتن کي جهاد ۾ پاڻ سان ڪٺندا هئا، جي پاڻي پيار ينديون هيون ۽ زخمين جو علاج ڪنديون هيون. (مسلم)

احد جي جنگ ۾ حضرت فاطمه (دختر رسول خدا (صلعم) آن حضرت جن جو علاج ڪيو. ۽ جنگ خيبر ۾ پڻ عورتن زخمي مردن جي خدمت ڪئي.

مشهور تواريخ نويس گبن "ترقي وتنزل روءِمن امپائر" ۾ لکي ٿو ته "عرب عورتون گهوڙي سواري ۾ تمام هوشيار هيون، ۽ جنگ ۾ حصو به وٺنديون هيون. هڪ بار ڪن روءِمن سپاهين ڪن عورتن کي قيد ڪيو، ۽ بعد ۾ سندن عصمت دري ڪرڻ جو ارادو ڪيو ته عورتن هڪدم وڙهڻ شروع ڪيو، آخر ان حد تائين لڙيون جو رومن سپاهين کين آزاد ڪرڻ جو ارادو ڪيو ان وچ ۾ عربن جي مدد به اچي پهتي."

طبري لکي ٿو ته "ميسان واريءَ لڙائي ۾ عورتن پنهنجن چادرن جا جهنڊا ٺاهيا، ۽ پوءِ اچي مسلم فوج سان شريڪ ٿيون."

جنگ يرموڪ ۾ قريش جون ڪيتريون عورتون تلوارون کڻي دشمن تي وچي نازل ٿيون. ان لڙائي ۾ امير معاويه جي ڀيڻ جويره هند. ام الحڪيم. اسماءَ

بنت يزيد- اسماءِ بنت ابوبڪر- خولہ- سلميٰ ۽ لعم عفيره بہ شامل هيون، جن ڪمترن ڪافرن کي جهنم رسيد ڪيو- ( طبري )

ام حڪيم بن حارث، خالد بن سعيد سان نڪاح ڪيو ۽ عين شاديءَ جي رات عيسائن سان معرڪہ جي لڙائي شروع ٿي- اُن ۾ اُن لٺين لوهلي ڏولهن ( ڪنوار ) ست عيسائي قتل ڪيا.

اسان زيادہ واقعا بيان لتا ڪيون ورنہ مسلم عورتون جن جنگن ۾ حصہ ورتو ۽ جن علم، ادب ۾ نالو ڪڍيو، تن جي صرف نالن لکڻ لاءِ هڪ خاص السائنڪلوپيڊيا کپي- صرف هڪ واقعہ پيش ٿا ڪيون- ابوالڪلام آزاد الهلال ١٩١٢ ۾ هڪ مضمون ۾ لکيو:-

" فاطمہ بنت عبد الله "

" عربي جنگ جي ٻهرين خصوصيت عورتن جي جنگ ۾ شرڪت آهي، غزوہ طرابلس لاءِ هر اطراف وجوانب ۽ الدرون صحرا مان ٠ قبائل جمع ٿيڻ لڳا اُن وقت هر قبيلہ سان ان جو پورو خالدان شامل هو، ان ۾ هر طرح جون عورتون بہ هيون، نوجوان ليڪريون بہ هيون. جن کي کيڏ ۽ ڪوڏ جا ڏينهن اجا ختم نہ ٿيا هئا. پوڙهيون بہ هيون، جن جي جسم جي قوت جواب ڏئي چڪي هئي. گهڻيون اهڙيون بہ هيون جن جي گود ۾ ننڍا ننڍا ٻچا هئا. جن کي

الڳ لٿي ڪري سگهيون. اسان اهي به تصويرون ڏٺيون آهن جن ۾ عورتن هڪ طرف ٻار کي گود ۾ کنيو آهي ۽ ٻئي طرف پاڻي جي مشڪ. اهڙيءَ حالت ۾ ميدان جنگ ۾ زخمين جي تلاش ۾ مشغول آهن.

اڳتي هلي ابوالڪلام آزاد فرمايو آهي ته "فاطمه بنت عبدالله ١١ ورهين جي ڇوڪري هئي. والدين کي صرف هڪ ئي ڇوڪري هئي. هوءَ به جنگ طرابس ۾ شريڪ ٿي ميدان جنگ ۾ تيرن ۽ تلوارن جي وچ ۾ زخمين کي پاڻي پيار يندي رهي. آخر هڪ تير لڳس ته به پنهنجو ڪو خيال نه ڪري، هڪ زخميءَ ڏانهن پاڻي جي مشڪ ورائيائين ۽ سندس هٿ جي زخميءَ تائين پهچڻ کان اڳ وفات ڪري وئي."

"هوءَ اڪثر چوندي هئي ته مولڪي سرخ رنگ سان عشق آهي، هيءَ ئي رنگ هڪ ڏينهن سندس گردن ۽ دل جي هيٺان وهندي ڏٺو ويو."

ابوالڪلام آزاد ٻئي هڪ مضمون "جنگ کي تاريخ ڪا ايڪ صفحه." ۽ "محاصر قرطاجنه" ۾ فرمائي ٿو:-

"تمام اهل شهر هر قسم جا اشغال حيات معطل ڪيا. عورتون، مرد، پوڙها، ۽ ٻچا سڀ رات ڏينهن لڳاتار ڪم ڪرڻ لڳا. عمارتن مان معدنيات ڪڍي اُن مان

هٿيار تيار ڪيائون ۽ ڪاٺ مان تلوارن جا قبضا بنايائون.
تمام عورتن پنهنجي سرن جا اُهي حسين وار جن جو
حسن ۽ رعنائي، جنس اُناس جو بهترين سرمايه آهي،
جمال حريت (Beauty of Freedom) ۽ شرف وطن
تان قربان ڪري ڇڏيو، ۽ اُنهنکي ڪپي منجنيقن
جون رسيون ۽ ڪمانن جو زه بنايو، تہ اُنهن مان
لڪرندڙ تير دشمنان ملت ۽ اغرائي وطن جو سينه
ڦاڙي ڇڏين."

سيد سليمان ندوي "خواتين اسلام ڪي بهادري"
۾ لکي ٿو تہ "عرب ۾ عورتون گهيري وقت مردن
سان شريڪ هونديون هيون. عورتون صف جنگ
جي پويان بيهنديون هيون. اُنهن جو ڪم هو مجروح
سپاهين جي ملم پٽي ۽ جراحت، گهوڙن جي خدمت،
۽ پنهنجي شوهرن کي آرام پهچائڻ، ڀڄندڙ سپاهين کي
گرفتار ڪرڻ، دشمن جي مقتول سپاهين جا هٿيار لاهڻ،
۽ قيدين جي سنڀال ڪرڻ."

اُحد جي جنگ ۾ حضرت عائشہ پاڻ زخمين کي
پاڻي پهاريو، ام سليم رضه ۽ اُم سليط ۽ ٻيون صحابيہ
۾ خدمت ۾ شريڪ هيون. (The Holy Mothers.)

خيبر جي جنگ ۾ ٦ عورتون مدينہ مان هليون
هيون، جن جي رسول الله کي خبر نہ هئي ۽ جڏهن
کين خبر پئي تہ ڪالن پڇيائون تہ توهان ڪنهن جي

اجازت سان آيون آهيو؟ اُنهن عورتن عرض ڪيو ته
اسان وٽ دوائون آهن ۽ زخمن جي مرهم لاءِ
آيون آهيون. پاڻ اجازت ڏنائون. فتح بعد انهن عورتن
کي به مال غنيمت مان حصو مليو. (سليمان ندوي)

ربيع بنت معوذ ۽ ٻين عورتن احد جي جنگ ۾
مجروح سپاهين کي ميدان جنگ مان ڪڍي مديني پهچايو.

ام زياد اشجعيه ۽ ٻين عورتن، خيبر جي جنگ ۾
مسلمانن کي مدد ڪئي. اُهي ميدان جنگ مان تير
ڪڍي اينديون هيون. (سليمان ندوي)

حضرت ام عطيه رضه ستن جنگين ۾ صحابين لاءِ
طعام تيار ڪيو هو.

خندق جي غزوه وقت يهودي وڏ هندي اهڙي
هنڌ پهتا جتي عورتون ۽ ٻار هئا. اوچتو هڪ يهودي
ڪين ڏٺو. خوف هي هو ته متان هي يهودي پنهنجي
سپهه سالار کي ٻڌائي ۽ هو ميدان خالي ڏسي عورتن
تي حملو آور ٿئي. حضرت صفيه جا رسول الله جي
ڦڦي هئي، پاڻ ستون (ڪاٺ و) ڪڍي اُن يهوديءَ
کي، اُلي جو اُلي قتل ڪري ڇڏيائين. (طبري)

ام عماره رضه بيعت رضوان ۾ به شريڪ هئي - ۽
احد جي جنگ ۾ به، ۽ اُن وقت جڏهن ڪافر زور شور
سان حملا ڪري رهيا هئا. مسلمان ميدان هاري رهيا هئا،
اُن وقت هيءَ عورت تيغ سنڀالي حملو آور ٿي ٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻُڌندي هٿائي رهي هئي - حضرت ابو بڪر صديق جي زماني ۾ جڏهن مسيلمه ڪذاب دعويٰ نبوت ڪئي ته يمامه وٽ خونريز لڙائي شروع ٿي ان ۾ ام عمره رضه ان وقت لائين شامل هئي جنهن سندس همٿ زخمي ٿيو - ان لڙائي ۾ کيس ١٢ زخم ٿيا . (طبري)

جنگ قادسيه ۾ عرب جي مشهور شاعره خنساء پنهنجن چئن پٽن سميت شريڪ هئي - جڏهن ٻڌائين ته سندس سڀ پٽ شهيد ٿي ويا آهن ، تڏهن چيائين ته " خدا جو شڪر آهي جنهن مونکي پٽن جي شهادت جو فخر بخشيو " . (طبري)

جنگ بويب ۾ مسلمان عورتن کي ميدان جنگ کان گهڻو پري ڇڏي آيا ، مسلمانن کي گهڻوئي مال غنيمت هٿ آيو - سالار لشڪر اسلام سڄو سامان هڪ فوجي دستي جي همٿ هيٺ عورتن ڏانهن روانو ڪيو ، عورتن سمجهو ته دشمن آهن ان ڪري پٿر ۽ تنبن جا ڪلا ڪڍي پنهنجي ئي لشڪر تي ، حملو ڪيو .

جنگ جمل ۾ حضرت عائشه فوج ساڻ ڪري حضرت علي جو مقابلو ڪيو - جيتوڻيڪ اڄ اها هڪ سياسي غلطي سمجهي وڃي ٿي ، مگر ان مان عورتن جي استقلال دليري تي روشني پوي ٿي . (گبن)

شام جي فتح ۾ عورتن جو وڏو حصو آهي - ام حڪيم ، ام ڪثير ، هند ، اسماء ، ام ابان ، ام عمارة ،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڙيءَ ۾ سورة آل العمران پڙهي (جملہ ٣½ پارہ). پڙهي ٻاهر نڪتي حجاج جي فوج کيس ڪجھ بہ نہ ڪري سگھي. آخر سندس مقابلہ حجاج سان ٿيو، حجاج هڪ دفعي نہ ذري گهٽ غزالہ جي هٿان قتل ٿيڻ تي هو مگر بچي ويو. (Dynasity of Umayas)

آغاز اسلام ۾ متعدد عورتن پنهنجي دين و ايمان خاطر سخت تڪليفون سٺيون. سميہ جا حضرت عمار جي والدہ هئي، اُن کي ابو جهل اسلام قبول ڪرڻ ڪري ايترو نہ ماريو جو جانبر نہ ٿي سگھي. زنيرہ هڪ صحابيہ هئي، ابو جهل اُنکي ايترو ماريو جو اکيون گم ڪري ويٺي. ام فڪيهہ هڪ صحابيہ هئي. حضرت عمر قبول اسلام کان اڳ اُن کي ماري ماري ٿڪبا هئا تہ چوندا هئا "مون لولي رحم نہ کاڌو آهي بلڪ آءٌ خود ٿڪجي پيو آهيان." (Omar the great)

نہ صرف ايترو مذهبي جنون هو پر هٿيءَ طرف تير ۽ تلوار جي بہ اها حد هئي.

سنہ ١٣٩ ھ ۾ رومن ملطيہ تي حملہ ڪيو تہ خليفہ منصور جون ڀڻيون ام عسولي بنت علي ۽ لبابہ بنت علي بہ جهاد ۾ شريڪ ٿيون. (Gibbon)

قرون وسطيٰ ۾ عيسائين سان مقابلہ ڪندي اسامہ نالي هڪ مسلم امير سان گڏ سندس والدہ، پيڻ بہ شريڪ هيون ۽ ڪيترا عيسائي قتل ڪيائون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندستان ۾ اسلامي حڪومت اُن وقت آئي، جڏهن اسلامي تهذيب صفا بگڙي چڪي هئي، پرده هڪ رڪن اسلامي ٿي چڪو هو مگر اُن دور ۾ به ڪجهه عورتون پيدا ٿيون جن جا نالا وسارڻ هڪ بي انصافي آهي.

سلطان رضيه - هوءَ مردانو لباس پائي گهوڙي تي چڙهي شڪار تي ويندي هئي - هڪ دفع المتمش کيس شڪار تي وٺي ويو، هڪ شينهن المتمش تي حملو ڪيو مگر رضيه وقت تي پهچي وئي ۽ شينهن کي تلوار جي هڪ ڌڪ سان ماري ڇڏيائين. تخت نشيني بعد سڀ اُمير اُمرا خلاف ٿي پيا سواءِ وزير سلطنت نظام الملڪ، ملڪ اعزازالدين، ملڪ سيف الدين، ملڪ علاءُالدين وغيره. جي حڪومت جا دست و بازو هئا مخالف ٿي پيا، ۽ لشڪر ڪاهي دهلي تي حملو آور ٿيا - مگر رضيه سيني کي اڪيلي سر منهن ڏنو - (سفر نامه ابن بطوطه).

سلطان علاءُالدين خلجي کي سڄي دنيا فتح ڪرڻ جو خيال پيدا ٿيو، ۽ اهو راز درٻارين ۾ هندستان جي راجائن آڏو پيش ڪيائين - ان تي راجا ڪالير ديو جو حاضر هو، جواب ڏنو ته جالور جو قلعو ڪڏهن به مطيع نه ٿيندو - علاءُالدين اُن وقت نه ڪڇيو، مگر پنهنجي هڪ نوڪرياڻي گل بهشت کي قلعي تي چاڙهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مو ڪلياڻين جنهن راجہ کي شڪست ڏني راجہ قلعي ۾
وڃي لڪو. گل بهشت قلعي کي گهيرو ڪيو، مگر
جلد مري ويو - پوءِ اهو قلعو فتح ڪيو ويو.

( تاريخ فرشته )

تيمور لنگ جي لشڪر ۾ گهڻيون عورتون هيون - جي ميدان جنگ ۾ وڙهنديون هيون - گهيري ۾ قلعي اندر گهڙنديون هيون، بهادرن سان لڙنديون هيون - تلواريون هلائينديون ۽ نيزا لڳائينديون هيون. تير اندازي ڪنديون هيون، غرض ته ڪنهن به ڳالهه ۾ مردن کان گهٽ نه هيون. ( ظفر نامه )

تزڪ بابري، همايون نامه، تزڪ جهانگيري مان معلوم ٿئي ٿو ته مغل خاتون هشيار پڙهنديون هيون سواري ڪنديون هيون، شيرن جو شڪار ڪنديون هيون، غرض ته سپهگيري جي فن ۾ ماهر هيون -

نور جهان - اڪثر هاٿي تي سوار ٿي سير ۽ شڪار تي ويندي هئي ۽ هڪ گولي سان شينهن کي ختم ڪري ڇڏيندي هئي، جهانگير لکي ٿو ته ”هڪ دفعي رستم خان ۽ نور جهان سان گڏ شڪار تي ويس، واٽ تي ڪن شينهن هاٿيءَ تي حملو ڪيو هو ۽ رستم خان ٽي چار گوليون لڳايون مگر سڀ ناڪام ويون ۽ نور جهان جي پهرين گولي ڪامياب ويئي.“ ( تزڪ جهانگيري )

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڌڻي، نورجهان لاڳيتو چار شينهن هڪ هڪ تي
ٻن گولين سان ماريا. جنهن لاءِ هڪ شاعر چيو
”نورجهان گرچه زن است در صف مردان زن شير افگن
است“. محبت خان جهانگير کي امام رباني جي قيد
ڪرڻ جي سوال تي قيد ڪيو ۽ نورجهان جهانگير
کي آزاد ڪرائڻ لاءِ حملو ڪيو. ساڻس گڏ شهزاده
شهريار جي پيءُ ۽ شاهنواز جي ڌيءُ به هيون-
محبت خان نورجهان جي هاٿي تي حملو ڪرايو ۽ هڪ
تير شهزاديءَ جي ٻانهن ۾ لڳو جو نورجهان پاڻ ٻاهر
ڪڍيو- آخر ان مشڪلات مان به بچي نڪتي-
نورجهان ڪيترا نوان زيور ايجاد ڪيا.
(تزڪ جهانگيري)

جهانگير جي زماني ۾ عادل شاهي وارن
نظام الملڪ تي حملو ڪيو. نظام الملڪ جي بيگم
يعني ملڪه حميد بيگم جود لشڪر ساڻ ڪري وڃي
۽ عادل شاهي وارن کي شڪست ڏنائين (تزڪ جهانگيري)
۽ ان ڳالهه ڪري نظام ڏاڍو خوش ٿيو.

سن ٩١٦ هه ۾ عادل شاهي جي گهرو لڙائيءَ ۾
ٻولچي خاتون ۽ ٻين چند عورتن دشمن جي وڏي
لشڪر کي شڪست ڏني. نقشه جنگ تيار ڪرڻ ۾
ٻولچي خاتون اهڙي ڪماليت ڪئي هئي، جو
هندستان جا سڀ حاڪم حيران ٿي ويا هئا.
(تاريخ فرشته)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خود داري جي اها حد هئي، جو هڪ شهزاديءَ کي گهرائي مئجسٽريٽ چيو تہ تنهنجي خرچ اخراج لاءِ گورنمينٽ ۵ رپيہ ماهوار پينشن مقرر ڪئي آهي، (تعجب آهي تہ هلوه ڪان اڳ جا شهزادي هزار بہ رپيہ ماهوار خرچ ڪندي هئي سا پنج رپيہ، جا خاڪ ۾ اجهلا ئيندي ؟) تنهن تي شهزاديءَ جواب ڏنو تہ "جا بابي ۽ ڏاڏي جي سڄي سلطنت جي ماهوار پيدائش پنج رپيہ آهي- جڏهن لوهان لٽيو آهي سو واپس ڏيو- توهان اسان کان هندستان لٽيو آهي، هندوستان! جو لٽيو اٿوَ سو واپس ڏيو- هندوستان واپس ڏيو، هندستان واپس ڏيو- جي ڏني سگهو تا لہ ڏيو".

خواجہ حسن نظامي اهي سڀ واقعا "بيگمات ڪي آنسو ن" ۾ درج ڪيا آهن، جو ٿي حقيقت جو ثبوت آهي.

بڙودي جي مهاراڻي پنهنجي تصنيف "پوزيشن آف وومن ان انڊين لائيف" ۾ لکي ٿي تہ رسول الله (صلعم) جي زندگيءَ جي پروگرام مان هڪ اهو بہ هو تہ عورتن جي زندگي بيڪار نہ گذري-

مسلمان عورتون، حڪيمه، اسانيده (ماسترائيون)، فقه دان ۽ نقاده هيون- سلطان بايزيد پهرين جي وقت ۾ عورتن مسجدن ۽ سڪولن ۾ وعظ ڪيا-

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن وقت ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي گڏ تعليم ڏني ويندي هئي. خليفه منصور جي وقت ۾ هن لئائين جي لڙائين ۾ منصور جون ٻه سؤٽيون، مرداني لباس ۾ ميدان جنگ ۾ ويون. هارون الرشيد جي زماني ۾ شادي شده عورتن علم ادب ۽ علم شعر ۾ حصو ورتو ۽ ڪنوارين عورتن لڙائي ۾ حصو ورتو گريڪن جي سڪندريه ڏاهڻ بعد هارون الرشيد جي زال ڇهيڇن ڳسن مان سڪندريه جو شهر ورتي نهرايو. Kidwai

ابن بطوطه (۱۴ صدي عيسوي) ايسميگ خان جي ملڪ ۾ ويو ۽ لکي ٿو ته ”جهنگلي تاتارن ۾ به عورتن کي مڪمل آزادگي هئي.“

جوزف هيل لکي ٿو ته ”اسلامي تهذيب جي ابتدائي دور ۾ عورت جو درجو تمام اوچو هو ۽ انهيءَ آزاديءَ لئي ڪابه روڪ ٿام ڪانه هئي. مردن ۽ عورتن جي وچ ۾ چڱا تعلقات هئا. عورتون ٻاهر اينديون وينديون به ۽ انهن جي مردن سان برادرانه دوستي هئي. عورتون به لڙائي ۾ حصو ونديون هيون ۽ مگر عورتن لئي حمله ڪرڻ ۽ انهن کي قتل ڪرڻ (سوا انهيءَ جي ميدان جنگ ۾ وڙهن) هڪ ڏوه هو. دشمن جي عورتن سان به سني هلت ڪئي ويندي هئي.“

اها حالت ڏسي هڪ شاعر چوي ٿو:-

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

” اسالجو (مردن جو) نصيب آهي مرڻ ۽ مارائڻ مگر عورتن جو نصيب آهي با عزت لباس ڪرڻ. “
(Arab Civilization)

عورت کي مردن کان زياده عزت ڏني ويندي هئي، اُنهن کي قابل پرستش سمجهيو ويندو هو.
(Chivalrous devotin)

اڄ ڪلهه وانگر بيوه جي شاديءَ لاءِ ڪوبه اعتراض ڪونه ورتو ويندو هو. عائشه (حضرت عائشه جي ڀائٽي) ۳ دفعا شادي ڪئي. مصاب سندس ٻئي مڙس کيس ۰۰۰،۵۰ دينار ۽ سندس ٽئين شوهر جو عميم گهراڻي جو هڪ شاهوڪار آدمي هو، کيس ۰۰۰ ۱۵۰۰ دينار مهر طور ڏنا. (P. Thomas)

عطيق هڪ مڪي جي عورت ٻي دفعا شادي ڪئي ۽ جڏهن کيس چوٿين دفعه شادي جي آڇ ڪئي وئي ته چيائين، ” ته آءٌ شادي ڪري پنهنجي شوهر جو موت لئي چاهيان. “ چو ته سندس ٽي مڙس ميدان جنگ ۾ شهيد ٿيا هئا. (Md Mamaduke)

سڪينه جا هڪ اعليٰ خاندان جي عورت هئي، ٿنهن شادي وقت شرط وڌائين ته کيس شوهر کان مڪمل آزادي ملندي. (Khudabux)

شادي جي سوال لاءِ عورتن کي هر هڪ حق حاصل هو، هو پنهنجي وارثين جي مرضيءَ خلاف

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن سان به شادي ڪري سگهيون ٿي ، عورتون مسجد ۾ باقاعده نماز لي اينديون هيون .

ڪيترن عالمن ۽ مجدن فتوا ڏني ته ڪثرالازواج شريعت موجب ناجائز آهي ، الڪري عورتن جا سڀ حق محفوظ ٿي ويا . عورتون والد ڪاني وقت اٺن سبن ۽ پرت جو ڪم ڪنديون هيون ، ڪي عورتون مصوره به هيون . (T. Arnold)

عورتن لي هٿ ڪٽڻ پردلي ۽ بي شرمائيءَ جو ڪم ليکيو ويندو هو . هڪ شاعر فرمايو ته :-

” مان ڪن مردن کي پنهنجن عورتن کي مار يندي ڏسان ٿو ، پر ان کان شل منهنجا هٿ لڪري پون ، جو مان الهنکي زينب ( جا سندس بيوي هئي ) لي ڪٽان “ (Studies Indian & Islamic . K. Bux)

ويجهڙائي وارن مائٽن مان شادي ڪرڻ جو رواج ڪونه هو ان ڪري اتحاد وڌيو . ٻاهرن ماڻهن سان زياده تعلق رهيو . ان ڪري علم ، عقل وڌيو ۽ بدلي طاقت وڌندي رهي . خود امام غزالي چيو ته ويجهن عزيزن مان شادي ڪرڻ چوڪ آهي . (ان جو سبب آخرين باب ۾ بيان ڪيو ويندو) . (Kidwai)

مگر جڏهن مسلمانن ترقي ڪئي لڪين الهن وٽ ٻيس ملڪيت وڌي الڪري عياش ٿي پيا . ڪن خليفن ۴ زالون ۽ سوين ٻانهيون رکيون ، جن سان ناجائز

ڪار ڪرڻ لڳا - ان دور ۾ مقابلا (Competitions)
ٿيڻ لڳا، ته ڪنهن جي زال زياده خوبصورت آهي،
ان ڪري عورتن کي پرده ۾ رکڻ جو رواج شروع ٿيو،
ته متان ڪنهن حاڪم يا امير جي بيگم يا ڪنيزه تي
ڪنهن اغيار جي نظر نه پئجي وڃي - ان امواج، وچين
درجي جي ماڻهن کي به پاڻ سان گڏ دريا داخل
ڪيو - وچين طبقي وارا نه به قدم اڳتي وڌيا نه
عورتن کي وجود آهي ۽ نه روح - انهن جي تعليم
نقصانڪار آهي، ان جو اثر اهو ٿيو جو عورتون بيعلم
دنيا کان دور رهجي ويون انڪري اُن جو اولاد
فنا ٿي ويو. (P. Thomas)

مسٽر پي ٿامس - "عورتون ۽ هندستاني شادي بون"
۾ لکي ٿو ته اسلام ۾ پرده جو بنياد عباسين وڌو ۽
اهڙا عمارت انهن جي ئي دور ۾ ٿي راس آئي -
مسلمانن ملڪ فتح ڪيا، جهنجي جي پويان تجارت
به ترقي ڪئي، انهن لاءِ آخر اهو سوال آيو ته دنيا
۾ بهشت پيدا ڪيون - ڪثر الازواج شروع ڪيائون،
غلام عورتن جا قافلا خليفي جي محل ۾ اچڻ لڳا - راڳ
ساز ۽ ناچ جون قابل، ماهر (Expert) ۽ حسين، عورتن
دربار ۾ قدم رکيو، پرده شروع ٿيو، آخر دور ۾
اغلام بازي شروع ٿي - آخر اُن حڪومت جو زوال آيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان حرمن ۾ گريڪن ۽ رومنس والگر مخنث رکيا ويا، تاڪ عورتن تي پهرو ڏين."

اهي غلام ڇوڪريون ترڪي ۽ آئرلينڊ جي حسين قومن مان گهرايون وينديون هيون. (Muir)

غلامن جي تاجرن جي دڪانن تي اُمير گهڻو ايندا ويندا هئا؛ هڪ غلام ڇوڪري رملا ٠٠٠، ١٠٠ دينارن تي، بي سعاد ٠٠٠، ٩٠ دينارن تي، ٽين زارقه ٠٠٠، ٨٠ دينارن تي وڪرو ڪيون ويون. جن مان آخر ۾ زارقه بصري جي صوبيدار خريد ڪئي. (Khudabaksh)

خليفه مهدي جنهن وقت اڃا وليعهد هو، هڪ غلام عورت ٠٠٠، ١٧ دينارن تي خريد ڪيائين. (Muir)

خليفه يزيد ثاني سڀني کان گوءِ کڻي ويو ۽ اغلام بازي شروع ڪيائين، خليفه هارون الرشيد جي پٽ هڪ حسين ڇوڪرو رکيو، جنهن سان اغلام بازي ڪندو هو ۽ اُن ڇوڪري کي حرم ۾ بند ڪياتين. (Muir)

الهن سڀني ڳالهين عورتن جي حقن کي برباد ڪيو. مسلمان اڳيون شان وڃائي ويٺا، آخر ١٩ صدي جي اواخر ۾ وري مسلمانن ترقي ڏانهن قدم کنيون. جدا جدا ملڪن ۾ جدا جدا مصنف ۽ اهلقلم پيدا ٿيا. هندستان ۾ سر سيد احمد اهو پروگرام هٿ ۾ کنيو ترڪي ۾ سعد پاشا ايجپٽ (مصر ۾) زغلول پاشا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنہ ١٨٩٩ ڌاري قاسم امين بڪ نالي هڪ عالم ہ ڪتاب لکيا آهن . " المراة الجديده "۽ " المراة " جن عورتن جي حقن-لاء وري انقلاب شروع ڪيو- مگر اِنترو ڪامياب ٿي نہ سگهيا .

ترڪيء ۾ حڪومت ٽنگدل طبقہ جي هٿ ۾ هئي. جن کي دنيا جي لاهيء چاڙهيء کان واقفيت ڪانہ هئي- ٽنهنڪري اِهن ترقي ۽ تعليم جي مخالفت ڪئي ۽ عورتن جو لڙائيء ۾ شرڪت لئي اعتراض ڪيو- مگر جلد ئي ڪمال پاشا زور ورتو ، حڪومت روشن خيال طبقہ جي هٿ ۾ آئي ، جن ڪليل دل سان عورت جي عزت افزائي ڪئي ، ۽ قانون پاس ٿيو تہ

١- ١٦ ورهن کان اڳ عمر ۾ ڇوڪرين جي شادي ناجائز قرار ڏني وئي .

٢- ڪثرالازواج خلاف قانون پاس ڪيو ويو.

٣- سول ميرج (Civil marriage) ڪي لازمي (Obligatory) ٺهرايو ويو.

٤- عورتن کي ڪنهن بہ نوڪري ۾ ڏنلدي ڪرڻ جو حق ڏنو ويو. [ ترڪي ۾ ڪيترئي عورتون جج ۽ وڪيل آهن (Economics Dept:) يعني دفتر اقتصاديات جو هيڊ آفيسر هڪ عورت آهي.]

٥- عورتن کي مرد والگر سڀ حق ڏنا ويا - ميمبر ٿيڻ جو حق بہ ڏنو ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦- عورت کي ملڪي ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ڏني وڃي.
٧- پروپئگنڊا رستي پردي کي رخصت ولرائي وڃي.
”انقلاب ترڪي“ ۾ حليده بيگم نالي هڪ عورت خاص حصو ورتو هو، ۽ اخبارنويس هئي- ايران ۾ به پروپئگنڊا رستي پردو لڪري ويو آهي ۽ عورتن تعليم ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي.
ايجپٽ ۾ ١٩١٩ ۾ پردي خلاف تحرڪ هليو ۽ اتان به پردو لڪري ويو آهي، اتان جون عورتون ترڪي ۽ ايران بعد مسلم دنيا ۾ اول آهن.
گذريل مارچ (١٩٤٥) ۾ آل عرب وومين ڪانفرس ڪيرو ۾ ويٺي، اُن فيصلو ڪيو ته عرب عورتن کي پنهنجي ملڪ جي ترقيءَ لاءِ هر قسم جون قربانيون ڪرڻ گهرجن.
هندستاني مسلم عورتن ۾ به ڪجهه سڄاڳي اچي چڪي آهي- غدر (بلوو ١٨٥٧) ۾ جهانسي جي راڻي به قومي جنگ ۾ حصو ورتو- اُن بعد ٥٠ سالن لاءِ هندستان جون مسلم عورتون سڪولن ۾ رهيون.
اُن بعد عبدي بانو بيگم (مولانا محمد علي شوڪت علي جي والده) سياست ۾ حصو ورتو- خلافت هلچل صحيح معنيٰ ۾ هن هڪ نئي عورت شروع ڪرائي.
بيگم حسرت موهاني سياست ۾ چڱو حصو ورتو-

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس کي مضمون " الهلال " ۾ ۽ ڏسڻ ۾ ايندا
بيگم اعزاز الرسول ( يو - پي ) مسلم ليگ جي
خاص ڪارڪن آهي ، مس فاطمه جناح مسلم ليگ ۾
خاص اهميت رکي ٿي - ورڪنگ ڪاميٽي جي
ممبره آهي .

بيگم آء - آء قاضي اعليٰ درجه جي مصوره آهي -
شاعره ۽ مصنفه به آهي ، سندس انگريزي شعر
درسي ڪتابن ۾ پڙهايا وڃن ٿا - سندس ڪتاب
(The Adventures of Brown girl in Search for God
هڪ اعليٰ درجه جو ڪتاب آهي ، سياست ۾ چڱو
مطالع ڪيل اٿس .

جديد عام تحقيق (Re - Searches) ثابت ڪيو آهي
ته ايشيا جون عورتون ، يورپ جي عورتن کان زياده
طاقت ور ۽ مدمغ آهن - مسلم عورتن جيڪي هندستان
۾ خلافت وقت ڪري ڏيکاريو هو ، اهڙو مردن نه
ڪيو - پهنجا سڀ زيور خلافت لاء ڏنائون .
اهڙيون ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون ته عورتن ۾ قومي
روح (National - Spirit) مردن کان زياده آهي ،
رڳو انکي گرمائش ڏيڻ جي ضرورت آهي جا صرف
تعليم جي رستي ڏني سگهجي ٿي .

سر سيد احمد تهذيب اخلاق ۾ مسلم عورتن جو
بيان ڪندي لکي ٿو ته :-

" بلاشڪ اسان جي خوشنصيبي آهي ته مسلمان شريف خاندان جون عورتون مردن وانگر نيڪ، ايماندار، خدا پرست آهن ۽ رنج ۽ مصيبت ۾ صابر آهن. اهڙيون عورتون شايد سڄيءَ دنيا ۾ مسلم قوم جو شان وڌائيندڙ ٿيون ۽ سڄي دنيا ۾ سبقت وٺندڙ ٿيون، خدا جي عبادت، دل جي لڳڪي ۽ انتها درجي والدين جو ادب، شوهر جي محبت ۽ اطاعت، تمام رشته بندن جي الفت ۽ رنج و راحت ۾ انهن سان شرڪت، اولاد جي پرورش ۽ خانه داري جو انتظام، جنهن دل ۽ خاص نيڪ نيتي سان عورتون ڪن ٿيون، بيان کان ٻاهر آهي - نهايت خوشي ۾ نه اهي خدا کي وساري ٿيون ۽ نهايت غم ۾ نه خدا کي وساري ٿيون نه ئي خدا هٿان چيا ڪيون - ٻچن کي ماءُ ماري ٿي ته به ٻچا امان امان پڪاري ٿو - جيڪي مصيبتون هندستان جي عورتن تي اتفاق نازل ٿيون، انهن شڪر، صبر، قناعت ۽ استقلال سان خدا تي ڀروسو رکي سٺيون آهن - اسان جي راءِ ۾ اڄ اسلام جي جا به عزت آهي اها صرف عورتن تي قائم رکي آهي. "

اڄ ڏينهن تائين هندستان ۾ سڀ مسلم عورتون اهڙيون آهن جي لفظ بوسه (Kiss) ٻڌي ڳاڙهيون ٿي وينديون آهن ۽ ڪنڌ هيٺ جهڪي ويندا اٿن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مگر افسوس جو اهي حياءَ ۽ شرم جي صورتن کي دليا کان الڳ ڪيو ويو آهي، مردن اهو وساري ڇڏيو آهي، اسلام چئي ٿو:-

”طلب العلم فريضة علي كل مسلم و مسلمة“

هر هڪ مسلم مرد خواهہ عورت کي تعليم ڏيڻ گهرجي - ڪمن مذهبي، اخلاقي، تواريخي ۽ سياسي تعليم ڏيارڻ گهرجي، ازالسواء اهڙي تعليم ضروري هجي جنهن مان ڪجهہ فائدو نہ ملي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ١٥- ام الخبائث

## عرب

## مغربي عورت

جنهن وقت هندستان ۾ ستيءَ لڪڙي جي رواج جي ابتدا هئي، اُن وقت عربستان ۾ ڇوڪرين کي زنده دفن ڪيو ويندو هو. مگر اها حالت سڄيءَ دنيا لي طاري هئي، ڪنهن به تهذيب، سوسائٽي ۽ مذهب ۾ عورت لاءِ ڪابه جاءِ ڪانه هئي.

چين جا فيلسوف چوندا هئا ته عورت جي صلاح وٺو مگر اُن تي عمل نه ڪيو، قديم هيمنه الجي خلاف ڪئو. سندن اعتقاد هو ته ڏهن عورتن کي صرف هڪ روح آهي.

اٽليءَ وارا چوندا هئا "هر هڪ گهوڙي لاءِ لوڙي اُهو برق رفتار نه هجي، لڪڻ ضروري آهي، ساڳي طرح عورت ڪتي ملائڪ روح نه هجي، ته نه ڪمس صبح وشام گوش مالي ڪرڻ ضروري آهي."

چين ۾ جهان ۾ عورتن کي مندر ۾ وڃڻ جي اجازت نه هئي. ايران وارن عورت لي نالو رکيو "زن" يعني مار، ۽ صبح شام کمس مار ڏيندا هئا.

( زن ڪندا هئا ) . اُن وقت روم جي حالت بيان ڪندي گبن لکي ٿو ته :-

"رومن امپائر جا اُن وقت دنيا ۾ وڏي لمڏن جي مالڪ هئي ، ان تهذيب ۾ عام اعتقاد هو ته عورت کي آزمودگي ۽ اسباب & Experience) (Reason جو معدو (Power) ڪونه آهي - عورت والد جي ملڪيت آهي اُن جي مرڻ بعد سندس وارثن جي زيردست آهي ، شاديءَ بعد مرد جي زير دست ۽ ڪنيزه - خريد شده ڪنيزه کان ڪمس زياده ڪو به حق ڪونه هو - مرد کي حقوق ڏنا ويا هئا ته ان حالت ۾ عورت کي قتل ڪري سگهي ، جڏهن هو شراب پئي يا گود جو پت ولي - عورتن کي ڪنهن به آفيس ۾ نوڪري ڪرڻ جي اجازت نه هئي - عورت شاهد طور عدالت ۾ نه ٿي اچي سگهي ڪو به ماٺهو گود جي ڏيءَ ولي لئي سگهي - ڪابه عورت نه معلم ٿي سگهي ٿي ، ۽ نه ملڪيت رکي ٿي سگهي - عورت جي شادي ١٢ ورهين ۾ ڪرائي ويندي هئي ، عورت سان ٻارن واري هلت ڪئي ويندي هئي - رومنس جو اعتقاد هو ته عورت هڪ بي جان (Life - Less) مخلوق (Creature) آهي مرد کي حق هو ته پنهنجي زال کي وڪرو ڪري سگهي .

ڪثرة الازواج جو رواج هو . سپارٽا ۾ قانون هو ته

جا عورت ناتندرست ٻار پيدا ڪري، اُن کي ماريو وڃي.

يوناني عالم به عورت کي مصيبت سمجهندا هئا. فاحشه (Prostitutes) کان سواءِ ڪنهن به عورت کي عزت ڪانه ملندي هئي، ان ڪري اُهن کانسواءِ ٻين عورتن کي علم کان محروم رکيو ويو. ڪثرة الازواج جو رواج هو. مشهور فلاسافر افلاطون (Plato) جو خيال هو ته عورتن، ٻارن ۽ نوڪرن سان هڪ جهڙي هلت ڪرڻ گهرجي ۽ عورت مرد کان هر هڪ ڳالهه ۾ ادني آهي.

اڄ تائين ڪرسچن چرچ جي شاديءَ جي قانون مطابق عورت کي شاديءَ جي وقت وعدو ڪرڻو آهي ته هوءَ مرد جي هر هڪ حڪم جي بجا آوري ڪندي. اڄ تائين برطانيه جي شاديءَ جي رسمن مان هڪ اِها به آهي ته عورت مرد جو بوٽ لاهيندي آهي. انقلاب روس کان اڳ روس ۾ رواج هو ته ڇوڪريءَ جو والد ڇوڪريءَ کي هڪ چهبڪ ڏيندو هو ۽ چوندو هو ته "اڄ تائين مون هنکي استعمال ڪيو ها، هاڻي تون ڪجان." ساڳي طرح جرمنيءَ ۾ چهبڪ بدران بوٽ جو ٻادر ڏنو ويندو آهي.

جنهن صدي ۾ ڪائونسل آف مئڪن ۾ هڪ بحث سوال اُٿاريو ته عورت انسان (Human Being) به آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گريگري اعظم ڪوشش ڪئي ته چرچ ۾ وهندڙ پريسٽ ۽ بشپ شادي نه ڪن، نتيجو اهو نڪتو جو جنهن وقت چرچ جو تلاءُ صاف ڪرايو ويو ته ڇهه هزار السالي ٻچن جون (Skulls) کوپريون هٿ آيون.

بينيڊڪٽ اٺين ۽ ١٠٢٢ع ۾ فيصلو ڪيو ته پادرين کي جي پار جمن لنڪي پالهو ٻاهر ويو. آخر ١٦٢٥ ۾ جان لمودر ان ڳالهه تي اعتراض ورتو ۽ پادرين ۽ راهبن (Preis's) جي شادين ڪرائڻ جي گهر ڪيائين.

اسلام کان اڳ ڪثرة الازواج سڄي يورپ ۾ چالو هئي. گريڪن ۽ رومنس ۾ ڪثرة الازواج جو رواج هو، مثال طور اسان ڪجهه نالا پيش ڪيون ٿا.

١- ڪلوٽيئر (فرانس جو بادشاهه) ۽ سنڊس پٽ هربيرٽس کي به گهڻيون زالون هيون.

٢- آرلولفس (جرمني جي بادشاهه) کي به گهڻيون زالون هيون. هي ٨٨٨ع ۾ مئو.

٣- فريڊرڪ، بارلوسا ۽ فلپ (فرانس جي بادشاهن) کي به گهڻيون زالون هيون.

٤- فرلڪس، گالٽرن، ڪاربرٽ، سگ برٽ ۽ چلپرڪ کي به گهڻيون زالون هيون.

جان ملٽن، فادر ڊنيمل، جرمن ريفارمر آگسٽن ۽ هٽلن جو رايو آهي ته ١٦ صدي تائين يورپ ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

" صبح هوندي هئي شام هوندي هئي
زندگي يون هي تمام هوندي هئي "

ڏسو لنڊن شهر ۾ ٨٠،٠٠٠ پيشه ور عورتون آهن، جي بغير لائسنس جي اهو ئي پيشو ڪن ٿيون. انهن مان گهڻو تعداد انهن جو آهي جي وحدت الازواج (Monogamy) سبب ناڪام ويون آهن. يورپ ۾ حقيقي معنيٰ ۾ وحدت الازواج (Monogamy) آهي ئي ڪانه. ڇا وحدت الازواج (Monogamy) جي اها معنيٰ آهي ته هڪ حقيقي زال هجي ان کان علاوه ٢٠٠ سريتون يا داشته عورتون (Mistress) رکڻ جو حق به حاصل هجي؟ (عبدالماجد دريا آبادي)

عيسائيت مغرب ۾ جيڪا به ترقي ڪئي آهي، سا عيسائيت جي برباد ٿيڻ بعد. تاريخ شاهد آهي ته ڪيترن ڪيترا راهب ۽ پادري قتل ڪيا ويا ڇو ته انهن لئين تهذيب برباد ڪرڻ لاء ارادو ڪيو هو.

ڪرستان جي خرابين جي اها حد هئي جو الهندو اعتقاد هو ته عورتون ڏائڻيون به ٿي پونديون آهن، ۽ جنهن عورت ۾ شڪ هوندو هوَن انکي درياه ۾ لوڙهيندا هئا، جيڪڏهن ٻڏي وئي ته ڏائڻ نه آهي جيڪڏهن بچي وئي ته ڏائڻ آهي، پوءِ ان کي جيرو جلائيندا هئا! (History of Intelectual devolopement of Europe) ڪوڪ، بيڪن، شيڪسپير ۽ بادشاه جيمس پهريان جو به ڏائڻن ۾ اعتقاد هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ ثابت ڪندي ته يورپ جي تهذيب جو بنياد اسپين ۾ مسلمانن وڌو، جنهن وقت ڪرستان ظلمت ۽ جهل ۾ غرق هئا. ڪرستان بشپن ۽ پريسٽن (ملن) ڪيترن ماڻهن کي قتل ڪرايو، جن ليون کو جاڻون ڪيون يا حقوق عورت لاءِ علم بردار ڪيو.

ڪرستان مرد خواه عورتن ۾ اسلام ڪان اڳ اهڙا ڀرم يا سنسا هئا جو اُنهن جي آڏو اسباب (Reason) کي ڪاٻه وقعت ڪانه هئي.

اسپين مان مسلمانن کي ڪڍيو ويو. اُنهن جون لئبرريون جلايون ويون. يورپ سڄو اُنهن جي سياسي ترقي لي قدم بقدم هلڻ لڳو. ان ڪري سياست اُنهن جي پلي پئي مگر اخلاق صفا ڪري پيو. مغرب ۾ هن وقت شادي شده عورت لاءِ ڌاريي مرد سان جماع اينٽرو نئچرل (قدرتي) ليکيو ويندو آهي جيترو مشرق ۾ اَن نئچرل (خلاف قدرت) ليکجي ٿو.

موجوده تهذيب يورپ عورت کي اها جڳهه ڏني آهي جو عزت ور ۽ مهذب (سدريل) ماڻهن جون زاليون ۽ ڌيئرون ۽ ڌيون عوام ۾ حسن جي نمائش لاءِ اظهار ڪن ٿيون. اخبار ڪٺو، طلاق جو رڪارڊ ڏسو. معلوم ٿيندو ته برابر يورپ جي معاشرتي زندگي ۽ حقوق نڪاح جي ارمانن ڪيترو شرمنده ڪيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٽڪل ٧٠ سال اڳ انگلنڊ جي عورت جو ملڪيت
تي حق تسليم نه ڪيو ويندو هو. اڄ ڏينهن ڪيترا
اهڙا عهدا آهن جي عورت کي ملي سگهن.

يورپ ۾ طلاق هڪ بازيچو وانگر ٿي پئي آهي.
عورت ۽ مرد جڏهن هڪ ٻئي کان ڪڪ ٿين ٿا ته
ٻنهي طرفن جي رضامندي سان طلاق ڏني ويندي آهي،
مگر ڪيترائي ته طلاق اٽڪڻ موجب طلاق هٿ ڪرڻ
جا اخراج وڏا آهن، جي غريب ڏئي نٿا سگهن، ۽
شاهوڪار ڪورٽن ۾ پنهنجي بيشرمي ظاهر نٿا ڪرڻ
گهرن، انڪري شوهر ۽ بيوي هڪ ٻئي کي اجازت
ڏئي ڇڏين ٿا ته پنهنجي زندگي ڪنهن ٻئي جي
حوالي ڪن. مرد پنهنجي بيوي کي اغيار جي حوالي
ڪري، سندس بيوي سان محبت جو پالڻ پئي ٿو.

عورت جي يورپ ۾ ڪهڙي حالت هئي. تنهنجو
اندازه ڪتاب (Subjection of Women) يعني
”محڪوميت نسوان“ مان پتو پوي ٿو. جو ن
نيپولين چوندو هو ته عورت کي ڪا عزت آهي
نه پوزيشن (درجو) ۽ نه رتبو (Rank). لارڊ بائرن
جو هڪ اعليٰ درجي جو شاعر هو، اُن جو قول آهي
ته ”عورت کي گهر کان ٻاهر نه ڪڍجي، اُن کي صرف
مذهبي تعليم ڏجي. مگر لٽريچر ۽ سياست کان
دور رکجي.“ (Nepolian The great)

خود جان جاڪ روسو جو هڪ وڏو انقلابي هو
اُن جو چوڻ آهي ته "عورت ڪي ته آرٽ لاءِ چاهه آهي
نه موافق علم آهي نه وري بخت" (Biography)
شيڪسپيئر به چيو (Frailty Thy Name is Woman)
"عورت جو ٻيو نالو دغاباز آهي"

هائي زياده ماڻهن جا اقوال بيان ڪري اسان
پڙهندڙن کي تڪليف ڪانه ڏيون ٿا، صرف ايترو چوڻ
ئي ڪافي آهي ته يورپ عورت کي هر حق کان
محروم رکيو.

جديد يورپ ۾ اها حالت آهي، جو والدين
نوجوانن کي (جنکي هو بيشرمي وچان (Social butter flies)
يعني "معاشرتي ڪڙ ڪيٽتو" ڪوٺين ٿا) اجازت ڏين ٿا
ته پاڻ هو سندن ڏين سان جام محبت ڪن - والدين
صرف ان انتظار ۾ رهن ٿا ته ڪڏهن ٿي هنن جي
شادي ٿئي - يورپ اُن تي فخر ڪري ٿو ته اهي
"معاشرتي ڪڙ ڪيٽتا" هڪ گل تان اُڏي ٻئي تي وهن
۽ اُن اڏ ڙ ڙ ڪڙي جو پاڪ ۽ منو خون چوسي وٺن -
هر هڪ گل تي وهندي اُنکي ٻهرين گل جو
خطاب ڏين.

ڪنوار يون مائر (Un - married mothers)،
وار بيبيز (Warbabies) ۾ عورت جي عزت آهي ڇا؟
اها به عورت جي عزت آهي ڇا، ته شوهر جڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميدان جنگ ۾ وڙهڻ وڃي ته اُنکي جدائيءَ لاءِ اضافو (Separation Allowance) ڏنو وڃي ته پڻ زال جي غير موجودگي ۾ تڪليف محسوس نه ڪن. پلا اها عورتن جي عزت آهي ته عورتون هڪ خاص قسم جا ڪتا ڌارين جن سان محبت ڪن. اها قوم ته عورت کي عزت ڏني ٿي جا مادريت (Mothr Hood) کي عزت ڏني ٿي. فادر الديا جو مصنف لکي ٿو ته " آمريڪا ۾ اهڙي هڪ به عورت ڪانه ملي سگهندي جا شاديءَ کان اڳ پاڪدامن رهي هجي." انهن مان سگهجي ٿو ته اهڙيءَ تهذيب وارن کي مادريت (Mothr Hood) لاءِ عزت آهي.

يورپ اسلام تي الزام مڙهي ٿو ته مسلمانن کي هڪ هٿ ۾ قرآن ٻئي ۾ تلوار هئي. مگر يورپ لاءِ انهن مان سگهجي ٿو ته انهن کي هڪ هٿ ۾ مشين گن ٻئي هٿ ۾ شراب جي بوتل ۽ اکين ۾ بيشرمي آهي ۽ هو اسلام جي تبليغ جي عوض برٿ ڪنٽرول جي پڪڙن جي تبليغ ڪن ٿا، جا سندن تهذيب جي خاص خاصيت آهي.

سرڪاري ڪميشن مان معلوم ٿئي ٿو ته ١٨٣٦ کان ١٨٨٠ تائين زنا ٽوڻي دفعا وڌي. هن وقت سال بسال اها سؤ في صدي ڪڏهن وڃاج جي اڳهه سان وڌي ٿي. امراض عضوع مخصوص جو الداز وڌي رهيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خود عورتن کي پنهنجي لاءِ عرض ڪار آهي. سگريٽ ڇڪڻ لڳيون ۽ شراب پيئڻ لڳيون. عورتن جي حيا ۽ عصمت جي قيمت صرف هڪ بي قيمت جواهر آهي. اعليٰ طبقي جي ريسٽورينٽ ۾ گراهڪن جي ڪشش لاءِ خوبصورت ڇوڪريون رکيون وڃڻ لڳيون. اعليٰ دڪانن ۾ به انهيءَ اصول تي ڇوڪريون ڪم ڪرڻ لڳيون، نتيجو ۾ اڌ اگهاڙيون نوجوان ڇوڪريون رکيون وڃڻ لڳيون، جن جي ڪشش لباس ۽ نظرن وڏن لارڊن کي به پنهنجو شڪار بڻايو آهي. مرد کي عورت جي عصمت ناس ڪرڻ تي ڪا به سزا ڪانه ٿي ملي سوا چند ٽڪن جي ڏنڊن جي، جي هو ڇوڪريءَ کي بطور بخشش ڏئي ٿو. بيحيائي ڪو به جرم ڪونه آهي، حڪومت طرفان ان جي قيمت مقرر ٿيل آهي. شوهر کي فخر ٿيندو ته ٻيا هن جي بيوي حسن، جمال ولباس ۾ عوام آڏو نمائش ڪري. هو انهن سمجهي ٿو ته سندس بيويءَ ملڪيت والڪر سندس بيوي جي تعريف ٿي رهي آهي.

جتي نه ڪالدار بهترين چمڙو پبلڪ جي نمائش لاءِ شوڪيس (نمائشي ڪئبنيٽ) ۾ رکي ٿو، اهڙيءَ طرح مرد پنهنجي بيويءَ کي بهترين لباس ۾ نمائش ڪري ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنيما جي اولڌ ۾، اُلهن گنهگارن لاءِ اجهو آهي.
هائوس ۾ پڪچر جي انڪٽنگ سان گڏ انڪٽنگ شروع ٿئي ٿي. "لنگا سوسائٽي" ٻرپا ڪئي وئي آهي - مرد ۽ عورتون لنگا ڪن خاص ٻارڪن ۾ گهمندا ڦرندا وتن ۽ ٻيا وري اُلهن جي ديدار لاءِ ٽڪيٽون خريد ڪري گئلري مان نظارہ ڏسن . گذريل ۴۰ سالن ۾ ڄمر جي رفتار ۵۰ سيڪڙو گهٽي آهي - ٻار ڄمائڻ هڪ معمولي ڳالهه آهي، مشرق ۾ مردن کان عورتون ٻارن جون زيادہ خواهان آهن، عورتون ٻار جي ڄمڻ کان اڳ، اُن جا ڪپڙا تيار ڪنديون آهن - مگر مغربي عورتون اعلان ڪنديون وتنديون آهن ته:- "مون فيصلو ڪيو آهي ته ٻار ڪوڙ پيدا ڪنديس ڇو ته ٻار خسارہ (Nuisance) آهن - ازالسواء مونکي ٻارن پالڻ جو وقت ڪوڙ آهي." سوسائٽي اُلکي پيغام مبارڪباد ڏني آهي، اهڙي اعلان تي جو اعتراض ڪري، سو لنگ خيال سڏيو وڃي.

چيو وڃي ٿو ته مغرب ۾ شادي ٻنهي ڌرين جي محبت تي ٻڌل آهي - مگر حقيقت هن ريت آهي ته شادي صرف پيسي ۽ پوزيشن (درجي) تي ٻڌل آهي - عورتون چاهين ٿيون ته انهن جي عزت هجي، نام هجي ۽ لباس هجي، باقي ٻيون خواهشون سي هوٽلن جي ڪئبن ۾ ته پوريون ٿي سگهن ٿيون ۽ سنيما جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريڪيءَ ۾ ٻه . ان ڪري شاهوڪارن جي گهرن جون ڪنيزه ٻنجو رهن .

يورپ ۾ عورتون آرٽيفشل ( بي قدرتي ) يا هتراد و زندگي بسر ڪن ٿيون - زندگيءَ ۾ ڪڏهن دل وجان سان لتمون ڪلن - هر هڪ ماڻهو آڏو ، هر هڪ چيز آڏو هنکي خاص رواج مطابق هلڻو ٿو پوي . جيتوڻيڪ اُهن مان گهڻا رواج (Formalities) غلط بيمعنيٰ ۽ بيوقوفانه آهن - عورتن جو جسم آرٽيفشل (هتراد و) آهي - وار ، ڏند ۽ شڪل سڀ هتراد و آهن جيتوڻيڪ سندس جواني ختم ٿيو وڃي ، ته به چاهي ٿي ته مولکي (Sweet Seventeen Unkissed.) ( سترن ورهن جي دوشيزه جنهن کي بوسي جي ذائقي جو به پتو نه هجي . ) سمجهيو وڃي . درحقيقت اهڙي عورت سچي يورپ ۾ ملڻ مشڪل آهي - يورپ جي عورت لاءِ ان کان زياده ڪابه بيعزتي ڪانه آهي ، جيڪڏهن ڪمس ٨٠ ورهن جي عمر ۾ مرد جي بستره تي پوڙهي ڪوٺيو وڃي - ٻار والد ٻڪن سان والد ڪن پر عورتون آلمه سان ٻالد ڪن - بي مطلب فلم جن کي اخلاقي ۽ تعليمي ڪابه قيمت ڪانه آهي ، اُهن کي پسند ڪيو ٿو وڃي .

مگر علوم جي حيرت انگيز ترقيءَ مغرب جي معاشرت جي عيبن تي پرده وڌو آهي ، ۽ مغرب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي برائين کي ٻ ڪيو آهي - مگر هن وقت توهان
معاشرتي تهذيب جي تصوير جو ٻيو رخ ڏسي چڪا -
اهو يورپ جنهن جي ادا ۽ آواز هندستان جي هر
آدميءَ جي دل ۽ دماغ ۾ رشڪ تقليد جي جذبات
جا تموجات پيدا ڪري ڇڏيا آهن - توهانکي هن وقت
معلوم ٿيو ته يورپ جو دنيا کي تمدن ۽ علوم جو
سبق ڏئي ٿو سو خود اهڙي سخت ۽ لاعلاج اخلاقي
مرض ۾ مبتلا آهي ، جو ان جي زندگي جيتري تمائشي
نظر اچي ٿي ، حقيقي آرام ۽ معاشرتي راحت جي ميدان
۾ اوتري وحشي آهي - توهانکي هن وقت معلوم
ٿي چڪو هوندو ته متمدن يورپ خلقت انساني جو
هڪ بدترين ۽ مڪروه ترين نمونو آهي .

# ١٦- وچ ايشيا ۾ مسلم عورت جي حالت

## (چيني ترڪستان، روسي ترڪستان، ايران ۽ ڪوهه ڪاف وغيره)

هي ٽڪرو عجيب وغريب دورن مان گذري چڪو آهي، اسلام کان اڳ چيني تهذيب ۽ ايراني تهذيب جو انهن حصن تي خاص اثر هو. اسلام جي ابتدائي دور ۾ ايران ته مسلمانن جي زيراثر ٿي ويو، مگر باقي حصا تاتارين جي قبضي ۾ هو. تاتارين اسلام قبول ڪيو، خلافت عباسيه ڊهڻ بعد تاتارين چڱو زور ورتو، هندستان ۾ به پهچي ويا جتي مغل حڪومت برپا ڪيائون، ان ڪري جنهن هيٺ ڏيکاريو ويندو ته مغلن جي زماني جو هندستان جي مسلمانن تي اثر چڱو آهي، تنهن جو تولد اصل کان هن بلاڪ ۾ پيو هو. تاتارين بعد هي حصا بعضي خود مختيار بعضي روشيا جي زيراثر رهيو آهي. انڪري هتان جون حالتون بلڪل نراليون آهن. رسمون رواج، علم ادب هڪ خاص آهي جو عورت جي حقيقي

پرزيشن اظهار ڪري ٿو. روسي ترڪستان ۾ عوام
ڀاڪا آهن ته :-

١- عورت کي صرف ٻه دفعا ٻاهر ڪيو، هڪ
جنهن وقت نڪاح جي ٻنڌڻ ۾ وجهي گهر ۾ داخل
ڪيوس، ٻيو جڏهن سندس جنازه گهر کان ٻاهر
ڪڍيو وڃي.

٢- ڪتي کي مار ته صاف لڳي. عورت کي مار
ته ڪرد مند لڳي.

٣- عورت ڏيکڙي آهي، جيڪي وجهيس
سو ٿڪي.

٤- ته ڪڪڙ ني جانور آهي ۽ نه عورت انسان.

٥- اڪيلائپ بد نصيبي آهي؛ مگر عورت جي
موجودگي ڏوڻي بد نصيبي.

٦- آءٌ پنهنجي بيوي کي دل وجان سان پيار
ٿو ڪيان، مگر ڪنٽالس شير واريون اکيون ٿو.

٧- گڏه، عورت ۽ اڙٻل جي وڻ کي مار ته
ڪم ڏني.

شوهر کي منع آهي ته بيوي طرف ليئين ته ڏسي
جنهن رسم نڪاح ادا ٿيڻ بعد کين (Marriage chamber)
آرام گاه ۾ داخل ڪيو وڃي. ان ڪري گهٽيون
دغائون ٿين ٿيون. شوهر جي عزيزن کي شادي
کان اڳ هڪ ڇوڪري ڏيکارين، شادي ٻيءَ سان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرائڻ جا بدشڪل هجي، يا ڏيڻ بدران لوڪرياڻي سان شادي ڪرائي ڇڏين، وغيره :-

پردو نه اصل رشما ۾ نه هو جو ١٦ صدي تائين عام هو- اُن جو اثر نه هنن حصن ۾ نه پيو. پردو عام هو مگر ٢٠ سال کن ٿيا نه اهو لڪري ويو آهي. اڄ ڪان ويهه سال اڳ جو نقشو هيٺ ڏنو ٿو وڃي.
عورتون پردو ڪنديون هيون، جنهن جو مثال حصن گهوڙي جي وارن جو ٿلهو هو ۽ هنيون حصن (Shape - less) ڪپڙي جو جنهن مان عورت جي عمر جو پتو معلوم ڪرڻ دشوار هو- مرد گڏو تي سوار ٿي وڃي رهيو آهي، عورت پويان پنڌ، ۽ ڪجهه مفاصلي تي. عورت نه گهوڙي تي سواري ڪري نه ڪنهن ٻئي جانور تي.

منجهن شادي مذهبي بندش نه هو بلڪ ڏيتي ليتي لکو هو (Pure Commercial Contract). عورت کان نڪاح جي اجازت وٺڻ لاءِ ملان وڃي ٿو، سو نه پنڌ تي ڪمري جي ٻاهر ٻيهي پڇي ٿو؛ عورت جي روئڻ تي، يا جواب نه ڏيڻ تي، اُن کي نه اقرار ۾ داخل ڪيو ٿو وڃي، ڪن حالتن ۾ عورت جا والدين سندس عوضي ٻيهي قبوليت ڏيندا آ- ڪمسن شاديون، ڪمسن عورتن ۽ پوڙهن جون شاديون مروج آهن- شادي پيسا ڏيئي ڪئي وڃي ٿي، اهو

رواج درحقيقت خلافت عباسه جي زماني ۾ شروع ٿيو، ڇو ته خليفه حسن د وشمزه پسن لي خريد ڪندا هئا، خاص طرح پاهرين ملڪن مان، ۽ غلام عورتون به خريد ڪندا هئا. ڪثرة الازواج عام هئي.

ألهنڪي تعليم ڪاله هئي، زياده ڪان زياده قران شريف بغير هڪ لفظ سمجهڻ جي پڙهي ويندي ون هيون، عورتن کي ناپاڪ ۽ غليظ سمجهو ويندو هو.

عورت سان مرد ملڻ وقت ڪڏهن به هٿ نه ملائيندو هو. ۽ مجبوري حالت ۾ يا عورت هٿ ڍڪيندي هئي يا مرد، مرد مرندو هو ته زبردست لموني ۾ ماتم ڪيو ويندو هو، مگر عورت جي موت تي ماتم هڪ خراب ڳالهه سمجهي ويندي هئي.

بي اولاد والده کي ڪنهن به مقبره يا مسجد ۾ وڃڻ جي اجازت نه هئي، اهڙي عورت مرد کي ٻي زال هٿ ڪري ڏيڻ ۾ خود مدد ڪندي هئي. عام ٻهاڪو هو ته "بي اولاد والده ڪان خدا جي لعنت آهي" (نعوذ بالله)، ماهواري جي عرصي ۾ عورت گهر ڇڏي ويندي هئي. ۽ ٻم گهر ٻوٽ ڪان دور هڪ ٻگل اولداهي جاء هوندي هئي، جتي عورت وٻم ڪان ٻه هفتا اڪ وڃي رهندي هئي. جيڪڏهن اهڙي بد جڳهه ۾ عورت فوت ٿي ويندي هئي ته شوهر ٻاڻڪي دلاسي ڏيڻ لاء

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چولڻ وهر تہ ” آخر پرائي ڌيء هئي “ . مڙ وانيفري
جو ٽالو ڪونہ هو. ڌيء جو ٽولڻ هڪ بي لوج ڳالھ
سمجھي ويندي هئي ، ڇاڪ والده لاء اهو ماتم جو
ڏينهن هو ، پاڙيسري اُن سان همدردي ڪرڻ
ايندا هئا ۽ ڪو عرصہ عورت جي بد نصيبي جون
ڪهاڻيون ياد ڪندا رهندا هئا ، اُنان جا عام پهاڪا هئا :-

۱- سون جي منهن واريء عورت ڪان پتل جي
منهن وارو مرد بهتر آهي .

۲- عورت هدا (Chastise - ment) آهي .

۳- ڇوڪرين کي پالڻ ڪان ڪمن سمنڊ ۾ لوڙهڻ
بهتر آهي .

۴- پٽ دعا آهي ڌيء مصيبت آهي .

۵- ڇوڪرين کي پراون لاء پالجي ٿو .

۶- هو اهڙو غمگين نظر اچي ٿو ڇاڪ کيس ڌيء
جائي آهي .

۷- ڌيء والدين لاء شيهي ڪان بہ ڳرو بار آهي .

۸- جنهن ماٽهو کي ٽي ڌيرون هجن ، اُن جي منهن
صبح جو نہ پئجي .

(Buriat Mogols) پهنجي ڌين کي لڪو ٽالو ڏين ،
تہ ڪمس سندس شوهر جي ٽالي سان سڏين .

هڪ ترڪي ڪهاڻي آهي تہ هڪ بادشاه ويس
بدلائي ڪنهن ڳوٺ ۾ آيو هڪ سوناري ڪان ڪي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال پڇيائين ته تنهنجي ڪمائي ڇا آهي. اخراج ڇا
آهي وغيره. جواب ڏنائين ته ٥ سڪ ڪمايان ٿو
هڪ قرض ڏيان ٿو، ٻيو خيرات ڪيان ٿو، ٽيون ۽
چوٿون ٻاڙ ۾ زال لاءِ، پنجون بي تري ڪوه
(Bottom Less Well) ۾ اڇلايان ٿو. بادشاهه پڇيو
ته اهو ڪوه جنهنکي ترو آهي ئي ڪونه سو ڇا آهي،
چيائين ته ڌيءُ جنهنکي پراون لاءِ پالي رهيو آهيان.

عورت لاءِ جي الفاظ ڪم آڻين ٿا تن جي ادبي
معنيٰ آهي. ١- غلام ٢- (Concubine) ٣- زن
٤- زال جو عضوو مخصوص ٥- مار ڏيڻ ٦- ڇتن ڏينهن
جي مهمان. ڌيءُ جي ٿولد لاءِ روسي ترڪستان ۾
جو لفظ آهي ان جي معنيٰ آهي "لنڊي ڪنيزه".

ٻيو ته ٿيهو ٻه ٻارن جي حساب ۾ به تفاوت رکيو
وڃي ٿو. پٽ حساب ڪري ته ان لئي صرف واري
هاري وڃي، پر ڌيءُ جي حساب ڪري ته ان هند
کي خاص سنڀال سان صاف ڪيو ٿو وڃي. ڌيءُ
جي پالنا، تعليم ۽ لباس ڏانهن ڪو به خيال نٿو ڏنو
وڃي. پٽ جي ٻچڪي کي لولي ڏيندي والده
چوي ٿي ته منهنجا مالڪ، منهنجا بادشاهه، مگر
ڌيءُ کي لولي ڏيڻ ئي معيوب ليکيو وڃي ٿو. انهن
ملڪن ۾ مسلم عورتن جو تعداد مسلم مردن جي تعداد
جو $\frac{4}{5}$ حصه لاچار ٿيندو. اڄ ڪان ٢٥ سال اڳ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦ ورهين جي عمر ۾ ڇوڪرين کي گهرن ۾ قيد ڪيو ويندو هو. ڇوڪريءَ کي، پنهنجي والده سان گهر جي هر ڪم ۾ شريڪ ٿيڻو هو. مگر سندس هر عمر ياتر والدين ۾ مشغول هوندا هئا. ڪم سن ڇوڪرين جي شادي ڪرائي ويندي هئي، مشهور پهاڪو هو ته "ڇوڪري جيڪڏهن ٻڄن واري ٽوپي جي ڏڪ سان نه ڪري، ته هو شادي جي عمر کي پهچي چڪي."
اُن رواج ڪري عورتن جي تندرستي کي ڏاڍو ڏک لڳو ۽ ڪين ڪيترا مرض (Nervous diseases) ٿيڻ لڳا. عورتون ٣٥ ورهين جي عمر ۾ بلڪل پوڙهيون ٿي ٿي ويون.

عورت کي هڪ ملڪيت والگر ملڪيت سمجهو ويندو هو عام طرح عورتن جي قيمتن ٿي سٽا لڳندا هئا. ترڪش پهاڪا آهن.

١- اڌ سهالڪا زالون مهالڪيون.

٢- ڇوڪري پرائي (Foreign Commodity) آهي.

٣- شوهر جي (Chattel).

٤- (ڇوڪريءَ کي ڏسي چولدا هئا) هي ڪنهن جو مال آهي.

٥- نه ڳانءِ پنهنجي چرڻ لاءِ ميدان چولدي سگهي ٿي، نه عورت پنهنجي لاءِ شوهر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦- لوهاڻ گهوڙو مفت ڏني سگهو ٿا پر عورت صرف وڪري سگهو ٿا

عورتن جي قيمت هئي اَٺن جي پڌ (تقريبا ٣٦٠ روپيه) ۽ ڪهن وڪرو ڪيو ويندو هو، ته سهي جي ڪل جي چوٿين پر ويڙهي جڻ ٻار سل آهي- عورت جي قيمت جو مدار سندس جواليءَ، حسن ۽ خالدان تي منحصر هو، مگر گهٽي پر گهٽي قيمت ٢٠٠٠ روپيه هئي- عام طرح نقد پيسا نه ڏنا ويندا هئا، مگر عورت جي عوض ڪجهه ريڍون، گهوڙا، ٻڪريا، اُٺ ۽ ٻين ڍڳيءِ ڏنا ويندا هئا- ڪن هند مرد کي زال وانگر لاءِ سهري ۾ وقت ڏهن کن سالن لاءِ نوڪري ڪرڻي پوندي هئي- مرد عوام پر چوندا هئا ته:-

”ڪراڙ کر هڪ زال نه ائي جنهن وقت وٺيم اوسه ڏ ٻالس، جنهن وقت وٺيم جوتا لڳايالس.“

ڪاڪيزس جي ترڪن پر نه اُها رسم هئي ته عورت سان شادي ڪري ڪجهه عرصه بعد طلاق ڏني ٻئي ماڻهو سان گهري رقم تي وڪرو ڪري ڏيندا هئا

عورتون نه صرف وڪرو ٿينديون هيون، بلڪ عورتن کي سودو (Bargaining) ڪيو ويندو هو. ڪيترا ماڻهو پنهنجي ڌيءَ يا ڀيڻ وغيره ڏئي ٻاڻ پنهنجي شادي ڪرائيندا هئا- ان سوداگري جا اهڙا

مثال موجود آهن، جو ٻن ورهن جي ڇوڪر جي ٢٠ ورهن جي عورت سان شادي ڪرائي وئي هجي. ڪيترا جاهل خوش ٿيندا هئا ته اسان کي ڏيج جاني آهي جا وڏي ٿيندي ۽ وڪري مان جام پيسا ملندا سون.

شادي جو هڪ ٻيو طريقو وچ ايشيا ۾ نظر ايندو هو، جيڪڏهن ڪو ماڻهو رقم ڏئي ٻيو خريد نه ڪري سگهندو هو ته عورت کي زبردستي کڻي ويندو هو، مگر ان ڳالهه لاءِ قوة اراده، همت، طاقت، مردانگي ۽ بهادري جي ضرورت هئي. ازالسواءِ لازم آهي ته عورت خود کڻڻ واري مشهور هجي. پوءِ هڪ ٻئي جي رضامندي سان ڀڄي ويندا هئا.

مگر هڪ زياده رواج ۾ آهي ته ڪيترا وري اهڙا ۾ مثال ملندا جو جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي ڪا عورت پسند هئي ته ڪجهه دوست ساڻ ڪري رستي تي لڪي ويهندو هو ۽ جڏهن اها عورت اتان لنگهندي هئي ته اُن کي زوري کڻي ويندو هو. جڻ ته مال غنيمت هٿ ڪيو اٿس. آخر مجبورن ٻنهي جا والدين رضاالام ڪندا هئا، هي رواج ڪاڪيزس جي ترڪن ۾ عوام هو. اهڙن حالتن ۾ گهڻو ڪري عورت شادي جي خلاف هوندي هئي، مگر ان هوندي به شادي زبردستي ڪرائي ويندي هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورتن کي ننڍي هوندي مرد جي غلامي ڪرڻ
جي تعليم ڏني ويندي هئي. بلوغت جي وقت کان اڳ
شوهر هجڻ نه ڪرڻ اُدليءِ ذلت سمجهي ويندي هئي.
عام پهاڪو آهي ته:-

” چڱي والده کان بد شوهر بهتر آهي. “
” اهو خراب آهي جيڪڏهن شوهر جي ڪنيزه
جي خدمت نه ڪجي، يا ماتا (Small - pox) وٺي وڃي؛
پر اُهو بدترين آهي جو زندگي ۾ رفيق حيات نه ملي. “

بيوه جي شادي ۾ معيوب سمجهي ويندي هئي،
زياده ۾ زياده فوتي جي ڀاءُ سان سندس شادي
ڪرائي ويندي هئي.

مرد کي خدا ڪري سمجهيو ويندو هو. ترڪن
جو پهاڪو آهي ته:-

” عورت کي ٻه خدا آهن، هڪ وڏو خدا
( خدا تعاليٰ ) جو عرش عظيم تي آهي، ٻيو
ننڍو خدا جو فرش تي آهي “

عورت کي منع ٿيل آهي ته ٻين جي روبرو شوهر
سان گفتگو نه ڪري. جيڪڏهن عورت ٻاهر وڃي
ته پردو ۾؛ جيڪڏهن سندس شوهر ڪنهن سان
گفتگو ڪري ته عورت منهن ديوار طرف ڪري بيهي.
عورت ۽ مرد هڪٻئي جو نالو ڪٺي هڪٻئي کي نه
پڪارين. اڪثر هڪٻئي تي عجيب و غريب نالا ڏين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثلا گهر واري (House wife). فلاڻي جي ماءُ ......
يا قيدي ، ڪنيزه ، بولندا جانور (Speaking animal).
ٻاهر لڪرن نه. پرده ۾ ، جو درحقيقت هڪ متحرڪ
اولاهي ڪوٺي آهي. عورتون ۽ مرد ڪڏهن به گڏ
نه کائين ، مرد کائي بس ڪن ته عورتون اُنهن جي
اوبر کائين. پنهنجي شهري سان به نه ڳالهائيند يون
هيون. بيمار ٿينديون هيون ته زياده ملان کي
تعويذ ۽ ڦيڻي لاءِ گهرايو ويندو هو. درحقيقت
وچ ايشيا ۾ جا عورت جي حالت هئي ، سا هندستان
کان به بدتر هئي ، اُن جو اندازه سندن علم ادب مان
لڳائي سگهجي ٿو. سندن عورت بابت پهاڪا آهن ته:-

١- ٤٠ عورتن کي هڪ لنڊي ڪڪڙ کان به گهٽ عقل آهي.
٢- عورت بي شوهر ، مثل اسپ بي زين.
٣- عورت بيعقل آهي.
٤- عورت کي ٣ دفعه روزانو مار ، مگر جيڪڏهن ڪم طاقت آهين ته ڪم از ڪم جنهن زمين تي ويهي، اُنکي مار.
٥- عورت جي هڪ دغا کي ٤٠ اُٺ نه کڻي سگهندا.
٦- ڏه عورتون هڪ ڪڪڙ برابر آهن ، ۽ ڪڪڙ کي جي عقل هجي ته ٻانگ نه ڪاني.
٧- لنبا وار ننعقلي جا يار.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- گهوڙو ۽ چڱو ڪاڌو ڪاڻي نہ خدائي رحمت
عورت چڱو ڪاڌو ڪائي نہ الاهي رحمت.

٩- مومن کي ملان سان مشورہ ڪرڻ گهرجي، ملان نہ هجي نہ والد، برادر، چاچي، مامي، پاڙيسريءَ سان مشورہ ڪري، اهي بہ نہ ملن نہ زال سان مشورہ ڪري، مگر انجي صلاح جي خلاف عمل ڪري.

اٽڪل ٢٥ سال اڳ سڄي وچ ايشيا جي اها حالت هئي، مگر هن وقت حالتون بدلجي چڪيون آهن. ترڪي ۾ مصطفيٰ ڪمال اچيون سڄو سرشتو بدلائي ڇڏيو. ايران ۾ رضا شاہ پهلوي، روسي ترڪستان، چيني ترڪستان، ڪوہ قاف رشيا جي اثر هيٺ سڌري چڪا آهن. تعليم ۽ پروپئگنڊا سڀ خرابيون دور ڪيون.

١٩٢٣ع ۾ رشيا جي خانہ جنگيءَ ۾ ٽي ڪنٽر لکن مسلم عورتن حصو ورتو. ١٩٢١ع ۾ ترڪي جي لشڪر ۾ پڻ ڪن ترون عورتن حصو ورتو هو.

رشيا جي گورنمينٽ، ترڪيءَ ۽ ايران ٽنهي قاعدا پاس ڪيا جي هيٺ ڏانل آهن.

١- ڪو بہ ماڻهو پيسا ڏئي شادي نہ ڪري سگهي.

٢- ڪنهن بہ عورت جي والدين سندس مرضي خلاف شادي ڪرائي نہ سگهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۳- شادي لاءِ عمر مقرر ڪئي وئي ، ۽ روشيا يا ترڪي ۾ ۱۶ ورهن کان ڪم عمر ڇوڪري ۽ ۱۸ کان ڪم عمر ڇوڪرو شادي لئا ڪري سگهن.

۴- ڪثرة الازواج خلاف ترڪي خواه روشيا قانون پاس ڪيا. ايران خواه ترڪي ۽ روشيا ۾ سڄو سدارو تعليم ۽ پروپئگنڊا رستہ ڪيو ويو- روشيا ۾ نہ اهڙا ڊڪان ۾ کوليا ويا جتي مرد لئا وڃي سگهن. روشيا ۽ ايران ۾ دايہ گيري ۽ ٻچہ پرورش لاءِ خاص تبليغ ڪئي وئي- مگر ترڪيءَ نہ خاص قانون پاس ڪيا ۽ خاص اسپتالون کوليون ، ازالسواء انهن ملڪن ۾ فلمن رستہ ٻہ پروپئگنڊا ڪئي وئي ٿي.

پردہ خلاف ٻہ پروپئگنڊا ڪئي وئي نہ اهو "عورت کي هڪ درجہ ڏئي ٿو جو انسان ۽ حيوان جي وچ ۾ آهي." معلمن قرآن شريف ۽ رسول الله جي حياتي مان ثابت ڪيو نہ پردہ هڪ غير شرعي رسم آهي ، جا مسلمانن ۾ ايرانين کان آئي. اها رسم تاتار ، بشڪير ، ڪرگيز ، ڪازخ ۽ ترڪمن عورتن ۾ هرگز ڪانہ هئي . (Margaret .M. Green) .

۱۹۲۴ع ۾ انتائج اهي نڪتا جو ترڪي ۽ روشيا ۾ نہ غريب عورتن أمير عورتن جا پردہ زوري لاهي ، انهنکي ڦاڙي ، پنهنجي لاءِ استعمال ڪيو- شروعات ۾ مسلم عورتون بي پردہ انين محسوس ڪرڻ لڳيون ،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن هڪ يورپين عورت لنگوٽي بازار مان هلڻ ۾ محسوس ڪري. مگر اڄ ترڪي ۾ پردو صرف عجائبخانن تائين محدود آهي، ۽ بخارا ۾ هڪ به عورت اهڙي ڪانه هوندي جا پردو ڪندي هجي. ملان ان تحريڪ جي خلاف هئا، ۽ پروپيگنڊا ڪرڻ لڳا ته بي پردو عورتن کي ڪباب واڱر دوزخ ۾ ساڙيو ويندو، مگر حڪومت ڪين ٻاس ڪيو.

شروعات دور ۾ ڪن عورتن کي ان ڪري خون ڪيو ويو جو هنن مدد وانگري سڪڻ جو خيال ڪيو، مگر حڪومت سندن مدد ڪئي. ترڪي ته عورتن کي زوري جنگ ۾ پرتي ڪيو ويو ۽ زبردستي ڪين ڪارخانن وغيره ۾ ڪم ڪرايو ويو، ڪيترا ڪاليج کوليا ويا. روس ۾ ٦٦ في صدي مسلم عورتون تعليم يافته آهن. ترڪي ۾ ٦٥ في صدي، ايران جي ٤٢ في صدي. مسلم عورتون جي ٩٠٠ سال سڪولت ۾ هيون ان ۾ وري زندگي آئي. رشيا ۾ پهرين عورت جنهن هوائي جهاز هلايو سا لهلا بدت محمد بيگ نالي مسلم عورت آهي.

١٩٣٥ع ۾ رشيا ۾ عورتن جي ڪانفرنس سڏائي وئي، ان جي چيئر وومن جمال ناظرويه نالي مسلم عورت هئي. ۽ انهي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي چيئر وومن انجن نالي مسلم عورت هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ازالسواءِ لٽريچر ۾ به عورتن ڪيترو حصو ورتو آهي، لٽريچر ٽالي عورت هڪ مشهور مصنفه آهي. عمدن ٽالي مسلم عورت شاعره آهي، ڪيترين مسلم عورتون ماسڪو جي ڪاليجن ۾ پروفيسر آهن.

ووٽن ڪانفرنس ۾ ڪيترين مسلم عورتون بطور ڊيليگيٽ جي شريڪ ٿين ٿيون.

آهن حصن ۾ مسلم عورتون هنرن ۾ به حصو وٺن ٿيون، ۽ ڪيترين لائبرارين ۾ ڪم ڪن ٿيون

جديد جنگ عظيم ۾ لڙڪي جي هر هڪ عورت سپاهيانه تعليم حاصل ڪئي، روشيا ۾ نه مسلم عورتن بين عورتن وانگر هر ڪم ۾ حصو ورتو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ١٧- اُلٽي گنگا

دنيا جي هر هڪ حصي ۾ مردن عورتن کي غلام بنايو آهي، مگر ڪوهه ڪاف واري حصي ۾ وري هڪ عجيب قصو آهي جو ٻڌي پڙهندڙن کي ضرور تعجب لڳندو. اُتي عورتون مردن تي ظلم ڪن ٿيون، مرد مظلوم آهي.

١- اُتان جي جهنگلي قوم ۾ مردن ۽ عورتن کي عبادت جي ڳالهين ۾ هڪجهڙا حق آهن، مگر ڪن عبادت جي حصن ۾ مرد شريڪ ٿي نٿا سگهن- ازالسواء ڪنهن زمين ۾ ٿئين مان هر ڪاهڻ- ڪي خاص ناچ ۽ قرباليون آهن، جن ۾ مرد جو شريڪ ٿيڻ بدسوڻ ليکيو ويندو آهي.

٢- عورتون جنن ۽ ديون تي قابض ٿي سگهن ٿيون ۽ نه مرد.

٣- عورتون مذهبي پيشوا (ملان يا پنڊت، پريسٽ) ٿي سگهن ٿيون ۽ نه مرد.

٤- اتي والده ٻاءِ جو لفظ ڪم اچي ٿو ننهن جي اَدبي معنيٰ آهي (Mother lineage).

٥- مائٽي جا تعلقات عورت جي ناتي تي ظاهر ڪيا آهن- مثلا يعقوب پٽ گل جمال.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦- مرد گهر جو سڀ ڪم ڪن، طعام تيار ڪرڻ، گهر جو سارو ڪم ڪرڻ وغيره.

٧- عورتون پنهنجي گهر جي مردن جي پالنا ۽ پرورش ڪن جيڪڏهن مرد ڪم چڱي طرح نه ڪن ته عورتون کين مار به ڏين.

(آزموده مان معلوم ٿيو آهي ته اتان جون عورتون مردن کان زياده طاقتور، ڌ ڪڻ، ڪم ڪرڻ ۾ زياده آهن.)

٨- جڏهن سڄي دنيا جي علم ادب ۾ هرلدو آهي ته والد ۽ والده، ڀيڻ ۽ ماءُ ۽ پاءُ، پيڻ - يعني اڳ ۾ مذڪر پوءِ مونث، اهڙي طرح هن علائقي ۾ پهرياڻين مونث پوءِ مذڪر ڪم ايندو آهي، اتي پهاڪو آهي ته:-

"عورت ٿي پيو ته ڇا بلڪ ڪتو به پولڪندو"

٩- سنگا بندي لاءِ به ڪنوار وارا اڳ ۾ چوندا آهن ته شادي وقت سرڪس صرف ڇوڪريءَ جي لڪرندي آهي، مگر ڇوڪريءَ کي شوهر جي گهر رهڻو پوندو آهي.

١٠- لڙائي ۾ به عورتون وڙهندڙ هون آهن. ڪيترا دفعا انهن عورتن ايران جي شيعن جي لشڪر کي شڪست ڏني.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن وقت اهو حصو روشيا جي قبضي ۾ آهي - انگريزي حالتون سڌريل ڇڪيون آهن، مگر ان هوندي به عورتن جو انهن حصن ۾ مردن تي زياده ضابطو آهي.

ساڳي طرح آفريڪا جي هڪ علائقي ۾ به عورتون مردن تي قابض آهن - اتي ڪم ڪار ٻئي مرد ۽ عورتون ڪن، مگر مرد عورت جي ضابطي هيٺ رهي ٿو. مرد پردو به ڪن، ٻاهر نڪرن ته برقعو اوڍن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ١٨- عورت جي سنڌي تهذيب ۾ حالت

سنڌ کي هڪ قديم تهذيب آهي جا موهن جي دڙه صاف طور ثابت ڪئي آهي. موهن جي دڙي مان ڪجهه عورتن جا مجسما ۽ پتلا حاصل ٿيا آهن، مگر گهڻو تعداد زيورن جو آهي. ۽ زيور گهڻو ڪري صورت ۽ وزن ۾ اهڙا آهن جهڙا اڄ تائين سنڌ جي ڀهراڙي ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا. يعني عورتن جي زيورن جو معيار (Standard) اتي ئي اعليٰ درجي تي هو جو ٥٠٠٠ ورهيه قائم رهيو سگهيو آهي.

(J. R. A. S. ١٩٢٧)

اُن کان بعد جي زماني ۾ عورت جي سوسائٽي ۾ پرورش، هندو مذهبي ڪتابن ۽ هندو قواعد، قوانين واحڪام (Jurispurudence) مان ثابت آهي. هن دور ۾ عورت جي لباس ۽ معيار زندگي ۾ گهڻا فرق آيا آهن، جي (Altekar) جي ڪتاب (Position of Women in Hindu civilizaion) مان چڱي طرح معلوم ٿئي ٿي. اُن زماني ۾ عورتن لئي ڪجهه سختيون به هيون، جي باب نمبر ۴ ۾ بيان

ڪيون ويون آهن، مگر اينترو مٿيون پولـدو ته اُن زماني ۾ پردو ڪونه هو.

پردي جو اثر سنڌ تي ايرانين جي اَثر ڪري پيو. باالخصوص دارا جي ڪاهه کان بعد چئو ته اُن ئي زماني ۾ سنڌ ۾ ڪنهن خاص حد اَندر پردو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. چچ نامه جو اُن دور تي هڪ پراڻو ڪتاب آهي، اُن مان ظاهر آهي ته :-

١- جنهن وقت چچ پهريون دفعو راءِ ساهسي جي حرم حاله ۾ ويو ته راءِ، راڻي سهندي کي چچ کان پردو ڪرڻ لاءِ چيو.

٢- راڻي سهندي؛ چچ ٻاڻ ۾ شامل راءِ لئي راءِ ساهسي راءِ جي بيماري جي خبر ڦهلائي. بعد ۾ راڻي سهندي پردي پويان عام کي ٻڌايو ته راءِ بيمار آهي ......

٣- جڏهن مهرت چچ تي ڪاهي آيو، چچ پريشان ٿيو، راڻي سهندي وٽ ويو، جنهن چيس ته :-

”مـــن زنـــم پس پـــردہ ........“

(هڪ ته عورت آهيان، پر ته پردہ دار.)

يعني خود راڻي سهندي پـردہ دار هجڻ جـو اقرار ڪيو.

محمد قاسم جي موت لاءِ چچ نامه هڪ افسانو ڏنو آهي، جنهن جي تصديق بلاذري مان نٿي ٿئي، مگر اِن افساني مان اُن دور جي تهذيب جو پتو پوي ٿو

ٿي، راجا ڏاهر جون ٻه ڌيئرون، ١- سريا ديو (سوريه ديوي) ٢- پرمل ديو (پرمل ديوي) جنهن وقت خلف وليد بن عبدالملڪ بن مروان جي سامهون پيش ڪيون ويون ته سندن منهن ڪپڙي سان ڍڪيل هو.

اهي ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون ته ڪنهن حد تائين اسلام کان اڳ پردو سنڌ ۾ ١١: هو، مگر شاهي خاندان ۽ اعليٰ طبقي ۾.

مسلمانن جي دور ۾ عورتن جي حالت ڪهڙي هئي اُن لاءِ اسلامي ملڪن جا ۽ سمورا هندستان جي تاريخ جا واقعات پيش ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن مسلم عورت، جنهن حڪومت ڪئي هجي ۽ ان لاءِ ڪانئن پڇيو ويندو ته سلطانه رضيه جو نالو پيش ڪندا، مگر سنڌ ۾ به ڪي اهڙيون عورتون پيدا ٿيون آهن جن حڪومت ڪئي هجي، اُن کان بلڪل غير واقف. افسوس ته عام تاريخون به اهي حقيقتون پيش نه ٿيون ڪن. اهڙي سنڌ جي ڪن معزز خاندانن جن حڪومت ڪئي، حڪومت ۾ حصو ورتو، يا علم ادب ۾ حصو ورتو، لکان غير واقف رهجو وڃون.

سنڌ ۾ پهرين عورت جنهن حڪومت ڪئي سا آهي زينب تاري، جا دودي سومري جي ڌيءَ هئي. دودي جي انتقال بعد ڀاءُ سنگهار جي بدران ٦ سال حڪومت ڪيائين. تاريخ معصومي سندس حڪومت لاءِ لکيو آهي ته :-

"تاري مدلي حڪومت ڪرد ورعايا
وبرايا مطيع ومنقاد او بودند"

اُن مان صاف ظاهر آهي ته زينب تاري بهترين حاڪمه هئي، ڇو ته گهڻو ڪري سڀني سومري جي حڪومت ۾ وڳوڙ ۽ فساد ٿيا آهن، پر هن جي وقت ۾ اهڙي ڪابه حالت نه ٿي. تاري ٤٨٥ هه کان ٤٩١ هه تائين حڪومت ڪئي.

ٻي عورت جا سنڌ جي حاڪمه هئي سا آهي همون. جا سنگهار جي زال هئي، ٥٧٦ ۾ پنهنجي ۽ دودي اول جي پائرن ٻاران تخت تي ويٺي ۽ هڪ سال حڪومت ڪيائين.

اُن کان بعد سنڌ جي تاريخ ۾ ماه بيگم بنت مرزا محمد مقيم ارغون جو نالو ٿو اچي، جا ارغون گهراڻي جي عورت هئي. قنڌار تي بابر بادشاه ڪاه ڪئي، هوءِ قيد ٿي پئي، ۽ شهنشاه بابر سندس نڪاح محمد قاسم ڪوڪه سان ڪرايو. جنهن مان کيس هڪ دختر پيدا ٿي. محمد قاسم ڪوڪه جنگ اوزبڪ ۾ قتل ٿيو.

ماه بيگم جي والده بيبي ظريف خاتون، ماه بيگم کي وڏيءَ قابليت سان بابر جي قيد مان ڇوڙيءَ پچاراڻي ڪئي. اُن کم ۾ به سنڌ جي ٻن خواتين عصمت فاطمه سلطان بيگم ۽ خانزاده بيگم جي شاهي

خاندان جون هيون، انهنجو همٿ هو. ماه بيگم گهوڙي تي سوار ٿي، ناهيده بيگم کي جا ½ سال جي هئي، آڪي ڪابل ۾ چڙهي ٣٦ ڪلاڪن جي گهوڙي ڊوڙائڻ بعد ڪابل مان قندهار پهتي. سنڌ ۾ ٺاهه مرزا شاه حسين سان ڪرايو ويو. مرزا شاه حسن جي وفات بعد مرزا عيسيٰ جا بغاوت ڪئي، انهي مقابلي ۾ به ماه بيگم حصو ورتو ۽ سچو ڪم سنڌ ۾ ٿي مصلحت سان ڪيو ويندو هو. مرزا شاه حسن کي ماه بيگم مان هڪ دختر چوچڪ بيگم پيدا ٿي، جنهن جو نڪاح مرزا ڪامران بن شهنشاه بابر سان ٿيو ۽ ڪامران سان گڏ حرمين ويئي جتي فوت ٿي وئي. مرزا شاه حسن جي وفات بعد ماه بيگم مرزا عيسيٰ ترخان سان شادي ڪئي. مرزا عيسيٰ جي وفات بعد مرزا محمد باقي کيس قيد ڪري آب و طعام بند ڪيو، ۽ قيد ۾ بک سببان روي عالم عقبي ڏانهن ڪيائين.

ناهيده بيگم:- جا پيدا ٿي قيد خاني ۾ ٿي. جنهن مهل جي هئي ته ماڻس کيس چڙهي بابر جي قيد مان ڇڏايو، هو اجان بابر جي قيد ۾ هئي ته مرزا شاه حسن ۽ بابر جي وچ ۾ ٺاهه ٿيو، ۽ ناهيده بيگم جي شادي محب علي خان ولد مير خليفة سان ڪئي وئي. شهنشاه جلالدين اڪبر جي دور ۾ ناهيده بيگم کي اجازت ملي هئي ته وڃي پنهنجي والده ماه بيگم سان ملاقات ڪري.

آئي ناهيده بيگم پنهنجي دختر رابعه بيگم جي شادي مرزا محمد باقي سان ڪرائي. بعد ۾ مرزا محمد باقي ماه بيگم کي قيد ۾ بند ڪرائي سندس آب و طعام بند ڪرائي ڇڏيو، تان جو ماه بيگم فوت ٿي وئي. ناهيده بيگم ۾ حڪومت لئي قبضو ڪرڻ جو اراد و ڪيو پر ناڪام ٿي.

رابعه بيگم:- هيءَ ناهيده بيگم جي دختر هئي، مرزا نجات خان سان شادي ڪيائين، بعد ۾ پنهي جي وچ ۾ تڪرار ٿيو. ان ڪري مرزا محمد باقي سان شادي ڪيائين، هڪ ڏينهن رات جو محمد باقي ۽ رابعه بيگم ڪشتيءَ ۾ وڃي رهيا هئا ته جان بابا ترخان مٿن حملو ڪيو، محمد باقي درياءَ ۾ ٽپو ڏئي ۽ بچي ويو. جان بابا جي ماڻهن رابعه بيگم کي قتل ڪري ڇڏيو.

ارغونن ترخانن جي اوقات حڪومت ۾ عورت جو رتبو ۽ پوزيشن مٿي ظاهر ڪئي وئي آهي. اُنکان بعد در حقيقت عورت جي عزت و شان، رتبو و مان جو زوال شروع ٿئي ٿو.

اُن زماني کان وٺي ڪلهوڙن جي زماني تائين سنڌ ۾ صوفين، پيرن ۽ فقيرن جو گهڻو زور رهيو. صوفي ازم خاص طرح هندي صوفي ازم ۽ جدا جدا قومن جي تصوف جو ميلاپ آهي. صوفي ازم در حقيقت يونانين ۽ ايرانين تان اسلام ۾ آئي. بخارا جڏهن

اسلام جو مرڪز ڪير ويو ته پڻ فلاسافي ۾ جهس دخل ڪيو. بغداد جي دور ڪمال ۽ عروج ۾ ڪرسچن فلاسافي جو مٿس خاص اثر هو. الڪري تصوف جي فلاسافي کي ڇڏي ڪري رڳو ٻين ڳالهين ڏانهن خيال ڪيو ته صوفي صاحبن جي روزمره جي زندگي لي هندو، ٻڌ، ڪرستان ۽ زردشت تهذيبن جو خاص اثر ٿيو ۽ عورت کي اهيئي حق ملئي پيا جي انهن ۾ مروج هئا :-

اُن دور ۾ صوفي صاحبن جو اينترو ته زور هو جو شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۽ گهر گهر لي سندن تخيل چڱي طرح قابض هو. ان دور ۾ عورت کي ڪو خاص حصو ونڊ نه ڏنو ويو، ڇو ته جن تهذيبن تان صوفيِ ازم ورتل آهي انهن ۾ عورت کي وجود تي ڪوڙ آهي. الڪري عورت لاءِ صرف اهو تخيل قائم ڪيو ويو ته هو مردن جي خواهشن پوري ڪرڻ ۽ گهر جي ڪم ڪار لاءِ ئي پيدا ٿيون آهن. اُن تاريڪ دور ۾ ڪنهن به عورت جو نالو ڪنهن به علمي ادبي تاريخي ڪتاب ۾ نظر نٿو اچي. جا اڄ عورت جي سنڌ ۾ حالت آهي، ان کان به اُبتر هئي.

ميرن جي دور ۾ صوفين جو دور خاص طرح حڪومت جي تبديل ڪري گهٽيو، مگر ملڪ جي حالتن ۾ ڪو به ڦيرو ڪونه آهي، انين نه آهي نه اُن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دور ۾ ڪي قابل تعريف عورتون پيدا نہ ٿيون هجن.
مگر سنڌ ۾ ٻاٻا ۽ تعريف اسان کي هميشہ لاءِ هڪ
اڪل راض رهندو.

ميرن جي زماني جو رڪارڊ بہ ٿورو ملي سگهي-
ڪتاب (Dryleaves from young Egypt) مان هڪ
ڳالهہ معلوم ٿئي ٿي تہ چارلس نيپئر جي سنڌ فتح
ڪرڻ بعد، چارلس نيپئر ميرن جي عورتن سان تمام
گهٽيون سختيون ڪيون، خصوصا سنڌ ۾ زيور ڪپڙا
ڦريا ويا ۽ بدن تي جي ڪپڙا هئن اُهي لاهي
ڏيڻ لاءِ حڪم ڪيو ويو، ۽ جڏهن هنن انڪار ڪيو
تہ زبردستي ڪپڙن لاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي
تاڪ سنڌ ۾ بدن تي ڪپڙا چيڙهون چيڙهون ٿي ويا،
وغيره- جنهن لاءِ پارليا مينٽ ۾ پڻ اپيل ڪئي وئي.

ان کان بعد دور جديد ٿو اچي جنهن لاءِ اينڊڙ
باب ۾ روشني وڌل آهي:-

# ١٩- مسلم عورت جي سنڌ ۾ حالت

سنڌ ۾ عورت جي حالت اهڙي نه ڪم درجي لي آهي، جو سچ پچ هندو ۽ اڇوتن کي ڪجهه سمجهن ٿا، مگر مسلمان، عورت کي اهو ڪمتر درجو به ڪا بخشين. ان لاءِ ڪيترا سبب آهن جن لي آهستہ آهستہ بحث ڪيو ويندو.

پهريون سبب آهي خاندان.

مسلمانن ۾ اصل ۾ ڪي ذاتيون ڪونہ هيون، مگر سنڌ ۾ جي مسلمان آيا، تن ۾ هندن تان ذاتين جو رواج پيدا ٿيو. ڪجهه عرصہ بعد ذاتين اهو رواج وڌندو ويو؛ وڃي ڪٽنبن تائين پهتو، جنهن کي خاندان ٿا ڪوٺين. مگر سنڌ ۾ خاندان لفظ جي معنيٰ در اصل ٻي آهي، هو ڪٽنب کي خاندان ٿا ڪوٺين ۾ خاندان اُن ماڻهو کي ڪوٺيو ٿو وڃي جو چوڌر جو زميندار هجي، باقي غريبن کي ڪو به خاندان ڪونہ آهي، ڪو به نسل ڪونہ آهي، ڪا به پشت ڪانہ آهي، ڪا به عزت ڪانہ آهي.

لارڊ ڪارنوالس کي مدراس طرف ڪن راجائن ۽ بادشاهن سان مقابلو ڪرڻو پيو هو. ڪيتري ڪوشش

جاچ ڪرڻ مان معلوم ٿيندو ته اڄ، في صدي ٩٩ زميندارن وٽ چور ۽ ڌاڙيل هوندا. جيڪي به چوريون ڌاڙا لڳن ٿا اُن سڀني ۾ زميندارن جو هٿ هوندو آهي، منهنجي خيال موجب سڄي سنڌ ۾ اهڙي ڪابه چوري ۽ ڌاڙو ٿئو ٿئي جنهن ۾ زميندارن جو هٿ نه هجي.

سو اڄ ڪلهه جا سڀ اعليٰ خاندان ماڻهو آهي سمجهيا وڃن ٿا جي سنڌ ڀڙين کان الهن ڌاڙيلن جا اولاد آهن. وڏي خاندان جي معنيٰ آهي وڏن چورن جو اولاد. (سچ پڇ سنڌ ۾ ٩٥ سيڪڙو ماڻهون جنکي اصل خاندان ڪوٺيو ٿو وڃي، سي اهڙن ماڻهن مان آهن.) چڱي طرح جاچ ڪرڻ بعد معلوم ٿيندو ته اهي وڏا خاندان دنيا جا سڀ بدترين ۽ عظيم ترين گناه ڪن ٿا. ٻاڙي اوڙي جي عورتن سان ناجائز تعلقات رکڻ، پنهنجن ڪڙمين جي عورتن سان بدڪار ڪرڻ، اغلام بازي ڪرڻ ته انهن اصل خاندانن وٽ جرم بي معنيٰ آهي. اهڙين ڳالهين تي ته هو اظهار مسرت ڪن ٿا. عام جي آڏو پنهنجن بدڪارين جي اظهار لئي فخر وٺن ٿا. اهڙن خاندانن جو مون وٽ هڪ شخصي مثال موجود آهي. هڪ زميندار جي فرزند کان منهنجي روبرو پڇيو ويو ته " اها هڪ شرمناڪ ۽ المناڪ ڳالهه آهي جو توهان غريب ڪسانن (ڪڙمين)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بيوين، ڌيئرن وغيره سان تعلقات حرام ڪيل هو."
جواب ڏنائين ته " آءٌ برابر اهڙو بد ته آهيان جو گناه
ڪندي نه ٿو ڊڄان، مگر مجبور آهيان ڇو ته منهنجو
والد سچو ڳوٺ ڇڏي چڪو آهي ۽ ڳوٺ جي لنڊي
وڏي هن وقت منهنجي والده تي چڪي آهي."
آءٌ وڌيڪ خاندان لفظ جي تشريح لئه ڏيڻ چاهيان
اينترو ئي ڪافي آهي.

سنڌ ۾ جيڪا عورتن تي بي رحمي ۽ ظلمت هلي
رهي آهي، ان لاءِ جوابدار اهي اُصل خاندان آهن.

اصل خاندان وارا وڏي فخر سان چون ٿا ته اسان
ٻين خاندانن جي عورتن سان شادي ڪئي آهي، مگر
اسان جي خاندان جي ڇوڪري ڪڏهن به ٻاهر ڪانه
وئي آهي. اُهي اصل خاندان پنهنجي همشيرن ۽ ڌيئرن
جي ٻاهر شادي ڪانه ڪرائين. انهن جي شادي سواءِ
سنڌ ن سوٽ جي ٿي نه سگهي. جيڪڏهن ڇوڪرين
کي سوٽ نه آهي، ته اُن لاءِ والدين جو قصور نه آهي،
مگر خدا جو قصور آهي يا ڇوڪرين جي بخت جو.
هنن کي خاندان خدا کان به پيارو آهي. هو خدا جي
حڪم مڃڻ لاءِ نه تيار آهن، مگر هو انهن به هر ويرو
ڪرڻ لئا گهرن ته خدا جي خاطر خاندان جي عزت
مٽي ۾ ملي وڃي. ممڪن آهي ته هو آن حضرت
جي تولد کان اڳ جي مڪي جي ڪافرن مان هجن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڏيءُ زنو چڪر ني ونيو، اڄ وڏيري صاحب جي پيڻ راه لامعلوم ڏانهن گم ٿي وئي - اڄ سردار صاحب جي پاڻي ... پهنجي محب حيات سان پوليس جي هٿ چڙهي وغيره - سبب وڃڻ اهو ته جناب نواب صاحب، رئيس صاحب ۽ وڏيره صاحب اصل خاندان آهن ۽ سڄي مسلم هندستان ۾ ڪيس پهنجو مٽ ڪونه ٿو سمجهي. ڇا ڪري؟ مٿا مولا هٿي چڪو آهي، مگر خدا جي پار ڏانهن اٿين ليٽو هو وغيره ... ...... الي ۾ خدا ني ملامت ٿيندي! آن شيطان اصل خاندان لفظ ڏانهن ڪوبہ خيال نہ ڪندو.

مولڪي اعتراض ڪونہ آهي تہ سوٽ ۽ سوٽ جي شادي نہ ٿيڻ گهرجي، مگر آءُ ألڪي چڱو بہ ڪونہ ٿو سمجهان - امام غزاليءَ ”بيوي جون خصوصيات“ بيان ڪندي فرمايو آهي تہ بهتر اٿين ٿيندو تہ بيوي شوهر جي نزديڪ عزيزه (Nearly Related) نہ هجي، ان لاءِ امام غزالي ڪي معاشرتي سبب ڏنا آهن، مگر هين عالمن جو رايو آهي تہ جيترو ٿي سگهي اوترو ڏاڍين مان شادي ڪجي - ألڪري أخوت وڌي ني ازالسواء ڏاڍين سان تعلقات ڪري علمي لياقت وڌي ني، اڄ ڪلهه جا ڊاڪٽر بہ ان رائه جا آهن. هو چون ٿا تہ هڪ ماڻهو ڪي ڪا ورثي واري (Inherant.) بيماري آهي تہ سندس پٽن، پوٽن ۽ پوٽمن ڪي ،،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها بيماري ٿيندي ۽ اهڙي ماڻهو جي هڪ پوٽي ۽ پوٽو (يعني سؤٽ ۽ سوٽ) شادي ڪندا ته انهنجي اولاد کي اها بيماري شديد ترنمونلي ۾ قيد ڪندي. ۽ دماغي ترقي به ڪاڻ ٿي سگهندي، ۽ نه بدلي..

هندن ڏارين سان ملي مائٽي ڪري گهڻو حاصل ڪيو آهي. سندس اخوت وڏي آهي ۽ رشته جي تعلقات ڪري، هو هڪ يڪي قوم ٿي پيا آهن.

هندن گذريل پشت کان وٺي دماغي ۽ بدني ترقي ڪئي آهي. مسٽر خدا بخش بئرسٽر پنهنجي تصنيفات "تهذيب اسلام"؛ "تهذيب عرب" ۽ "هندوستاني واسلامي مطالع" ۾ لکي ٿو ته مسلمانن جي بربادي جو وڏي ۾ وڏو سبب هو ته هنن پنهنجي عزيزن مان شادي ڪرڻ شروع ڪئي، اُن ئي سبب جي ڪري عباسي خليفن جي حڪومت ناس ٿي، ۽ اُنئي سبب ڪري مغلن جو هندستان ۾ تنزل آيو.

سوٽ سان شاديءَ جا فقط ٻه سبب هوندا آهن، اول ته خالدان جو سوال. اهو هڪ عظيم ترين جرم اقرار ڪيو ويندو آهي ته پنهنجي خالدان کان ٻاهر ڪنهن ڌارئي سان ڇوڪريءَ کي شادي ڪرائجي.

ٻيو ته ملڪيت جو سوال هوندو آهي.

جنهن اڳ بيان ڪيو ويو آهي ته اسان کي اعتراض ڪونه آهي ته سوٽ سؤٽ جي شادي ڪرائي وڃي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مگر ڪجهه دماغ کان ڪم به ورتو وڃي. اهڙا به مثال موجود آهن جو ٢٨ ورهن جي هڪ عورت جو نڪاح ٦ مهينن جي هڪ ڪير پياڪ ٻار سان ڪيو ويو، ڇو ته هوءَ هنجي سوٽ آهي - ٥٠ في صدي سدائين ائين هوندو آهي ته ڏيوي جي عمر پنهنجي سوٽ شوهر کان زياده هوندي آهي، جا هڪ خطرناڪ ڳالهه آهي. ٩٠ في صدي نه ٿي ڇوڪرو ۽ ڇوڪري پاڻ ۾ شادي ڪرڻ لاءِ هرگز راضي نه هوندا آهن، مگر والدين جي زبردستي، دوستن جي زوري ۽ زماني جي لعنت کان اقرار ڪيو ويندو آهي - اهڙين حالتن مان چند عرصه بعد اهو نتيجو نڪرندو آهي، جو ميان پنهنجي راهه اختيار ڪندو آهي ته بيبي پنهنجي. والدين کي اهڙا هزار مثال سامهون هوندا به آهن، پر آخر ته خاندان جو سوال آهي.

اهڙن ماڻهن کي جيڪڏهن سوٽ نه ملندو آهي ته ڇوڪريءَ کي. اصل شادي نه ڪرائيندا. ڪي ته اهڙا عجيب انسان هوندا آهن جي ڇوڪرين کي قران شريف سان شادي ڪرائيندا آهن. ( استغفرالله ! ) هو هر وقت هندن تي ٺٺول بازي ڪندا آهن ته هندن ۾ ديوداسين جو رواج آهي. مگر آءٌ ڪين عرض ڪندس ته سندن هيءَ رسم ديوداسين کان ڪهڙي حالت ۾ ڪم آهي، جيڪڏهن ٻين کي هو ڪفر ٿا سڏين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته آءُ سندن هلت کي شيطان جي پيروي تسليم
ڪريان ٿو - پيا وري اهڙا جوان آهن جي ڇوڪرن کي
اسان پنهنجي ڇوڪرين لي ڪپڙو وڌو آهي، يعني
اُن ڪپڙي ۾ اها خاصيت آهي جو عورتن جي اُمنگن،
خواهشن ۽ ارادن وغيره جو خود بخود خاتمو اچي
وڃي - جادو ته لاءِ پڌرو آهي ، هي ته جادو کان
زياده پر عجب ڪپڙو ڇٽو. ازالسواءِ هڪ ٻي ٻه
ڳالهه پڌري اُگهڙ ته هر سال هڪ عورت کي قلندر شهباز
سان شادي ڪرائيندا آهن ، ٻاڻ فيصلو ڪيو ته هي
رسم ديوداسين کان ڪهڙي حالت ۾ ڪم آهي . ميتهن
هميشه پنهنجي ڪارلهن ته ڌ سنڌي آهي .

اُنهن اصل خاندان وٽ ڏيءُ جو تولد ٿيڻ ايترو
خراب آهي .جيترو هڪ برهمڻ جي گهر سوڌر جو
پيدا ٿيڻ ، يا ڪنهن عورت کي سوڌر جو پيدا ٿيڻ .
هيءَ اُصل رسم هندن ، پڌن ۽ جاهل عربن ۾ هئي ،
مگر سنڌ جي سڌريل اصل خاندان مسلمانن وٽ به آهي -
ڏيءُ جي جمڻ جو پڌلدا ته يڪدم منهن جو پنو
لهي ويندن - منهن لڪي مردلي ۽ ڪاراڻ ڌسڻ ۾
ايندين . تڏا شوڪارا پرپندا . ڪي ته چار ماه عام
جي آڏو ايندي شرم محسوس ٿيندن . ويچاري
عورت ( ٻچي جي ماءُ ) لي ڦٽ لعنت ڪندا . مالي
ڪاڻ ڦٽي ڪري ڇڏيندا . منهن ۾ سرهائي ڪالهِ ڌسڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ايندڙ انهن معلوم ٿيندو ته سنڌ ن گهر ۾ ڄڃ لـ الله جي طرفان زحمت ولعنت نازل ٿي آهي (استغفرالله ...) . اڄ تائين سنڌ جي سيني تعليم يافته يا جاهل، فقيراڻا واميراڻا، مسڪين ۽ تونگراڻا طبقه ۾ اهو هڪ عظيم ترين معاشرتي جرم آهي ته ڌيءُ جي تولد تي ڪين مبارڪ باد ڏني وڃي- ڪن ڪن طبقن ۾ ته ڌيءُ جي تولد تي عذر خواهي ڪئي ويندي آهي. خدا تعاليٰ اهڙن ماڻهن لاءِ فرمايو آهي ته، "۽ جڏهن ڌيءُ جي تولد جو اطلاع ملين ٿو، تہ منهن چهرن تي ڪارنهن ڦيرجي وڃين ٿي ۽ اهي غمگين ڏسڻ ۾ اچن ٿا." خدا تعاليٰ پنهنجي محبوب جي گهر ۾ صرف نياڻين کي زنده رکيو، اَن مان عورت جي عزت ورتبه جو اندازه لڳائي سگهجي ٿو.

اهڙن سنڌ پڙهيل وارن خاندانن ۾ بيوه سان شادي (Widowmarriage) ۾ هڪ عيب ليکيو ويندو آهي - ڪين اهو معلوم آهي ته آن حضرت جن ڪيترين بيوه عورتن سان شادي ڪئي، مگر هي صاحب ته مجبور آهن، هڪ طرف خاندان جو حڪم آهي، ٻئي طرف الله ۽ رسول جو حڪم. عزت ۽ شهرت ته ضرور قائم رکڻي آهي ۽ خاندان جي رواج موجب ته هلڻو آهي. انهن ممڪن نه آهي ته سنڌ ن والدين ۽ وارثن جون رسمون غلط هجن، قرآن ته ممڪن آهي

ته صحيح هجي. مگر اهو والدين جي وقت ۾ به موجود هو، اُلهن نه قرآن جو خيال نه ڪيو، ته بس اسان به والدين جي رسمن تي عمل ٿا ڪيون اُنهه هرج ڪهڙو آهي.

نه فقط ايترو مگر اهڙي ماڻهو جي قبضي ۾ جيڪڏهن اهڙي بيوه عورت هوندي ته اُنکي وري شادي نه ڪرائيندو. ان کان زياده خاندان جي ڪا به بي عزتي وبي حرمتي ٿي نٿي سگهي ته عورت کي پنهنجي ڪوٺ کان باهر ڪڍجي. عورت ڪوٺ ۾ آندي وئي هئي اها صرف اُن وقت باهر نڪري سگهي ٿي جنهن وقت انجو جنازه باهر نڪري. ڪڏهن نه جنازه به ڪوٺ اندر پوريو ٿو وڃي. عمر جو نه سوال ٿي نٿو نڪري سگهي، نه بيوه عورت نوجوان آهي يا نه. هتي سوال فقط اُن مرحوم جو آهي، جنهن جي بيوه هڪ نشاني آهي. ها! شادي نه ڪيئن ڪرائي وڃي ڇا اُن جو اثر مرحوم جي روح تي پوندو، اسان مرحوم کي تڪليف ڏيڻ نٿا گهرون. اهڙا اصل خاندان وقت بوقت هندن تي نه نڪته چيني ڪندا رهندا آهن ته هو بيوه جي شادي نٿا ڪرائين، مگر ڪڏهن به پنهنجي ڪارنهن ڏانهن نٿا ڏسن، اسلام جي خلاف ڪم ڪن ٿا؛ اُن تي وري هڪ مٺو (Sugar Coated) نالو رکيو

اڻن خاندان جي عزت.

هندن ۾ آريه سماج وارا ڪوشش ڪري بيوه کي ڪي شادي ڪرائي ڇڏين ٿا، مگر مسلمانن ۾ شريعت جي حڪم هوندي به اُنڪان انحرافي ڪرڻ باعث فخر آهي.

انهن خاندانن وٽ ڪثرة الازواج به رائج آهي. مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته ڪثرة الازواج لاءِ اسلام اهڙيون پابنديون وڌيون آهن، جو دنيا ۾ اهڙو مشڪل ماڻهو ملندو جنهنکي شرعاً ڪثرة الازواج جي اجازت هجي. مگر سنڌ ۾ اسلامي حڪم کي ته ڪوبه بڏي ڪونه ٿو، صرف اهو خيال ڪيو وڃي ته ان زالن کي هلائڻ جيتري ملڪيت آهي يا نه؟ جيڪڏهن ايتري طاقت آهي ته ٻوءِ بسم الله ٻي، ٽي ۽ چوٿين شادي ڪيو، مگر جيڪڏهن اهڙي وصيعت ساري لئا سگهن ته ٻوءِ ٻاڙي اوڙي لي بدنظر ڪن ٿا. گهٽا وري ڪثرة الازواج هوندي به سريتون وغيره استعمال ڪن ٿا. ڳوٺن ۾ اهو هڪ باعث فخر و باعث عزت آهي، جيڪڏهن ڪو ماڻهو سريت رکي ٿو ته اُنکي سڌريل ليکيو وڃي ٿو، ان کي اُصل خاندان ٿو ڪوٺيو وڃي. عجب ڳالهه آهي جنهن ماڻهو لاءِ شريعت ١٠٠ درن جي سزا ڏني، اهو وري اصل خاندان. ڪثرة الازواج جا نتيجا ايترا برا آهن جنجي ڪا حد

نه آهي. لغمن کنوار سان ضرور زياده ليٺهن لڳندو، ٻوءِ ويچاريءَ ٻئيءَ جو واهي الله. هن جون هر منٽ، هر لمحه ۽ هر گهڙي جون حسرتون آخر اها صورت اختيار ڪن جو هنکي مقابلي لاءِ تياري ڪرڻي پوي، ٻوءِ صبح و شام گهر ۾ "عيد براد مشعل" لڳي وڃي. صبح شام گهر ۾ جهيڙو، فساد، ڪلڪل، گهڻي شروع ٿي وڃي. ۽ اها ليسمن بس نه ٿئي جيستين ٻن زالن مان هڪ راه عدم اختيار نه ڪري يا ويچاري حسرتن جي ماريل ڪوله ڪو طريقه اختيار ڪري، ڪنهن طريقه سان پنهنجون خواهشون ۽ امنگون پوريون ڪري.

اهي أصل خاندان جلد هن ٻئا لمن نه ۾ نوجوان ڇوڪرين سان شادي ڪن. رکو هڪ سال جون اخبارون مطالع ڪرڻ سان ٿبي معلوم ٿي ويندو نه ڪيترا ٻئا، نوجوان ڇوڪرين سان شادي ڪري رهيا آهن- ٦٠ کان ٧٠ ورهين وارا ٻئا ١۴ ورهين جي ڇوڪرين سان شادي ڪن- شادي کان سال ٻه بعد گهوٽ مري وڃي ۽ ويچاريءَ ڪنوار ............

اهڙا مثال ۾ موجود آهن جو شادي جي عمن واسط ٻڌو گهوٽ مري ويو هجي، يا شادي جي وقت موت جي بستري تي انتظار عزرائيل ۾ لرسول هجي.

انمن لزي آهي نه سب انتظار ماٺهو أن ڳالهه جي فائدي ۾

هوندا، مگر حياليءَ جي ڏيپ کان، غريب آدمي انهن ٻوڙهن کي، جي زندگيءَ ۾ گهڻت ٻنهين اَنَّ گهوٽن جو راشن (Ration) کاٽي چڪا هوندا، ڪجهه ۾ چٽي لتا سگهن، ڇو ته ٻوڙهو گهوڙت ڳوٺ جو زميندار آهي. ٻو لمس السپيڪٽر ۽ مختيارڪار سندس درجا سلامي آهن. اصل خاندان آهي. وس وارو آهي ته ڪنهنکي ٻه ڳوٺ کان ليڪالي ڏني، ڪنهنکي ٻه مار ڪٽ ڏني، ڪنهنجي ٻه عزت ولي، ڪنهنجي ٻه دختر، همشيره ۽ ٻوري لي شيطاني نظر رکي، ۽ ڪنهنجي ٻه ڌيءَ سان زبردستيءَ شادي ڪري.

هاڻي في الحال اسان انهن خاندانن کي چلڌي ٻئي طبقي لي اچون ٿا جي انهن خاندانن جا مظلوم وستم رسيد آهن.

اهي صاحب وري هندن والڪر عورت کي ملڪيت سمجهن ٿا. ڌين کي ڀهنجن ٻورن ٻڳن تسليم ڪن ٿا ته اها ٻه سندن ملڪيت جو حصو آهي. اڪري ڌيءَ جي بالغ ٿيڻ بعد ڪمس ڪنهن ته ڪنهن هٿ وڪرو ڪن ٿا، مگر وڪرو نه نيلام وارو ڪم ٿئي ٿو. باقاعده ٻيسن لي مقابلو هلي ٿو، جو گهڻو اَداز ڏئي اُن سان ڇوڪريءَ کي شادي ڪرائي وڃي ٿي.

هندن ۾ هڪ شادي جو طريقو هوندو هو جنهن موجب دوشيزه جا والدين شوهر کان هڪ ٻڳو ولي ڪمس

اُن جي عيوض وڪرو ڪندا هئا. بس ساڳي رسم هت مروج آهي، تمام سٺا ٻڪا (گورنمينٽ فارم جا) هزار ٽائين وڪرو ٿين ٿا ۽ عام طور ڇوڪرين جي قيمت ١٠٠٠ روپين کان وڌيڪ ڪانه ٿئي ٿي - اپر سنڌ فرنٽيئر ۽ فرنٽيئر ريگيوليشن طرفان ڇوڪريءَ جي قيمت ٧٠٠ رپيه ٺهرائي وئي آهي - اسلام غلامن جي وڪري جي منع ڪئي، پر هت ته خود مسلمان غلامن جو واپار ڪري رهيا آهن. آءٌ عرض ڪندس ته اُنهن پيسن جي استعمال لاءِ توهانکي خبر آهي ته سنڌي زبان ۾ ڪهڙو لفظ آهي؟- ونشاپڻ (Prostitution) ۽ هن ڪمائي ۾ ڪو فرق آهي ڇا؟

ٽازو دادو ضلع ۾ هڪ ماڻهو ١٢٠٠ رپيه ميڙهن وڪرو ڪئي جن مان ٨٠٠ رپيه ۾ زال خريد ڪيائين ۽ ٤٠٠ رپيه ۾ زال لاءِ ٽئون گهر ٺهرايائين - ان کي ڇيو وڃي ٿو الساليت.

والدين اهو خيال نه ڪندا آهن ته اسان ڇوڪريءَ جي شادي نوجوان سان ڪرايون ٿا يا پيري سان، سڌريل سان ڪرايون ٿا، يا جاهل سان. فقط اهو خيال رکندا آهن ته اسانکي جام پيسا ملن، بس.

وري ٻيو به هڪ طبقو آهي، جو به عورتن جو واپار ڪندو آهي، مگر هڪ ٽئين ملموعي ۾- ظاهر ته اهو تمولو به دل ڪش ۽ پر حقيقت ۾ سرط ۾ ايندو آهي،

مگر در حقيقت آهن ”ساڳيا ڳڌه ساڳيا آڙ“ ۽ ”ساڳيا والدين ساڳيو ڏيڻ جو وڪرو.“ صرف تفاوت اهو آهي ته هو ڇوڪرين لئي سودو ڪندا آهن. هڪ پنهنجي ڌيءَ پٽي جي پٽ ڪي ڏيندو ۽ اُنجي ڌيءَ جي شادي پنهنجي پٽ سان ڪرائيندو. چاهي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي عمر هڪ ٻئي سان ٺهڪندڙ نه هجي. اُنهن جي خيالن ۽ آئنده جو ته ڪو سوال اُٿي نٿو سگهي، ”بابي ڏاڏي ڪان اُنهن هلندو اچي ٿو ته پوءِ غور ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور.“ مگر ڪيترن حالتن ۾ ان سودي ۾ اُنهن جو سوال به ايندو آهي، جيڪڏهن اُنهن مان ڪا به عورت زياده خوبصورت ۽ ڪم عمر آهي ته اُنجي والدين کي اُنجي عوض اُن ۾ ملندو آهي. رسول الله (صلعم) فرمايو ته ”جو ماڻهو انسان جو واپار ڪري ٿو سو انسانيت کان نڪتل آهي.“ بيشڪ هي ماڻهو انسانيت کان نڪتل آهن، بس انسان فقط اُنترو چئي سگهون ٿا ته خدا شل ڪمن راه راست ڏيکاري.

مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته هندن ۾ ڪيترن قسمن جي شادين جو رواج هو. جن مان هڪ اُهو به طريقو هو ته جيڪڏهن عورت شادي ڪان انڪار ڪري ته ڪنهن ڏني يا ڇوڪرا پڏي يا فقط هار پارائي اجازت وٺي سگهجي ٿي. اسلام ته والدين کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي اختياري ۽ ڪالھ ڏلي آهي ته ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي شاديءَ لي اقرار يا انڪار جي سوال ۾ د سعت الدازي ڪن - ( ڏ سو هند ستاني و اسلامي مطالع از خدابخش )

مگر هنن والدين وٽ پنهنجا اُصول ، پنهنجا شرعي قانون، پنهنجا اختيارات آهن . هو پنهنجي اولاد کي زبردستيءَ ڪنهن سان ۽ شادي لاءِ مجبور ڪري سگهن ٿا . عموما ڇوڪرو شادي لاءِ راضي هوندو آهي ، ڇو ته عوام ۾ شادي جي ڪا خاص معنيٰ ڪانھ آهي ، سواءِ خواهشن جي پورين ڪرڻ جي . هو انهن سمجهن ٿا ته اسان شادي ان لاءِ ڪيون ٿا ته زالون ڏ ينهن جو طعام تيار ڪن ۽ بوقت شب آرام جو سامان ڄڄن ، بس . اُهي اهڙو خيال هرگز ڪونه ڪن ٿا ته اُنهنکي ان عورت سان زندگي بسر ڪرڻي آهي ، انڪري ڪري ۽ ڪوئي جو حساب ڪتاب، اڳ ۾ رکجي . عموما ڇوڪري ان ڳالهه جو گهڻو خيال، ڪندي آهي ، ۽ شادي کان انڪار صرف ڇوڪري، ئي ڪندي آهي . ان حالت ۾ جيڪڏهن ڇوڪري، انڪار ڪري ته پهريائين هنکي ريبي ميڃائڻ جي، ڪوشش ڪئي ويندي آهي ، پوءِ مار ڪٽ ڏني، ۽ قبوليت ورتي ويندي آهي . جيڪڏهن معاملو، وڌي وڃي ته پوءِ ڇوڪري کي ڪوئي ڪونه، ڏني يا آفيم يا ڀنگ کارائي بيهوشي جي حالت ۾ آڻي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُنجي والده ڇوڪريءَ ٻاران قبوليت ڏيندي آهي. هو ڏاڍهن شرعي حڪم آهي ته جيسين ڇوڪري پنهنجي زبان سان اقرار نه ڪري تيسين نڪاح درست نه آهي، ڪنهن جو هلائڻ به ناجائز آهي. (محمد عبدالڪريم اَء - سي - ايس مصنف گناه معصوم). والدين جي اجازت نه دور ٿي، والدين ڇوڪريءَ تي قبضو رکڻ لاءِ به ڪي قوانين گهڙيءَ عام جي آڏو پيش ڪيا آهن، نه شادي جي سوال تي ڇوڪر ۽ ڇوڪريءَ پنهنجي جي والدين جو اقرار بلڪل ضروري آهي. ڪم، ان زبردستي جا مثال نه عجيب ملندا، ڪيترين دفعا هوش ۾ اچڻ بعد ڇوڪريءَ صاف انڪاري واري هوندي يا خودڪشي ڪئي هوندي يا ڀڄي ويئي هوندي. مگر مولڪي هڪ اهڙي مثال جي خبر آهي ته هوش ۾ اچڻ بعد عورت انڪار ڪيو، پوءِ سندس والدين زبردستي پيوءِ ۽ شوهر کي هڪ ڪمري ۾ بند ڪيو. وغيره ............

اهڙا مثال هر شهر ۽ هر ڳوٺ ۾ هر دن هر ماه هر سال ٿين پيا، مگر ڪو به سرڪاري قانون ڪونه آهي جو اُن لئي روڪ وجهي ڪاڻ معاشرتي جماعت ڪانه آهي جا اُنهن جاهلن کي صحيح رستو ڏي اُٿي.

ساڳي طرح هندن جي رسم نه ٻنهي ڏسڻ جي شادي ڪجي سا به مسلمانن وٽ هندن مان آئي آهي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن لي پرده جي باب ۾ روشني وڌي وئي آهي. مگر هت هڪ مثال بدائڻ غير واجب نه ٿيندو ته اهڙي گهراڻي وارن مان ڪنهن شادي ڪئي. وچ وارا ماڻهو ۽ گهوٽ جا عزيز ڇوڪري ڏسي ويا. رقم ڏيڻ بعد (جنهن لي قانونا يا معاشرتا ڪا به بندش ڪانه آهي.) شادي ڪرائي وئي ۽ شادي بعد معلوم ٿيو ته جا عورت ڏيکاري وئي هئي ۽ جنهن سان شادي ٿي سا بلڪل مختلف هئي، فقط گران قيمت حاصل ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو ويو هو.

(Child - marriage) يا ڪم سن عورتن سان شادي ڪرڻ جو رواج به مسلمانن ۾ اڃا چڪو آهي. شاردا انڪٽ ته جاري آهي، مگر لڪ چوري سيڪڙهه ٿيو هلي - جي ڳالهه وئي ته ٺهر پور ٽرس ۾ وچي نڪاح وجهي اچو، آئي ته شاردا الڪٽ آهي ٿي ڪونه. مغلن جي دوران حڪومت ۾ مسلمانن ۾ ڪم سن عمر ۾ مرد ۽ عورت جي شادي جو رواج نه ڪونه هو ۽ ممالعت به هئي، هندن ۾ اُن وقت خاص طرح ڪمسن عورتن سان شادي جو رواج هو. آهر هيءَ بيماري مسلمانن ٿائمن ۾ ڦهلجي وئي. ڊاڪٽرن جو رايو آهي ته ڪم عمر ۾ ڇوڪريءَ جي شادي جو اثر سندس تندرستي تي پوي ٿو، بدن جون رڳون ڪمزور ٿيو پون، قد ۽ بت ۾ واڌ بلڪل گهٽ ٿئي ٿي. جو اولاد آهي

پيدا ڪن ٿيون سو به ڪمزور ۽ ڪم دماغ ٿئي ٿو ته ان عرصي تائين نه عورت جي بدن ڪا ترقي ڪئي آهي ۽ نه دماغ. ١٣-١٤ ورهيه در اصل ڇوڪرين جي کيڏڻ، ڪڏڻ، وڌڻ ۽ والد جا ڏينهن آهن. اڪي ان ڳالهه جي کهڙي تميز نه فرائض بيوي ڪهڙا آهن ؟ فرائض والده ڪهڙا آهن، جنهن ڳالهه تي پرده جي باب ۾ روشني وڌي وئي آهي. عموما ڏنو ويو آهي ته ١٣، ١٤ ۽ ١٥ ورهن جون عورتون ٻار ڄڻڻ وقت ۾ موت جو شڪار ٿيو وڃن. تخمينو ڪيو ويو آهي ته هندستان ۾ جي سال بسال موت ٿين ٿا ان جو ⅕ حصه اُنهن عورتن جو آهي جي ١٣ ۽ ١٥ ورهن جي وچ آهن ۽ وير الهڙجي موت جو ڪارڻ آهي، ان حساب مطابق سالمسال ٢٠٠،٠٠٠ عورتون موت جو للواته ٿين ٿيون. هندن مان اها رسم اصل لڪري وئي آهي، باقي مسلمانن ۾ ١٤ ورهن کان زياده عمر واري ڇوڪري سان نه شادي ڪرڻ معيوب سمجهيو وڃي ٿو. هندن ۾ عورتن جا اينترا موت ڪونه ٿين ٿا جيترا مسلمانن ۾، الڪري مسلمانن ۾ عورتن جو تعداد مردن کان في صدي ٢٣ گهٽ آهي. اُن کان سواءِ ڪثرة الازواج به ڪئي وڃي ٿي، الڪري گذريل ٥٠ سالن ۾ هندو ١٠٠ في صدي الداز ۾ وڌيا آهن ۽ مسلمان ٢٥ في صدي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي سنڌ ۾ پردہ جي حدودن لي ڪجھ ويچار ڪيون. سنڌ ۾ پردہ جي اها حد آهي ۽ پردہ دار حضرات اُن ڳالھ تي فخر ونن ٿا تہ سندن بيوي وغيرہ موت جي ڏينھن ڪالسواء گھر کان ھرگز ٻاھر نہ نڪرندي. ان ڳالھ کي ھڪ خانداني ڳالھ تسليم ڪيو ويندو آهي ۽ جاھل طبقہ ۾ اھڙن ماڻھن جي ڏاڍي تعريف ڪئي ويندي آهي. اھڙيءَ عورتن جي حالت اھا آهي تہ مرد جي اڏ و اچڻ تہ دور ٻاھر آهي، بلڪ ڪنھن ڌاريءَ عورت جي اڏ و ايندي حد شرم ايندو اُن ۽ ڳالھائڻ ۾ بلڪل گھبرائجي وينديون آھن. اھڙن قلعن ۾ مقيد عورتن کي سچ پچ پنھنجي بدن، دل ۽ روح جي قرباني ڪرڻي پئي پوي. نہ ڪنھن تازي ھوا ملي ٿي نہ ڪابہ ورزش. سندن معلومات بلڪل ڪم آهي. پردہ نشين عورتن کي سچ پچ پنھنجي ڳوٺ جي گھٽين جو بہ پورو پتو نہ آهي. مذھب جي پاڪ تاليءَ ۾ اڄ تائين ھزارين نہ بلڪ لکين ظلم ٿيا آھن. حضرت امامنا الاعظم ابو حنيفہ رضي الله عنہ کي بغداد جي قيد خانہ ۾ وڌو ويو. حضرت امام شافعي رضہ کي يمن کان بغداد تائين ھٿڪڙين ۾ بند ڪري آندو ويو. شيخ الاسلام احمد بن تيميہ کي ٽي ٽي دفعہ مصر جي قيد خانہ ۾ بند ڪيو ويو، خود ھندستان ۾ اھڙا گھڻا مثال ملندا

جو کيترن حق پرستن کي مذهب جي نالي ۾ دغا سان قتل ڪيو هجي، ساڳي لمولي ۾ حياداري ۽ پاڪدامني جي پاڪ نالي ۾ هزارين عورتن پنهنجون زندگيون عزرائيل جي حوالي ڪيون آهن. عورتن کي هوا کان محروم، لهرڪ کان پابند، علم کان دور ۽ دنيا کان قطع تعلقات ڪرايو ويو آهي. اهي عورتون بدن جون بلڪل ڪمزور ٿي پيون آهن: بخار، سلهه (Tuberculosis) وغيره بيمارن جو يڪدم شڪار ٿيو ٿيون وڃن - سوين مسلمان عورتون آهن جي پردي سبب سلهه ۾ مبتلا آهن، اهي جوانيءَ ۾ ئي راهه قبر اختيار ڪن ٿيون. عورتن کي پيڙيءَ ۾ بند ڪيو ته ويو آهي، اها انتري وڏي ڳالهه ڪانہ آهي جيترو ان پيڙيءَ کي هوابند (Air tight) بنائڻ خطرناڪ آهي. عورتن جي ان حالت جو اثر سندن اولاد تي پوي ٿو، پرده دار حضرات جو اولاد اڪري بلڪل ڪمزور ٿئي ٿو. اسان صاف صاف ڏسي رهيا آهيون ته هندن پردهہ کي ڇڏيو آهي ته هڪ پشت (Generatin) بعد جا بي پشت (Generatin) پيدا ٿئي ٿي سا زياده طاقتور آهي ۽ مسلمان جيئن پوءِ لڳمن پرده کي سخت ڪندا ٿا وڃن، ان ڪري پشت بہ پشت مسلمان ڪمزور ٿيندا ٿا وڃن. بهراري جون ڪسان عورتون هميشه بي پرده

آهن ، گهڻو ڪري سڀ پاڪدامن رهن ٿيون. اُنهيجو اولاد زبردست ۽ مضبوط ٿئي ٿو. اڄ به اسان جيڪڏهن مسلمانن جي طاقت لئي فخر ڪريون ٿا ته اُنهن ڪسانن جي خاطر. مسلمانن ۾ ڪسان ئي آهي جن ۾ پرده نه آهي ۽ ڪسان آهن جي ئي طاقتور آهن.

شهرن جي نه عورتون سمورو وقت مشغول آهن سي حيادار ۽ پاڪدامن آهن. درحقيقت مشغولي ئي هڪ ڳالهه آهي جا فضول خيالن کان روڪي ٿي. پرده دار عورتن مان ۹۹ في صدي گهرن ۾ بي ڪار ويهن ٿيون ۽ جئين پهاڪو آهي (Idle mind is devil's (Work-shop) بي ڪار دل، شيطان جو آشيانو آهي. انڪري فضول خيال اهڙن عورتن تي ئي غالب پون ٿا، مردن ڏانهن ئي نظر دوڙائڻ ثابت ٿي سگهندو نه جي مرد اڪثر اوقات مشغول رهن ٿا سي زياده پاڪدامن رهن ٿا. ساڳي ڳالهه عورتن سان به لاڳو آهي، عورتن کي پاڪدامن رکڻ جو صرف هڪ ئي رستو آهي ته ڪين ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ ضرور مشغول رهڻ ڏجي. باقي هر ڀيرو انهن چوڻ ته پرده ئي صرف عورتن کي پاڪدامن رکي ٿو، اُن جي معنيٰ آهي ته سڀئي دلها جون عورتون بد اخلاق آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورتن جو لباس به درحقيقت گمراه ڪن آهي.
جن صاحبن موهن جي دڙي مان لڪيل زيورات ڏٺا
هوندا سي ٻاڌ چوندا ته اُن وقت جي زيورن ۽ اڄ
جي زيورن ۾ ڪهڙو تفاوت آهي. سنڌ جي ماڻهن
جي ترقي جي اها حد آهي ته سندن ڪوه به اهڙي
ئي نمولي جا آهن، جهڙا ۵۳۰۰ ورهيه اڳ موهن جي
دڙي وارن جا هئا. سندن پاڻي ڪڍڻ جو رستو
به ساڳيو آهي، اڃا به موهن جي دڙي وارا پاڻي
ڪجهه چڱي رستي ڪڍندا هئا، ۽ کوهن کي زياده
صاف رکندا هئا. موهن جي دڙي وارن جي
بيل گاڏين ۽ اڄ جي بيل گاڏين ۾ ڪو به تفاوت ڪونه
آهي. هر هڪ ڳالهه تي غور ڪرڻ بعد معلوم ٿيندو
ته سنڌ جي مسلمانن جي جديد تهذيب موهن جي
دڙي جي تهذيب کان ڪم از ڪم ۵۰۰۰ ورهيه پراڻي
آهي، اها آهي ترقيءَ جي رفتار. ترقي جو گهوڙو
هاڻي پوئين پيري هلي رهيو آهي. سنڌ ۾ مرد اُها
جتي استعمال ڪن ٿا، جو ٻڌ ڌرم جي دور کان
۶۰۰ ورهيه اڳ استعمال ڪئي ويندي هئي - عورتن
جي جتي ته اڃان به پراڻي آهي (جوتون کي ڪهاڻي)
سنڌ جي مردن عورت کي سڀ کان زياده جا سوا
ڏني آهي، سا آهي گل واري جتي ته پهل سدائين
پير کلهي هلن. رستي تي هلڻ سان جتيءَ جي اٽاربل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوڙ جي ڪڪر ۾ وڃڻ هٿو سيڙهيو وڃن ، ڊوڙ کان
انهن معلوم ٿئي ٿو ته ڪو قافلو اچي رهيو آهي ، جنهنجي
آثار بل ڏوڙ جو غبار آهي .

تو هان موهن جي دڙه جي زيورن تي غور ڪيو ،
۽ اڄ جي زيورن تي ۾ . ڪو به تفاوت نظر نه ايندو -
زيورات جي صورت ، تور ۽ تعداد سڀ هڪ جيترو
نظر ايندو . تفاوت رڳو اهو آهي ته اُن وقت ٽرڙ سان
ٻـڌل جو ٻيو هڪ زيـور هـو ، جو اڄ ڪلهه سنڌ
۾ نه آهي .

موهن جي دڙي جون عورتون هسي ، ٻانهن ڪڙون ،
ٻازوبند ، منڊيون ، مڪليون ، ٻاز يب ، پيڙا ۽ ٻالهين
( جا ٽولب کان ڪلهي تائين هئي ) ۽ ٻيا ڪيترا لنيا
زيور پائيندڙيون هيون ، جن ۽ اُڄ ڪلهه جي ٻهراڙي
جي زيورن ۾ ڪو خاص تفاوت ڪونه آهي .

پروفيسر التيڪر (Positon of Woman in Hindu
Civilization) ۾ عورتن جي پهنجن ڏيوتائن جي آڏو
جدا جدا وقتن تي ناچ ڪنديون هيون ، اُنهن جو
لباس بيان ڪيو آهي - جيڪڏهن اُنهن سڀني لمولن
جي ناچ جا زيور ڳڻيا ڪجن ته في الجمله اُنهن زيورن
جو تعداد ساڳيو ٻيهندو جو ٻهراڙي جي مسلمانن جي
گهرن ۾ رکيل زيورن جو . اُلڪان زيادہ ڪا به شرمناڪ
ڳالهه ٿي ٿئي سگهي ، ته اسان جي عورتن جو بهترين

لباس اهو هجي جو ٻين قومن جي لاڄ جو لباس. ان کان زياده ڇوڪ نہ. خود مولکي شرم ڪو اچي. اڄ بہ جيڪڏهن اسان جون عورتون هر هڪ پستان (Nipple) تي هڪ هر و ۽ ڳوڏن تي ڇمر (جنهن کي پدا پترا ڪو نيمدا هئا) ٻڌن نہ پوء انهن معلوم ٿيندو تہ ويڌ ڪ ٿهڏيب جون ڳالهيون اسان جي حرمخانن ۾ داخل ٿيون آهن.

عورتون خود پنهنجن زيورن تي فخر ڪن ٿيون، مولکي تہ تعجب آهي تہ عورتون اهترا زيور پنهنجي بدن تي ڪيئن ڪٺي سگهن ٿيون. جيڪڏهن مرد کي هڪ ڏينهن اهترا زيور پارايا وڃن تہ اُلکي ڇڪي ۽ سان ڳڏ پيون پيچ اهو بيمار ٿيون ۽ ڇمڪه ۾ ٢٠ وڪڙ ضرور ٿي پون. خيال ڪيو تہ اُنهن سيني زيورن جي لور ڪم از ڪم ڏه سيز لڳي ٿي، سي لڙڪائڻ ڪمتري تہ مصيبت آهي.

ابتدائي دور ۾ هندو عورتن کي لهايت شديد غلامي ۾ رکيو ويو ڪمن حيوانن وانگر سمجهي ويندو هو. تو هان ڪڙين ڏالهن خيال ڪيو ۽ اهو يا گهوڙي جي لعالن ڏالهن بہ هو بهو ساڳي شڪل آهي. اهو جي لاڪملي ۽ عورتن جي ڦلي ڏالهن خيال ڪيو، ڪو بہ لفاوت ڪونہ آهي. ڇورن جي هٿڪڙي ۽ ڪنگڻ جو ذرا تصور ڪيو، ڪو بہ لفرق النظر نہ ايندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خود پيرن جون پاري ڪڙيون غلاميءَ جي نشاني آهي. اهي سڀ زيور اُن اوقات جي ياد آهن، جنهن ۾ عورتن کي سنگهرن سختين ۽ ظلمن هيٺ رکيو ويندو هو. مونکي تعجب آهي ته مسلمانن ان بد رسم کي اڄ تائين الوداع ڇو نه چئي؟ اها بد رسم مقبول عوام چوٽي وئي، اسلامي تهذيب ۾ ته عورتن تي ڪڏهن ظلم نه ٿيو آهي. عورتن کي ڪڏهن غلام نه رکيو ويو آهي. توهان عربي مصورن يا ايراني مصورن جون تڪتل تصويرون ڏسندا ته اهڙو بد زيور توهانکي ڪٿي نظر نه ايندو. جڏهن توهان البيروني کي پڙهي ڏسندا ته پتو معلوم ٿيندو ته اهي زيور ڏهين صدي ۾ هندن جي تهذيب جو مکيه جزو هئا. هندن انهن زيورن کي اڄ تائين نه الوداع ڪري ڇڏي، پر مسلمان الائي ڇو سڪون ۾ آهن.

عورتون خود انهن زيورن مان تنگ آهن، انهنکان پڇو ته معلوم ٿيندو ته هو پنهنجي شوهر کي خوش ڪرڻ لاءِ اهي زيور پائين ٿيون. آءٌ سمجهان ٿو ته اهو مرد جو انهن زيورن تي خوش ٿئي ٿو، سو يا ته جاهل آهي يا مسخرو. عورتون در حقيقت انهن زيورن ۾ تمام بد صورت نظر اچن ٿيون. زيور گران خرچ آهن. سدائين ته پاڻا لٿا وڃن. جنهن عضوي تي زيور پائجي ٿو، سو جلد ڪارو ٿي ٿو وڃي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترين حالتن ۾ چمڙيءَ جون بيماريون پيدا ٿيو
پيون ٿيون. زيور جلد ڪٽجي ڀُرا ٿي وڃن ٿا.
هڪ سال اندر زيورن جي ڪٽجڻ ۽ وري لٿڻ
سر ٺهرائڻ جي ڪري قيمت ۵۰ في صدي
گهٽجي وڃي ٿي. ڪيترو نه چڱو ٿئي جو مسلمان
سالبسال ۵۰ في صدي نقصان سهڻ بدران أها رقم
مسلم عورتن جي تعليم يا واپار يا مسلمانن جي ڪنهن
ٻي بهبوديءَ لاءِ استعمال ڪن.

سنڌ جي جم موت تي غور ڪندي معلوم ٿيندو
ته ۳۰ ورهين جي اندر ٿيل موتن ۾ في ۱۰۰ مردن پٺيان
۲۰۰ کن عورتون مري ويل آهن. أن لاءِ گهڻا اسباب
آهن، مگر هڪ سبب اهو آهي ته اسان جو هندن،
يهودين ۽ ٻين وارو اعتقاد آهي ته ڇوڪريءَ جو
پيدا ٿيڻ هڪ خراب ڳالهه آهي. عورت مرد کان ادني
آهي، انڪري ڇوڪريون ڄمن ٿيون ته أنهن جي
پوري حفاظت نٿي ڪئي وڃي، أنکي نه عزيز ايترو
پيار ۽ محبت ڪن ٿا نه کين چڱو طعام ۽ خوراڪ ملي
ٿي، نه أنهن جي تندرستي تي ايترو خيال ڏنو
ٿو وڃي، پيو نه ٿيو پر روزمره جي خرچي ۾ به
ڇوڪريءَ کي گهٽ ڏنو ٿو وڃي ۽ ڇوڪري کي
وڌيڪ، ڇوڪري کي ٻاهر تفريح لاءِ گهمائڻ ڦيرائڻ
نٿو وڃي، مگر ڇوڪريءَ کي نه ڪي چڱو لباس وغيره

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڇوڪر کي ڀرايو وڃي ٿو. ان ابتدائي غلطي ڪري ڇوڪريون عموماً ٥ سالن کان گهٽ عمر ۾ راهه رٻالي اختيار ڪن ٿيون، جوڪي ٻچن ٿئون ٿن سان سالڊه ساڳي هلت ڪئي ٿي وڃي، ۽ ويهن ٻاويهن ورهين جي عمر ۾ جڏهن سندن جواني جو جوهر گهٽ ٿئي ٿو ته طرح طرح جي امراض ۾ مبتلا ٿي مريو وڃن، وارثن ته اهڙا آهن جي ڇوڪريءَ جي دوا لاءِ حڪيم يا ڊاڪٽر کي ته گهرائين. ٻهريون سبب ته اسان اَصل خاندان ۽ اسانجي ٻيوي، دختر ۽ همشيره جو ڇهرو هڪ غير ڏسي، ٻيو وري اهو به خيال هوندو آهي ته زالون مڙون ته گهٽيون ٿي ٻولديون ٻر مرد مٿو ته ٻوءِ سيڪجهه ويو. آءٌ مرلدڙ ٿي ماتم ڪرڻ کي تمام خراب تسليم ڪيان ٿو، مگر ايترو عرض ضرور ڪندس ته هن رسم ۾ به عورتن سان خيانت ڪئي ويندي آهي، يعني عورت مرلدي ته اُن لاءِ ماتم گهٽ هلندو ۽ مرد لاءِ زياده. مرد جو ساليانه ٻارهو ڪيو ويندو ۽ عورت لاءِ ته - وغيره.

ٽيو سبب آهي ڪم سن شادي (Child marriage) ڪم عمر ۾ شادي ڪري عورت کي بدن کي وڌائڻ جو موقعو نٿو ملي. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته عورت کي جڏهن شادي ته ڪرائجي ته ٢٠ يا ٢١ ورهين لاءِ سندس بدن وڌندو رهندو. مگر جڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳ۾ شادي ڪندي ته سنڌس بدن اڳون حدودن
لي ٻيهي ويندو. شارڊا ائڪٽ هولدي به ڪر عمر
۾ ڇوڪرين جي شادي ڪرائي وڃي ٿي، روزمره
جي زندگي جي مثالن مان ظاهر ٿيندو ته جيڪي
ڇوڪريون ١٨ يا ٢٠ ورهيه جي عمر ۾ شادي ڪن
ٿيون سي ٣٥ يا ٤٠ ورهن تاءِ جوان وخوبصورت نظر
اچن ٿيون، مگر جنجي شادي ١٢ ورهن ۾ ڪرائي
وڃي ٿي سي ٢٠ ورهن تائين ٻڍيون ٿي وڃن ٿيون
۽ اهي جلد مرن ٿيون. هڪ انگريز مصنف ان ڳالهه
تي لکندي لکيو آهي ته هند ستانين جو متو آهي ته:-
(Early to marry, Early to die)
" سوير شادي ڪرڻ، سوير قبر داخل ٿيو."
ڪر سن عمر جي شادي مان ٻيو به هڪ نقصان
آهي- ڪر ستانن، هندن يا ٻين جو ڪهڙو به اصول
هجي، مگر اسلام جو اصول آهي ته شادي ڪجي ٿي
اولاد پيدا ڪرڻ لاءِ. قدرتاً هر هڪ ڇوڪري
شادي کان ١٠ مهينه بعد اولاد پيدا ڪرڻ جي اميد
رکي ٿي. جيڪڏهن ڇوڪري ١٢ ورهن ۾ شادي
ڪري ٿي ته سندس هڪ ضرورت آهي ته ١٣ ورهن ۾
ٻار پيدا ڪري. ڊاڪٽر ان ڳالهه تي سخت زور
ڏين ٿا ته ١٢ کان ١٥ ورهن جي وچر ويم ڪندڙ
عورتن جو ٩٠ في صدي ويم سبهان مري ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيتريون حمل ۾ ناس ٿين ٿيون ۽ ڪيتريون ويم
(Delivery) وقت ۽ ڪيتريون ويم (Delivery) جي
تڪليف مان پار لنگهيون پئجي سگهن. هيءَ ڳالهه
بلڪل سچ آهي. ان کان زياده نقصان اهو ٿئي ٿو
جو ٻچا پيدا ٿئي ٿو سو به ڪمزور، بي طاقت ۽
ڪيترين بيمارين ۾ مبتلا، ۽ اهو به گهڻو وقت زنده
نه ٿو رهي سگهي. مهاتما گانڌي انگن اکرن
سان ثابت ڪيو آهي ته ١٢ ۽ ١٥ ورهن جي وچ ۾
ٻار پيدا ڪرڻ وارين عورتن جو ٩٠ في صدي يڪدم
ختم ٿيو وڃي، ۽ ١٦ ورهن وارين عورتن جو ٣٠ سيڪڙو،
١٨ ورهن وارين جو ١٠ سيڪڙو.

(Woman & Social injustice)

هندو خواه ٻيون قومون پنهنجن عورتن کي ان
مصيبت کان بچائڻ لاءِ برٿ ڪنٽرول جا پاڪيٽ
ڪم آڻين ٿا، جي ڪنهن عرصي بعد سندن لهڊ پيٽ
جو يادگار ٿيو رهندا، مگر اسلام ان ڳالهه جي منع
ٿو ڪري ۽ اسان لاءِ صرف هڪ ئي راهه کليل آهي ته
عورتن جي ٻچپڻ ۾ شادي بند ڪيون ۽ عورتن جي
شادي جي عمر گهٽ ۾ گهٽ ١٦ ورهيه مقرر ڪيون.

ان کان سواءِ ٻيون ۽ مکيه سبب آهي اسان جون
دايون، جي عورتن جو ويم ڪيرائين ٿيون. ڳوٺن جون
دايون لکي ڪا خاص تعليم نه ملندي آهي، نه وري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا خاص ڊگري حاصل ڪيل هوندي آهن، ۽ وري
ڪو آزموده. ڳوٺ جي پوڙهي عورت ڏائي جو
ڪم ڪندي آهي، ويم کي ڳوٺن ۾ هڪ غليظ ڳالهه
تسليم ڪيو ويندو آهي. ڏائي انڪري ويم ڪرائڻ
لاءِ ڪي صاف ڪپڙا ۽ پائيندي آهي، مگر غليظ ۾
غليظ. ڏائي پنهنجي شڪار (مريض) کي ڪنهن
اونداهيءَ ڪوٺي ۾ سمهاريندي آهي، ڇو ته سندن
اعتقاد هوندو آهي ته روشني ۽ صاف هوا عورت کي
ڪمزور ڪندي يا بخار پيدا ڪندي. ڪوٺي جا در
دروازا ۽ سب ٽنگ بند ڪيا ويندا آهن. اندر هڪ
ڏيو ٻاريو ويندو آهي، پوءِ ڏائي پنهنجي شڪار تي
غالب پوڻ جي تياري ڪندي آهي. سندن هٿ
بلڪل غليظ هوندا آهن، ۽ انهن کي صاف ڪرڻ
جي ضرورت نه محسوس ڪئي ويندي آهي. هر
هڪ آڱر ۾ ٻه چار ڪثيل منڊيون هونديون آهن،
تن کي به نه لاهيندي آهي. ننهن تمام وڏا هوندا آهن
جي ۾ گند سان ڀريل هوندا آهن. ٻار کي ٻاهر ڪڍڻ
لاءِ هوءَ مڊوائيفري جا طريقا ڪونه استعمال ڪندي
آهي، ۽ انهيءَ ڪا معلومات نه هوندي آهي. ٻه
ٻار کي هٿن جي زور سان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش
ڪندي آهي، جيڪڏهن انهن ڪرڻ سان ٻار جو ڪو
ٻانهو ڀڃي پوي ته هوءَ ان لاءِ بي پرواهه هوندي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻار کي زور سان ٻاهر ڪڍڻ وقت سندس تيز ننهن عورتن جي عضون ۾ زخم ڪندا آهن. ۽ سندن ننهن جي مر ۽ منڊين ۽ وڏڙهن جي ڪٽ عورت جي اَندرين عضون ۾ رهجي ويندي آهي. ياد رهي ته اِها ڪٽ ۽ مر هڪ زبردست زهر آهي، جو ٿوريءَ مدت بعد عورت جو موت آڻيندو. جيڪڏهن انهن نه ٿيو ته ڪنهن عرصي تائين عورت ان زهر کان لوڙيندي رهندي ۽ سندس باقي زندگيءَ لي اُن جو اَثر رهندو. ٻار کي زبردستيءَ ٻاهر ڪڍندي، عورت جا عضوا بي موقع (Dislocate) ٿي پوندا آهن ۽ عورت کي طرحين طرحين قسمن جون بيماريون ٿي پونديون آهن، جي گهڻو ڪري سندس موت آڻينديون آهن. ڪن حالتن ۾ عورت بچي به ويندي آهي، مگر سڄي زندگي بيمار گذاريندي آهي. ڪن حالتن ۾ ته اهي ٻار کي ٻچ داليءَ ۾ ڦاسائي وجهنديون آهن، پوءِ يا عورت کي ماري ٻار کي جيئرو ڪڍبو آهي، يا ٻار کي ڪپي ٻاهر ڪڍبو آهي. اسپتالن ۾ هر روز اهڙا ڪيس ايندا آهن جن ۾ دايون، عورتن سان ناحق ڪري ڇڏيا هجن. پوءِ نرسون گهڻي مشڪلات بعد ڪامياب ٿينديون آهن. جيڪڏهن ٻار زور سان ٻاهر نه نڪرندو ته هٿن لي ڇاڪ هٽي (ته پل هٿ کهرا ٿين) پوءِ ٻار کي ڪڍيون آهن. ان حالت ۾ به

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاڪ عورت جي اندرين عضون ۾ رهجيو وڃي. مطلب ته ١٠٠ ڪان ٩٩ حالتن ۾ اهي دايون ڪنهن نه ڪنهن قسم جو نقصان ضرور ڪنديون آهن. ناڙي ڪپڻ لاءِ ۽ ڪين ڪو اوزار ڪونه هوندو آهي، بعضي ڪنهن پڃل شيشي جي ڪنڊ سان ناڙ وڪپينديون آهن، ته بعضي بالس جي ڇيٿ سان، يا پڃل ٿمن جي ڪنهن ٺڪريءَ سان، يا ڪوڪي سان، يا ڪاليءَ سان ناڙ وڪپيو ويندو آهي. اهڙڪي گرم پاڻي سان صاف (Sterlize) نه ڪيو ويندو آهي. ڪاٺيون ۽ ڏاڻا ميڇي، گوشت ۽ ڀاڃين سان خراب لڳا پيا هوندا آهن. ان حالت ۾ ناڙي سان گڏ ڪيترا جراثيم ۽ غلاظتون عورت جي جسم ۾ يا ٻچي جي جسم ۾ داخل ٿين ٿا، ۽ آخر انجو نتيجو ماءُ يا ٻچي کي سهڻو پوي ٿو. داين جي انهن خرابين ڪري ٥١ في صدي عورتون مري ٿيون ۽ باقي ٤٩ في صدي ڪنهن نه ڪنهن مرض ۾ مبتلا ٿين ٿيون. بچڻ جو صرف هڪ طريقو آهي ته هر واري شهر مان لوڪلبورڊ جي نرس گهرائجي يا تعلقي جي ويم گهر ۾ ويم ڪرائجي.

هاڻي ڏسڻو آهي ته سنڌ ۾ عورتن جي عام حالت (General Condition) ڪهڙي آهي.

مسٽر چوڌري لکي ٿو ته موهن جي دڙي جي لهڻ يب يافته زماني ۾ عورتن جو قطين لعويلدن،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهن ۾ گھڻو اعتقاد هو. بيمارين جو ڪو خاص علاج ڪونه هو سواء امراض باه جي ڇوته ڪجهه سلا جيئن اُنان هٿ لڳو آهي، باقي عام طور جهاڙن مان ڪم ڪڍيو ويندو هو. ڀاڻ ڀوجا ڪئي ويندي هئي ته بيماري دور ٿئي. ساڳي حالت سنڌ جي مسلم عورتن جي آهي، جوالي ۾ شوهر ڳنڍ لاء پيرن جي ڳولهڻ تي وڃن. شوهر بعد لمناني اولاد ٿئي جنهن لاء پيرن وٽ وڃڻ. اولاد پيدا ٿيڻ بعد جهنڊ، طهر ۽ اولاد جي شادي لاء پيرن لي وڃن. بيماري ٿئي ته ملان وٽان تعويذ وٺڻ وڃن. جانورن ۾ بيماري پوي ته اُنهن جي سڱن کي تعويذ ٻڌن جانور جو کير گهٽ ٿئي. ته مالذاٺيءَ ۾ تعويذ ٻڌن. شوهر ۽ بيوي جو تڪرار ٿئي ته عورتون تعويذ وٺن. مطلب ته هر طرح ڪان تعويذن جي ڏمر:-

ملان سے صدا آرهي هے تعويذ کي،
امراض سے صدا آرهي هے دور دور کي.

مسلم عورتون گھڻو ڪري بي علم آهن اسلام جو حڪم آهي.

” العلم فريضة علي کل مسلم و مسلمة. “

علم هرهڪ مرد خواه عورت لي فرض آهي.
مگر سنڌ جي مسلمانن خلاف حڪم شرع جي عورت تان اهو فرض بلڪل معاف ڪري ڇڏيو آهي، فقط هڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

في صدي مسلمان عورتون پڙهيل آهن. هندن جي
شاسترن ۾ سو لکيل آهي ته عورت ويد نه پڙهي،
عورت صرف مڙس جي خواهشن پورين ڪرڻ لاءِ آهي
۽ ٻارن پالڻ لاءِ. سنڌ جي مسلمانن ۾ شريعت جي
حڪمن ۾ هڪ اهو حڪم گڏي ڇڏيو آهي، سنڌ
جي ١٠ ورهيه جي مسلمان عورت سڪول ڏانهن وڃي
معنيٰ جنگ لي وڃي. سڪول ڪان ته اٿرو ڊڄن ٿيون.
ڪين اهو معلوم نه آهي ته اهو وقت به گذري چڪو
آهي، جڏهن هڪ طرفان نعرو بلند ٿيندو هو ته
الجهاد في السبيل الله ته ٻئي طرفان ڪين عورتون
الله اڪبر جو نعرو بلند ڪري، ميدان جنگ ۾ وڃي
شريڪ ٿينديون هيون. اج به هندن ۾ ٠٠٠، ١٠ هزار
اهڙيون عورتون موجود آهن جي قطع تعلقات ۽ ٻين
ڪانگريسي هلچلن ۾ جيل ۾ ڪاٽي چڪيون آهن،
انهن جي مقابلي ۾ اسان جون سنڌي مسلم عورتون
اهڙيون آهن جو جيڪڏهن ٻڌائون ته گهر ۾ پوليس
وارو آيو آهي ته ڏڪڻ وڃي وينديون ۽ سڄو ڏينهن
ماني نه کائينديون. ترڪي ۾ به عورتون آهن، انهي
جون عورتون به حيادار آهن، انهي به مسلمان آهن،
اسلام ۾ آهي، پر ٦٠ سيڪڙو عورتون تعليم يافته آهن.
مگر سنڌ ۾ عورتن کي پڙهائڻ جڻ شرعي ڏوه آهي.
سنڌ ۾ عورتن لي صرف ٻه فرض آهن. هڪ ماني

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيارڻ، پيو ٻار پر ڇائڻ، ٿيون شوهر جي غير حاضري
۾ ٻاڙي واريءَ سان جهيڙو ڪرڻ ۽ اُن ۾ ڪامياب
ٿيڻ. مگر نه ڪين چڱي طرح طعام تيار ڪرڻ اچي ٿو
نه ٻار پر ڇائڻ. ٻار جيڪڏهن روئي ٿو ته هنن
ڊاڪٽراڻين وٽ صرف هڪ ئي علاج آهي نه ٻار کي
آفيم کارائين، اهو سندن لاءِ هڪ ٽڪ آهي. آفيم
جو اثر ڇا ٿو ٿئي سو ڪنهن کان ڳجهو ڪونه آهي.
بدن ۽ دماغ ڪمزور ٿيو وڃي، دوران خون بلڪل
خراب ٿيو وڃي، بدهاضمو ۽ ٻيون بيماريون وچڙيو
وڃن. ٻارن پر ڇائڻ جو هنر هو ٻاڙي واريءَ کان
سکنديون آهن. ٻار پالڻ جو آءٌ عرض ڪندس نه
هڪ في صدي به ڪين پتو ڪولهي، ٻار روز ١٠٠
دفعه روئي نه ١٠٠ دفعه کيس کير پياريو وڃي، نتيجه
بدهاضمو. ٻار جي علم النفس جو ڪين پتہ آهي، ٻار
کي لنڍي هوندي ڪهڙي تربيت تعليم ملي ٿي،
اُنجو پتہ نه آهي. ٻار روئي ٿو نه اُلڪي جن ۽ پوسـ
جو ڊپ ڏئي سمهاريو ٿو وڃي، جنهنڪري ٻار بزدل
بنجيو پوي. ٻار کي گهر ۾ ڪابہ دماغي، مذهبي ۽
معاشرتي ڪالهہ ٿي پڌائي وڃي، ڪتن، گهوڙن،
اُنن، جنن ۽ هالين جي افسانن سان ٻار کي خوش
ڪيو ٿو وڃي. اهو ٻار وڏي هوندي جنن کان به
ڊڄي ٿو، پرمي به ٿئي ٿو، اجاين ڳالهين ۾ اعتقاد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئيس ٿو. اهو بد اثر اعليٰ تعليم بہ مٿانئس دور
ٿي ڪري سگهي. ٻارن کي صاف ۽ تندرست رهڻ
جي تعليم ڪاٿہ ٿي ملي. مٽي ۽ ڪچري سان کيڏايو
ٿو وڃي، جنهنڪري ٻار غليظ ۽ دائم المريض ٿير پوي.
اُنکي تشدد بہ خواشت جي قوالين جي بدران گاريون
گند سيکاريا ٿا وڃن. جاهل والده اُن جاهل اولاد
تي فخر حاصل ڪري ٿي. جاهل عورتون اولاد کي
ننڍي هوندي ئي چوري ۽ لچائي سيکارين ٿيون جي وڏي
هوندي وڏا ڌاڙيو ۽ ڌاڙيل ٿيو پون. انهن مصيبتن
کان بچڻ لاءِ صرف هڪ ٿي راه آهي، تہ عورت کي
تعليم ڏني وڃي. آءٌ نہ صرف عورت جي تعليم لاءِ
عرض ڪندس، بہ منهنجو عقيده آهي تہ مرد کي
تعليم ملي يا نہ ملي پرواه نہ آهي، مگر عورت کي
تعليم ڏيڻ تمام ضروري آهي، اسان جيڪڏهن
پاڪستان چاهيون ٿا، مسلمانن جي اڳين تهذيب و تمدن
جا خواهشمند آهيون ۽ اُنکي قائم رکڻ چاهيون ٿا تہ
اهو سڀ عورتن جي تعلم تي مدار آهي. عورت ٿي
ملڪ جي ترقي ۽ تنزل جو سبب آهي. علم هڪ
هٿيار آهي جنهن جي امداد سان عورت پهاڙ ۽ درياه
تہ ڇا! بلڪ زمين ۽ آسمان بہ پار ڪري سگهي ٿي.
صرف تعليم ٿي آهي جنهنجي ذريعہ عورت مرد جو
سچو رفيق حياتہ بنجي سگهي ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ عورت جي شادي سچ پچ المناڪي (Tradegy) ۽ لعنت . (Curse) آهي . مرد کي سنڌ ملي ٿي ته عورت کي هر لحظ سزا ڏئي ، سختي ڪري ، اُن تي ٺٺ ولعنت ڪري . ٩٩ في صدي سنڌ جا مسلمان مرد ان لاءِ شادي ڪندا آهن ته پنهنجي شهواني خواهش (Sexual Thurst) پوري ڪن. هو عورت جي تندرستي ۽ حقن جو ڪو به خيال نه ڪن ، اُلٽي غلام ڪيو ٿو وجي . عورت جي غلامي قوم جو نادانستہ جرم (Unconscious Crime) آهي . عورت جو اهو ڪم درجو (Status) قوم تي بدنما داغ ۽ عظيم ترين جرم آهي جو قوم کي تباهه و برباد ڪندو . عورتن کي اهو به پتو نه آهي ته اُنهن جا مردن تي به ڪي حق آهن ، اهو پتو نه آهي ته اسان مردن جي برابر آهيون ، اسان جو ملڪيت تي ڪهڙو حق آهي ، اهو پتو نه آهي ته مرد جيڪڏهن ظلم ڪري ته ڇا ڪيو وڃي ، اهو پتو نه آهي ته اسان به مردن کان طلاق حاصل ڪري سگهون ٿيون ، پر خود پاڻ کي مردن جي تفريح جو سامان سمجهن ٿيون . عورت صبح کان شام تائين ڪم ڪري ٿي ، مرد صرف چند گهنٽا ، ٻهراڙيءَ جي عورتن جي حالت ته سچ پچ رحم جوڳي آهي . ٻهراڙي ۾ ائين سمجهو وڃي ٿو ته عورت زن آهي ۽ زن معنيٰ مار الڪري عورتن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي وئي. خود قرآن شريف ۾ جتي جتي مرد جو
ذڪر آيو آهي اتي عورت جو ذڪر به شامل آهي. هر هڪ
ڳالهه ۾ مرد خواه عورت کي ڪٺو ڪيو ويو آهي.
ٻين مذهبي ڪتابن ۾ ڪٿي به عورت کي مخاطب
لئي حڪم نه ڏنل آهي، صرف مرد کي ئي مخاطب
ڪيو ويو آهي. يعني عورت مرد جي زير دست
(Subordinate) آهي. ڪيس مذهب، نه حق ڏنا آهن،
نه وجود. مگر اسلام جتي مرد کي مخاطب ڪري ٿو
اتي عورت کي به. مثلاً:-

ان المسلمين والمسلمات والمومنين والمومنات
والقانتين والقانتات والصادقين والصادقات والصابرين
والصابرات والخاشعين والخاشعات والمتصدقين
والمتصدقات والصائمين والصائمات والحافظين فروجهم
والحافظات والذاكرين الله كثيرا والذاكرات اعدالله
لهم مغفرة واجراه

" تحقيق جو مرد خدا جي آڏو جهڪيو ۽ جا عورت
خدا جي آڏو جهڪي،
۽ مرد جنهن ايمان آندو ۽ عورت جنهن ايمان
آندو- ۽ مرد جي حڪم بجا آڻن ٿا ۽ عورتون جي
حڪم بجا آڻين ٿيون. ۽ مرد جي مخلص آهن ۽
عورتون جي مخلص آهن ۽ مرد جي صابر آهن ۽
عورتون جي صابره آهن- ۽ مرد جي لهنا آهن، ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورتون جي لهڻيون آهن. ۽ مرد جي ميراث ڏيڻ لاءِ عورتون جي ميراث ڏيڻ گهرجي ۽ مرد جي روزه رکڻ لاءِ عورتون جي روزه رکڻ گهرجي ۽ مرد جي حيادار آهن ۽ عورتون جي حيادار آهن. ۽ مرد جي الله کي ياد ڪن ۽ عورتون جي الله کي ياد ڪن ليون، انهن لاءِ خدا وٽ وڏو عيوضو آهي ۽ الله انهن کي معاف ڪري ٿو."

قرآن شريف مرد ۽ عورت کي هڪ جهڙو درجو ڏنو آهي، اسلام ساڳيو درجو ڏنو آهي، مگر اسان پين مذهبن جون ڳالهيون نقل ڪري پنهنجي تهذيب وڃائي ڇڏي آهي. هن وقت اسان لاءِ صرف هڪ رستو آهي ته عورتن کي سڌاري پنهنجي وڃايل تهذيب هٿ ڪيون. هندن ۰۰۰، ۱۰ اهڙيون عورتون پيدا ڪيون آهن، جي جيل جو حج ڪري چڪيون آهن. هندن ۾ اهڙيون عورتون آهن جي ڪانگريس لاءِ فند ڪٺا ڪري رهيون آهن، سوديشي شين جي پروپيگنڊا ڪري رهيون آهن، مردن جي جيل ۾ وڃڻ تي وڏن نڪرن، ملن ۽ ڪارخانن جو ڪم هلائي رهيون آهن. اخبارون رسالا شايع ڪري رهيون آهن. هندو پنهنجي ترقي لاءِ مرد خواه عورتون گڏ ڪم ڪري پنهنجي درجو، دولت ۽ رتبو وڌائي رهيا آهن. مسلمانن جون عورتون رڳو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرن ۾ بي ڪار ٿيون آهن، ڪو ڪم ڪونه ڪن. ڏيو ڳالهيون ڪري ڄاڻن ته ٻه ڇڱو. پنڊت جواهرلال نهرو ان ڳالهه تي لکندي چوي ٿو ته ”اها قوم ڪيئن ترقي ڪندي جنهن جي اڌ آدمشماري گهرن ۾ قيد آهي، ۽ ڪو ڪم نٿي ڪري.“ ان ڪري ضروري آهي ته عورتن کي هندن تان ڪاهي ڪيل رسمن کي الوداع چوڻ گهرجي، جو مرد جو نالو نه ته کڻن، اسپتال ۾ وڃن ته اتي پنهنجي شوهر جو نالو نه کڻن، پٽ بيمار هجي ته اسپتال ۾ انجي والد جي نالي ٻڌائڻ کان انڪار ڪن، شوهر کي مالڪ، ٻاڻ وغيره نالي سان ڪوٺڻ، شوهر سان پين جي روبرو نه ڳالهائڻ، ان کان منهن لڪائڻ، وغيره. انهن جي تهذيب جو جزو ٿي چڪو آهي. مسلمان عورتن کي هر هڪ بد رسم کي الوداع ڪري حقيقت کي چنبڙڻ گهرجي. هندو عورتون جي ستياگره هلچل ۾ جيل ۾ وڃن ٿيون ته انهنجي حب الوطني آهي، مگر مسلمان عورتن کي آزادگي لاءِ لڙڻ فرض آهي، چو ته ”غلام مسلمان ٿي نٿو سگهي.“ (قرآن)

ان ڪري عورتن تي فرض آهي ته ملڪي جد و جهد لاءِ لڙن. ملڪ لاءِ لڙڻ مسلمانن وٽ حب الوطني نه آهي، بلڪ فرض آهي. مولانا آزاد فرمايو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مسلمان کو یا آزاد ھوکر زندگي بسر کرني چاھيئے، یا مٽ جانا چاھيئے، ٽيسري راھ اسلام مين کوئي نھين.“

جھاد جھڙو مردن لاءِ فرض آھي، تھڙو عورتن لاءِ. الڪري ھندو عورتن کي جيل ڏاڍو وڻندي ڏسي، تعجب ڪرڻ نه کپي، بلڪ ياد ڪرڻ گھرجي ته اھو فرض اسان جون مائر ۽ ڀينر اڳي ڏيئي چڪيون آھن. جن ميدان جنگ ۾ ليڙ ھنيا ۽ جھليا. اسان جي عورتن کي به اُن لاءِ تيار ٿيڻ گھرجي ۽ جڏھن الله اڪبر جو نعرو بلند ٿئي ته اسان جي مسلم عورتن جو جواب ھجي.

لبيڪ لبيڪ لبيڪ

# ۲۰- ادراڪ

هن ڪتاب جي لکڻ ۾ ڪيترن انگريزي ۽ اردو ڪتابن کان ٽُڪرا ورتا ويا آهن - جنجا ناالا هيٺ ڏنا وڃن ٿا. ڪيترن مصنفن جا ناالا وسري ويا آهن، انگريزي صرف انهن ڪتابن جا نالا ڏجن ٿا.

1 English Translation of Holy Quran by Md. Ali
2 Woman by Kidwai
3 Woman and social injustice by M. K. Gandhi
4 To the women by M. K. Gandhi
5 Hindu manners customs and ceremonies by Abbe Dubois
6 Position of women in Hindu Civilization by Altekar
7 Mother India by Miss Mayo
8 Sayings of prophet by Suhurworthy
9 Women and marriages in India by Tomas
10 Awakening of Asia woman-hood by Marget and Cousins
11 Position of woman in India by Maharani of Baroda
12 Subjection of woman by Jhon Stuart Mill
13 History of Intellectual developement of Europe
14 I go west by Karaka

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

15 Mohan-jo-daro- by Chaudhary
16 India and Hindus by Ward
17 Studies Indian and Islamic by Khuda Bux
18 Arab Civilization by Joseph Hell
19 History of Islamic people by Khuda Bux
20 Islam in the world by Dr. Zaki Ali
21 Decline of Roman Empire by Gibbon
22 Cultural side of Islam
by Mohamud Mamaduke Pickthal
23 Slaves of Gods by Miss Mayo
24 Alberuni's India by Sachau
25 Uncle Sham by K. L. Gauba
26 Rise Decline and fall of Caliphate
by William Muir
27 Early Caliphate by Md. Ali
28 Verdict on England by K. L. Gauba
29 Religion of Islam by Md. Ali
30 Origin of Moral Ideas by West Mark
31 Woman in Soviet East by Margret G. Green
32 India should know Turkey by F. Scole
33 Turkey at cross roads
34 Turkey Decadence and rebirth
35 Modern Iran
36 Ideal Mother Hood
37 Psychology for every man and woman
38 Woman in Soviet Russia
by Margret G. Green
39 Woman in Nazi Germany
by Margret G. Green
40 Woman Hood and Tomorrow
by W. L. George

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

41 Woman's mystries (Ancient and Modern) by Esther Harding
42 Women's Liberary Education and Profesion
43 Most woman by Alec Waugh
44 Careers for girls
45 Woman in Nazi Germany by Kirkpatrik
46 Web of Indian Life by Margret E. Noble
47 Marriage Warre by Bradley Wells
48 Conflict in Earth and West by Halide Edib
49 Our cause by Serojini Naidu
50 India a step mother
51 Woman of India
52 History of Mhoorish rule in Spain
53 Woman in Ayamutul Arab
54 Heroines of Islam
55 Nepolian the great
56 Biography of Rossue
57 Father India
58 The holy Mothers
59 Spirit of Islam by Ameer Ali
60 Ethics of Islam by Ameer Ali
61 Islam by Ameer Ali
62 Influence of Islam by Bolus
63 Islam at Cross Road by Lacy O'Leary
64 History of marrige
65 Preaching of Islam by T. Arnold
66 Omar the great
67 Dynasity of Umayas
68 Empire of Zingis
69 Dry leaves from young Egypt.
70. Journal of Royal Asiatic Soc: 1927 and 1892.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فارسي ۽ اردو ڪتاب

١- حقوق زوجين ابو علي مودودي
٢- پرده " "
٣- قران اور پرده عظيم بيگ چغتائي
٤- حديث اور پرده "
٥- مضامين عبدالماجد دريا آبادي
٦- الهلال ۽ البلاغ جا ڪجهه مضمون ابوالڪلا آزاد
٧- جگ بيتي از جواهر لال نهرو
٨- مسلمان عورت از ابوالڪلام آزاد
٩- خواتين اسلام ڪي بهادري سليمان ندوي
١٠- فتوحات اسلام
١١- اڪبر نامه
١٢- منتخب التواريخ عبدالقادر بدايوني
١٣- تاريخ فرشته
١٤- تزڪ جهانگيري
١٥- تزڪ بابري
١٦- همايون نامه گلبدن بيگم
١٧- فردوسي (Life & Works.)
١٨- تهذيب اخلاق حصه دوم از سر سيد احمد
١٩- بيگمات ڪے آنسون حسن نظامي
٢٠- سيد الفاطمه ابوالقاسم رفيق دلاوري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

M.H. Panhwar Trust Library


٢١- گلبدن بيگم
٢٢- سلطان رضيه (از فرشته - بدايوني - مبارڪ شاهي - برني)
٢٣- زيب النساء
٢٤- سيرت صحابيات از معين الدين ندوي
٢٥- تذڪرة النساء
٢٦- ظفرنامه
٢٧- چچ نامه
٢٨- تاريخ معصومي
٢٩- تحفة الڪرام:-
٣٠- تاريخ رشيدالدين خاني
٣١- تمدن هند سيد حسن علي بلگرامي
٣٢- تمدن عرب سيد حسن علي بلگرامي
٣٣- سفرنامه ابن بطوطه
٣٤- جو لون ڪي ڪهاني
٣٥- تاريخ صقليه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”قائداعظم جي تقرير“

(جا ۲۵ مارچ ۱۹۴۱ ۾ مسلم انسٽيٽيوٽ هال ڪلڪتي ۾ مسلم عورتن جي آڏو ڪئي.)

”هر هڪ مسلم عورت جو قومي فرض آهي ته پاڪستان جي جهد و جهد ۾ حصو وٺي. اڄ مسلم عورتن جي زندگيءَ ۾ نئون روح ڦوڪجي چڪو آهي. ڪابه قوم جا دنيا جي تخت تي زنده رهڻ گهري ٿي، سا عورت جي مدد کانسواءِ ڪجهه نه ڪري سگهندي. اڄ پاڪستان جو نعره مسلمانن جي گهر ۾ داخل ڪري مسلم عورتن لاءِ باعث اميد ٿيو آهي ...............

مگر اَفسوس آهي جو اسان ۾ ڊاڪٽرياڻين، ماسترياڻين پروفيسرياڻين ۽ نرسن جي ڪمي آهي. ...............
......... قدم اڳتي وڌايو ۽ مٿين ڌنڌن ۾ مهارت حاصل ڪري بنگال ۾ نئين زندگي جو ٻج ڦوڪيو ۽ ٻين لاءِ رهبر بڻجو.

ان لاءِ تعليم لازم آهي، پاڻ تعليم حاصل ڪيو پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيو.

”اهوئي هٿ جو پينگهو جو لوڏي ٿو سوئي دنيا تي حڪومت ٿو ڪري“ اولاد کي اَهڙي تربيت ڏيو جو مسلم انڊيا جي مستقبل جا اَبا بڻجن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جنگي اسلام لاءِ محبت ۽ صداقت هجي، اسلام ۽ قوم جي راهه ۾ قرباني ڪن.

پنهنجون ڪوششون هڪ ڀيرو، ٻه ڀيرا ۽ ٽي ڀيرا هلايو. غفلت ۾ وڃايل وقت جو پورائو ڪريو. مردن سان شانه بشانه (ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي) ميدان جنگ قدم رکو، ۽ قومي ترقي ۽ بهبودي ۾ حصو وٺو ته دنيا جي ڪا به طاقت اسان کي پاڪستان حاصل ڪرڻ کان روڪي نه سگهندي.

(Dawn 27 th March 1946)

( پورو ٿيو )

Printed by K. M. Jani. at the India P. Press,
Merewether Tower, Karachi.
and published by Poohar mohomed Hussain,
Engineering College, Karachi.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com